ABC Certified

سوجهرو

جون 2014

سال:15. شمارو:183. قيمت: 50 روپيا. ڏيساور ۾ ساليانو قيمت: 50 آمريڪي ڊالر

# سنڌي ٻولي قومي ٻولي

## وچور

**ايڊيٽوريل:**

ٽچ مي پليز... تاج بلوچ

**نقطۂ نظر:**

روشنيءَ جون ريڪائون (آخري)... امداد حسيني
پيار جي رڪ هيرمن ۾... حفيظ ڏيرو

**سرمد سنڌي جو انٽرويو:**

شاهه شهيد هيرو ناهي؟ ڊاڪٽر شير مهراڻي

**ادبي رپورٽ:**

راشد مورائي جو چاليهو... منور ڪيهر

**ناول/ناوليٽ:**

اسٽيل جا پنج گلاس (12)... ڊاڪٽر رسول ميمڻ

**ڪهاڻي:**

جاڙڪيءَ جي ڪَپ تي... بادل جمالي
رت جو گرڙو... ج.ع. مگهاڻي
پريم جو پاڻي... جهان آرا سومرو
خاموشيءَ جو اونده... محمد علي پٺاڻ
مداري ۽ ولي محمد... انور شيخ
زندگي... فوزيه ناز
اطمينان... ذوالفقار گاڏهي
راز... ساڻي محبوب زنگيجو
لڪير... شوڪت لوهار
پلاند... ايس. سرمد
ڏڪار ۽ ٻيون ڪهاڻيون... محمد دين راڄڙي
بي غيرت... زاهد ميراڻي

**سنڌ ٻيهر گَر موڙيا:**

حُر گوريلا جنگ (16)... سائين رکيو

**آتماڪٿا/من ڪٿا:**

پاتم جهاتي جهان ۾ (33)... شيام ڪمار
لاڙ جي ماستري (آخري)... عاشق منگي

**نظم:**

امداد حسيني، شيام ڪمار، صنم نجيب، سفير ڪنير ۽ شير هاليپوٽو.

**غزل:**

ج.ع. منگهاڻي، حسين جاگيراڻي، اداسي جکراڻي، خليل عارف سومرو، ساحر راهو، حيدر مهراڻي، مشتاق بخاري، بيتاب ناپر، بيوس بهار سومرو، قادر سيال، الفت وسيم ۽ گل خاصخيلي.

## ٽچ مي پليز...

ڪلاسيڪي ادب هر صورت ۾ نه رڳو ماضيءَ جي ڪيفيتن کي وائکو ڪري ٿو، پر ان جا اولڙا هلندڙ دور ۾ به پسجي سگهجن ٿا. مايوسي، ڀڏتر ۽ غير معمولي بڻجڻ سميت ٻيا به ڪئين مونجهارا، سول سوسائٽيءَ کي اڄ به درپيش آهن.

’ڪرائيم ۽ پنشمينٽ‘ دوستو وسڪيءَ جو عالمي سطح تي وڏو ۽ مڃيل ناول آهي جيڪو پنهنجي عهد جي ذهني ڇڪتاڻ ۽ ٻين معاشرتي گهٽ وڌاين تي روشني وجهي ٿو.

ناول جو مکيه ڪردار رسڪولينڪوف هڪ سرت ڀريو ۽ همدرد انسان آهي جيڪو دنيا جي چوڌاري پکڙيل سمورن ڏکن سورن جي ادراڪ سميت انهن خلاف احتجاج به رکي ٿو. هو پنهنجي دور جي ماڻهن جي بي وقعتي ۽ رياستي جبر کان ڪاوڙيل به آهي. عوام منجهان هوندي به هو پاڻ کي لاوارث، هيڻو ۽ ڪجهه سمجهي ٿو. پر ساڳي وقت هو انهيءَ سموري صورتحال کي، اهڙي صورتحال ۾ آڏيندڙن جهڙو ٿيڻ جي آس رکي معمولي ماڻهوءَ منجهان غير معمولي انسان بڻجڻ چاهي ٿو. اهڙو غير معمولي جيڪي غير معمولي ماڻهو شهرن جا شهر تباهه ڪري خون جا درياهه وهائي ڇڏيندا آهن. ۽ پوءِ فتحمندي جي نشي ۾ ڪڇين ۾ هار پائي ٻانهون لوڏي هلندا آهن، جيتري وڏي تباهي ۽ خونريزي هوندي، ڪين ايترو ئي وڏو، غير معمولي ۽ معتبر ماڻهو سمجهيو ويندو. ۽ انهن کي بهادر ۽ نرالي ماڻهو هجڻ جا تمغا پڻ ڏنا ويندا.

رسڪولينڪوف غير معمولي انسان بڻجڻ جي اميد ۾ روزمره جا نيم ترڪ ڪري مالڪ مڪان وياج خور پوڙهيءَ کي قتل ڪري ٿو. ۽ پوءِ انهيءَ ڇڪتاڻ ۾ ونجي وڃي ٿو ته انهيءَ قتل لاءِ هو مجاز به هو يا نه؟ اصل ۾ اها ڇڪتاڻ ئي ناول جو مرڪزي نقطو آهي. هو پاڻ کي غير معمولي انسان ثابت ڪرڻ ۽ حاڪميت جا مزا ماڻڻ جو خواهشمند آهي. ۽ ٻي پاسي هو ڏسڻ ٿو چاهي ته آيا هو بي وقعت، لاوارث، هيڻو ۽ ڪجهه آهي يا اهو غير معمولي شخص جيڪو نئون سوچي ۽ ڪجهه نئون ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿو.

’ڪرائيم ۽ پنپشنميٽ‘ جو هيرو رسڪولينڪوف انهيءَ خيال ۾ گرفتار آهي ته انسانيت جي ڀلائي لاءِ قتل ۽ غارت گريءَ کان به نه ڪيٻائجي. هو اهڙي نوعيت جي مجرماڻي عمل کي عام ماڻهوءَ جي بهتري جو ڪارڻ ۽ جائز سمجهي ٿو. ”غير معمولي شخص کي اهو حق پاڻمرادو حاصل ٿيل آهي ته هو پنهنجي ضمير مطابق، راهه ۾ درپيش رنڊڪن کي روڪي ۽ انسانيت لاءِ ڪارائتي عمل يعني قتل ۽ غارت گريءَ لاءِ اڳتي وڌي وڃي.“

ڪردار جو تجزيو ڪبو ته هن جي ذهن ۾ نئين سرشتي لاءِ ڪو به پروگرام ناهي. هو صرف پراڻي ۽ مدي خارج نظام خلاف من ۾ مونجهه محسوس ڪندي غير فطري طور فطري حدون لتاڙي غير معمولي ماڻهو بڻجڻ چاهي ٿو. ۽ هن جي ’ٿيسس‘ پهرين وڪ ڪٽڻ سان ئي ناڪام بڻجيو وڃي ٿي. ڇاڪاڻ ته غير معموليپڻو پنهنجي ليکي ڪنهن پروگرام ڪانسواءِ ڪا به شيءِ ناهي.

اسان وٽ به گهڻن ڏهاڪن کان، معمولي ماڻهو غير معمولي ماڻهو بڻجڻ لاءِ اهو ڪجهه ڪري رهيا آهن جيڪو رسڪولينڪوف سوچيو. اسان جو پنجهٺ سالن وارو پراڻو ۽ گهوٽالي وارو دور لڳي ٿو ته اڃان ساڳيو آهي. ۽ هتي به رسڪولينڪوفن جي گهڻائي آهي، جيڪي ڪنهن visionڪانسواءِ قتل ۽ غارت گري ڪري اقتدار ۾ رهڻ جا خواهشمند رهيا آهن ۽ شايد اهو سلسلو اڃا رڪيو ناهي.

**تاج بلوچ**

0300
0313
0332
9288496

tajbaloch2505@yahoo.com

مئينيجنگ ايڊيٽر: فراز بلوچ
ايگزيڪيوٽو ايڊيٽر: تاج بلوچ
ايڊيٽر: ڊاڪٽر شير مهراڻي
آرٽ ۽ فوٽوگرافي: هالار احمد

خريداريءَ جا اگهه:
رجسٽرڊ ٽپال: =/700 ساليانو
سادي ٽپال: =/600 ساليانو

آفيس ايڊريس:
بنگلو نمبر: 177، بلاڪ: 7
گل هائوسز، گلستان جوهر ڪراچي.

هي رسالو ايڊيٽر/پبلشر تاج بلوچ ذڪي سنز پرنٽرز آءِ آءِ چندريگر روڊ ڪراچيءَ مان انور ذڪيءَ وٽان ڇپائي بنگلو نمبر: 177 بلاڪ 7 گل هائوسز گلستان جوهر ڪراچيءَ مان پڌرو ڪيو.

نقطه نظر/ آخري قسط






امداد حسيني

”جهنگ ۾ ٻارڙي جو پڙهڻ ۽ مال جو پرسان چرڻ“ وارو تعليمي فلسفو وقتائتو ۽ عمل جوڳو آهي. ان ريت سنڌ ۾ هڪ انقلاب اچي سگهي ٿو. پر جاهل، ڪرپٽ ۽ بي حس حڪمرانن کان اهڙي اميد رکڻ ٻوڙن کان ٻير گهرڻ وانگر آهي. عارف مظهر جو هي غزل سڄو Quote ڪرڻ جهڙو آهي:

فنا ڪي ڦوڪ ڏئي اسان بقا ٻڻائي ٿا ڇڏيون
هوا ۾ تار ڪي ڇُهي صدا ٻڻائي ٿا ڇڏيون
اسان جي بادشاهي آ اسان جي آ قلندري
اسان جي ڌرتتيءَ کي گهڻا ٻڻائي ٿا ڇڏيون
عجيب پنهنجي سادگي عجيب پنهنجي بندگي
عجيب آدميءَ کي خدا ٻڻائي ٿا ڇڏيون
وڄائجي وجود کي ٻلي ٻه ڪوئلو هجي
اسان ٻه رنگ کي ڪٽي حنا ٻڻائي ٿا ڇڏيون
’لطيف‘، ’سچل‘ ۽ ’اياز‘ ساڻ پنهنجي دوستي
اسان ٻه هي وجود لا فنا ٻڻائي ٿا ڇڏيون.

غزل اهوئي غزل آهي، جنهن ۾ تغزل هجي. لثايت ۽ رمزيت هجي. ته در ته معنويت هجي. جنهن جو مثال عارف مظهر جو مٿيون غزل آهي. فنا ۽ بقا زندگيءَ جو مُک فلسفو آهي. ڇڪي تاڻي ان کي کير تصوف سان وڃي ملائي ته اِن ۾ اسان جو ڇيٽ نه ڪَتي! اهو تغزل عارف مظهر جي ’هوا ۾ هُل مچي ويو آ‘ ۾ ٻه هڪيو آهي. ان ۾ ’سارسُرمائي‘ جو ته جواب نه آهي:

اسان وٽ رات هئي آئي اوهان جي سارسُرمائي
تڏهن خاموش هٽڙن جي دعا ۾ هُل مچي ويو آ
وري منصور جون يادون وري سُولي وري ڦندا
الائي ڪير آ جنهن جي صدا ۾ هُل مچي ويو آ
وري فرعون وانگر اڄ خدا جي ڪنهن ڪئي دعوا
وري ساري خدائي ۽ خدا ۾ هُل مچي ويو آ.

سعيد ساقيءَ جا ڪجهه شعر:

ٻنل بارشن ۾ نظارا رهيا
مگر نيڻ پنهنجا اجارا رهيا
اچي هو مليا جي ته مرڪي پيس
ٻه ٽي ڏهڪ مون وٽ اُڌارا رهيا
ڪري پار ڪشتي سگهيس ڪين مان
ڪٽي آنءَ ڪاٺي ڪنارا رهيا

—

تيز طوفان ۾ آئون تنها ٻڪي
ڪشمڪش ۾ اچي آ وئي زندگي
ديپ ٻرندڙ ڪي وسائيندي رهي
چو هوا مون کي ستائيندي رهي

ممتاز ڪوڪر جا ڪجهه شعر:

ڪو ٻلا ڪنهن لاءِ مئو آ، ڏس ڪٽي
پاڻ کي جيئري تون ماري ڇا ڪندين
ڪير ايندو روشني تنهنجي ڏسي
راهه ۾ تون ديپ ٻاري ڇا ڪندين
شل نه پٿر دل ٿئي انسان جي
سنگدل کي روز ساري ڇا ڪندين.

قافيي جي شاعريءَ ۾ پنهنجي اهميت ۽ سونهن آهي. ٻڻائجو، آڻجو، نهارجو/ اداسيون، ارڏايون، غلاميون/ عذابن، پراون، پساهن/ ادائن، تارن/بهارن، هوائن، شرابن. . . جهڙن قافين تي شاعرن کي پاڻ سوچڻ گهرجي ۽ ڏيئو، اوسيئڙو، ڊونهون تي ٻه.

شبير ٻروهيءَ کي 29 سالن جي ڄمار ۾ ڪراچيءَ ۾ شهيد ڪيو ويو. اُن جو هي سڄو غزل Quote ڪرڻ جهڙو آهي ۽ جڻ پاڻ ان ۾ پنهنجي شهادت جي اڳڪٿي ڪئي اٿس:

سگريٽ ٿي ٻرياسين هن جي اکين جي آڏو
هر هر ڌُکي جلياسين هن جي اکين جي آڏو
گل ٿي گلاب جو هن در تي پيو رهيس، پر
هن ڪان ڪنيا نه ٿياسين هن جي اکين جي آڏو
ڪنهن جي ڪتاب جا جڻ ڦاٽل پنا هياسين
اُڏري وري ڪرياسين هن جي اکين جي آڏو
مون کي شبير چاهت ڏيئي سگهي نه شهرت
گمنام ٿي رهياسين هن جي اکين جي آڏو.

شبير ٻروهيءَ جي هڪ ٻئي غزل جا شعر:

هر گهٽيءَ اشتهار بدنامي
عشق ڪان پوءِ پي مڙياسين ڪونه
چنڊ وانگي نه ورشني ڪئي سين
گل وانگي ڪڏهن ٽڙياسين ڪونه.

شبير جو هيءُ شعر حيرت انگيز آهي. رات، تنها چنڊ، گهٽي، وڄايل ٻار- سڀ استعارا ٻڌجي ويا آهن. شبير ٻروهيءَ جي شاعري کيس شاعريءَ ۾ زنده رکڻ جهڙي آهي:

ڪنهن وڃايل ٻار وانگر رات جو
چنڊ پي تنها گهٽيءَ ۾ ٿو رهي

ابرابر ابڙو جا ڪجهه شعر:

اُداس ٿيان ٿو، لُڇي پوان ٿو، ٽُٽي جڙان ٿو، جُڙي ٽُٽان ٿو
پراڻي چولي جيان هميشه، ٻڪيو ٻڪيو ٿي اڌيڙجان ٿو
ڪڏهن گلابن جيان ٽڙان ٿو، ڪڏهن ستارن جيان ڪڙان ٿو
اداس صحرا جو چنڊ آهيان، مان جهاڳجان ٿو مان جهيڙجان ٿو.

هر شعر جي مصرع اوليٰ ۾ ٻٽو قافيو- پوان، ٽُٽان/ ٽڙان، ڪڙان. . . ٻه سنڌي غزل جو خاص رنگ انگ آهي. ان غزل جا قافيا- سهيڙجان، ميڙجان، اُڌيڙجان، ڇيڙجان، جهيڙجان، کيڙجان- نيٺ سنڌي قافيا آهن. مون کي سُڌ ناهي ته لسانيات ۾ ٻوليءَ جي ان حسناڪيءَ لاءِ ڪهڙو اصطلاح آهي. سندس هڪ غزل جا ٻه شعر:

حياتي سموري حصا ٿي وياسين
سدا پوءِ ٻه دل ۾ رهيو لاڙڪاڻو
جڏهن رات ڪنهن لاءِ رُلندي ڏٺائون
تڏهن چنڊ تارن ڪيو آجياڻو.

ابرار جو نظم ٻه هڪ مڪمل نظم آهي، جنهن ۾ هن ڳيريلي، ننڍپڻ، ماءُ، جوانيءَ ۽ حسينا جي سارَ کي سڪ جي سڳي ۾ پويو آهي. توڙي جو ڪٿي ڪٿي ٻي وزني ان جي روانيءَ کي ڇيهو رسائي ٿي:

جڏهن ڳيريلي جون گهٽيون
ٻه اُس ۾ ڇانوَ ڏينديون هون
جڏهن ڳيريلي جا رستا
رلڻ لئه رات ڏيندا ها.

’هون‘ آهيون جو مخفف آهي يا هيون جو؟ ان ريت ’پوءِ‘ کي ’پ‘ ڪرڻ ته نيڪ آهي. پر ان جو ’و‘ حذف ڪري ’پ‘ ڪرڻ تي شاعرن کي ويچارڻ گهرجي. اهڙا ڪيترائي لفظ آهن. اسم تصغير، مخفف، ضميري پڇاڙيون، اڳاڙيون، ٻٽا لفظ، احذاف، ايستائين جو صورتخطي- انهن جي گهري ڄاڻ ۽ تزواهپو. عروض/ماترڪ ڇند، سُر- انهن جا قاعدا قانون، اصول، لوازمات- انهن سڀني جو پورائو لازمي آهي. رڳو ڪنوڻ تي مال ڪاهڻو ناهي. ان ڪانپوءِ پهاڪا آهن. چوڻيون آهن. اصطلاح آهن. محاورا آهن. اعرابون، بيهڪ جون نشانيون آهن. اها ذميواري ته آهي ئي آهي، پر ان لاءِ شاعر جو فطرتاً شاعر هئڻ لازمي آهي. جن شاعرن ۾ اميدون آهن، انهن جي ذميواري ٻه وڌي وڃي ٿي. نظم جي وچ تي ابرابر ’ماءُ‘ جو ذڪر ڪري ٿو. (ان بند ۾ هئس ۽ هوس، ٻئي ڪتب آندل آهن. ڇمندو هوس، سمهندو هوس وڌيڪ سرل آهي):

اسان چنڊ- رات جون چڱليون
هوائن ۾ اُڏائيندي
جڏهن گهر موٽندا هئاسي
”ته چو ماني نه کاڌي ٿئي؟“
کلي مان اُن جي جهوليءَ ۾
ڪئي ڳالهيون ڪندو هئس ۽
پيو ماني ٻه کائيندو هوس
امڙ وارن ۾ هٿ ڦيري
پوءِ چوندي هئي کلي مون کي
”نه رُل ابرار ايڏو تون
صبح اسڪول وڃڻو ٿئي!!“
۽ پوءِ هوءَ نرڙ چمندي هئي
مان هُن جا هٿ چمندو هوس
انهيءَ جي جهول ۾ ئي پوءِ
سڄي ڏينهن جو مان ٿڪ اڇلي
سڪوني ننڊ سمهندو هئس!!

’ماءُ‘ جي پُٽ لاءِ سڪ ڇڪ کي ۽ پٽ جي ماءُ لاءِ اُڪير کي هُن ڏاڍي پيار سان اُڪيريو آهي. ’کائيندو‘ جي جاءِ تي ’کيندو‘ اچي سگهيو پئي، جيڪو لاڙي لهجو آهي. سڀ لهجا- لاڙي، اترادي، ڏاتڪي، لاسي ۽ ساهتي- سنڌي ٻوليءَ جا لهجا آهن. شاعرن کي نه رڳو ان جي سُڌ هئڻ



# گنج مستند رسالو آهي
# شاهه شهيد هيرو ناهي!
# سرمد سنڌي

شير مهراڻي

*** توهان پنهنجي شروعاتي تعليم ۽ تعارف بابت ڪجهه ٻڌايو ؟**

** مون پرائمري تعليم ميرڻ ماڇي ضلعي لاڙڪاڻي مان حاصل ڪئي. منهنجن استادن ۾ عبدالرحمٰن مهجور جيڪو شاعر به هو، استاد شاهه محمد سولنگي، عباس علي چانڊيو، مولوي محمد دائود (مفتي) جيڪو ديوبند جو عالم هو.

منهنجي ڪل تعليم اها آهي. شروعاتي ڪرت هارپو هئي. مون پلا ڏاند ڏاريا. ٻنيون آباد ڪيون. هارپو خوب ڪيو. ۽ پوءِ ڪجهه وقت لاءِ سعودي هليو ويس. ۽ پنهنجو هڪ خواب ته پنهنجن پٽن کي مئٽرڪ ڪرايان ڪٽي واپس آيس ۽ انهن جي تعليم تي توجه ڏنم. چاڪاڻ ته آئون پاڻ نه پڙهي سگهيو هئس.

*** شاهه جي حوالي سان ؟**

** شاهه سائين جا اسين ڇئن پيڙهين کان مريد آهيون. آئون چوٿين درجي ۾ هئس ته ماما سائين جي گهر ۾ پٽين تي شاهه جا بيت لکيل ڏٺا،

الا ڏاهي م ٿيان ڏاهيون ڏک ڏسن
مون سين مون پرين، پورائي ۾ پال ڪن.

يا

اڏيندي اوڏن ڪڏهن لڏڻ جي نه ڪئي، لاڪو مٿان
تن، اوچتو ئي آئيو

يا

تون سمون آءٌ گندري، مون ۾ عيبن جوءِ، پسي
راڻين روءِ مٿان ماگر مٿئين.

اهڙي ريت ڪيترائي بيت لکيل ڏسندو هئس ۽ پڙهي ويندو هئس. توڻي جو معنيٰ ۽ پدن جي ڪا خبر ڪانه هئي پر پوءِ به روان پڙهي ويندو هئس. شاهه جي رسالي جو بمبئي ڇاپو ۽ ٻيا به ڪيترائي رسالا گهر ۾ موجود هئا. آئون خاص طور بمبئي ڇاپو پڙهندو هئس. ڇاڪاڻ ته ان جا اکر وڏا هوندا هئا. ۽ لکت مون کي آسان لڳندي هئي. آئون بيت ياد ڪري ماما سائين کي ٻڌائيندو هئس.

ائين منهنجي دلچسپي وڌي ۽ پهريون پهريون مون سال 1996ع ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي زندگيءَ تي ناول لکيو. جنهن جو مک ڪردار لطيف بادشاهه پاڻ آهي. ان ڪانپوءِ مون شاهه سائين جي شاعري جي فن بابت ڪتاب لکيو. ڇاڪاڻ ته ڪجهه نقادن شاهه سائين جي شاعريءَ کي ڀهراڙين ۽ ڳنوارن جي شاعري ڪوٺيو. پر جڏهن مون پنهنجي سوچ سمجهه ۽ ڏاهپ مطابق پڙهيو ته 140 قسم وائين جا منهنجي سامهون آئيا. جن مان 37 ڇند خاص لطيف سرڪار جا پنهنجا آهن. ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته هو ڪيڏو وڏو فنڪار آهي. ها، ڪن وري چيو، ڀٽائي پنهنجي شاعري ڳائي لکي آهي. پر ان بابت به وٽن ڪو دليل نه هو ۽ مون ان ڪانپوءِ راڳ ويراڳ تي ڪتاب لکيو ان ڪتاب تي

آئون مسڪين ماڻهو. هيڏان ڪان هوڏانهن ۽ پٽ شاهه جا چڪر ۽ اتي فقير قربان علي سان ڪچهريون، سائين جمن سرڪار، ذوالفقار سائين، غلام شاهه (هو پيرسن هو. ان ڪا رهنمائي نه ڪئي) عطن سائين ۽ ٻين ڪليل دل سان منهنجي رهنمائي ڪئي ۽ مون پنهنجو ڪتاب، 'راڳ ويراڳ' لکي پورو ڪيو.

*** شاهه سائين جي وائي بابت توهان ڇا ٿا چئوته اها ڪهڙي طرح لکي وئي آهي ؟**

** واين بابت منهنجي راءِ اها آهي ته شاهه سائين ڇندن تي وائي لکي آهي. پٽ ڏٺي 20 ماترائن کان وٺي جو سرو شروع ڪيو آهي. ۽ وچي 104 ماترائن تائين دنگ ڪيو آهي. واين جا ڇهه بنيادي قسم شاهه وٽ آهن جن ۾ هڪوٽي، ڏيڍوٽي، ٻيٽي، اڍائيوٽي، ٽيٽين ۽ ساڍي ٽيٽين وائي شاهه وٽ موجود آهي. انهن ڇهن قسمن ۾ وري ڇندن جي حساب سان فرق آهي. جيئن مونکي خبر نه هئي ته سر سهڻي جي 20 ماترائن ۽ 50 ماترائن واري وائي ڪيئن ڳائبي. پوءِ پتو پيو ته ميان تان سين هڪڙي توڙي لکي ته ان کي 'ميان' يعني راڳ جي خدا جو لقب مليو. تان سين ته هڪڙي توڙي لکي پر شاهه سائين وٽ 15 توڙيون ملن ٿيون. ان کي توهان ڇا چوندا. اهڙي ريت مون 'راڳ ويراڳ' ۾ لطيفي راڳتي ڪم ڪيو. ڇاڪاڻ ته راڳ صرف آلاپ بدلائڻ جو نالو ناهي. بلڪه راڳ هڪ فن آهي. ۽ ان فن جا ڪيترائي پاسا آهن. فني گهرجن پٽاندڙ ڪٿي ڪيئن ڳائجي اهو راڳ جو فن ٻڌائي ٿو.

*** ڪن محققن جو خيال آهي ته شاهه سائين پنهنجي شاعري ڳائي لکي آهي، توهان جو ڇا چوڻ آهي ؟**

** محققن جي تحقيق اکين تي. هنن شاهه جي شاعري ٽي سو سالن کان ڳائجندي ٻڌي آهي. ان ڪري هنن جو چوڻ آهي، 'اها شاعري جيئن ته ڳائجي ٿي ان ڪري اها ڳائي لکي وئي آهي.' حالانڪه ايئن ناهي. شاعري هڪ الڳ فن آهي. راڳ الڳ فن آهي. دوست شايد ان کان واقف نه هئا. انڪري انهن اها قياس آرائي ڪئي آهي.

*** توهان شاهه سائين جي شاعري يا راڳ ۾ ڪهڙي شئي کي وڌيڪ اهميت ڏيو ٿا ؟**

** شاهه سائين جي تخصيص ممڪن ناهي. هو فني طور ايترو ته سگهارو آهي جو هن کي ڪو نقاد پهچي ئي ناهي سگهيو. ڪوبه لسانيات جو ماهر شاهه جي ٻوليءَ جي روح کي ناهي پهچي سگهيو. اسان نه ته شاهه جي راڳ ئي مڪمل سمجهي سگهيا آهيون نه ڪو وري شاعري کي. ان ڪري شاهه جي تخصيص ممڪن ناهي. يعني اسان شاهه جي خصوصيت نه ٿا ڇاڻي سگهون. پر جيئن ته مون وائي تي ڪم ڪيو آهي آئون جيڪڏهن چوان ته هر سر ۾ بيت وايون چوڻ لاءِ چيا ويا

آهن ته به درست آهي. مثال طور شاهه سائين جي وائي آهي.

ڪهڙي منجهه حساب
هئڻ منهنجو هوت ري
ٻي ڪنهن شيءِ ۾ ناهه ڪي
جيڪي منجهه تراب.

آئون اها ڳالهه ته ڪيان ٿو. پر مونکي سچ پڇو ته اهو چوندي به خوف پيو ٿئي ته وائي ئي اهم آهي. پر هڪڙي ڳالهه حقيقت آهي ته شاهه سائين جا سڀ بيت سندس راڳ جو تعارف آهن. جيئن هندستاني سرگرم آهي. توهان راڳي جو سرڪٽو ته هر ماڻهو سمجهي ويندو ته ڳائيندڙ هاڻي راڳي مان وائي ڳائيندو. بيت ته واين جي تمهيد آهن. اسان تمهيد ۾ ئي اڙيا پيا آهيون. مثال طور ابن خلدون جو ڪتاب آهي. اسان ان جو مقدمو تعارف پڙهي پاڻ کي تاريخدان ٿا سمجهون. شاهه جي حوالي سان به اسان ٻه بيت ياد ڪري پاڻ کي لطيف جو پارکو ٿا سمجهون. لطيف ڪيڏو وڏو فنڪار آهي ان جي اسان کي دنئون ئي ناهي. مختصر ڳالهه ته شاهه جا بيت واين جي تمهيد آهن انڪري وائي وڌيڪ اهم آهي.

*** شاهه سائين جا ڪيترائي رسالا هن وقت تائين اچي چڪا آهن ۽ اچا به ڪي ايندا. توهان شاهه سائين جي ڪهڙي شارح يا رسالي کي وڌيڪ مستند سمجهو ٿا.**

** هن وقت تائين جيترا به رسالا آيا آهن. انهن جا شارح احترام لهڻن. پر آئون هڪ مثال ڏيان ٿو ته گربخشاڻي صاحب علڻ گهوٽ وٽ ويو ۽ چيائين ته سائين اسانکي گنج جو ديدار ڪرايو ته رسالو ترتيب ڏيون. سائين علڻ گهوٽ ڪيس چيو ته بابا توهان جي هٿ ۾ پُرڻ آهي. پيا ٿا شاهه جي ڪلام کي ڇاڻيو. 'هاڻ يجنهن جو نالو ئي 'گنج' آهي. ان ۾ ڪيتريون ئي ٻيون شيون آهن. گربخشاڻي صاحب پوءِ گنج ڏسي علڻ گهوٽ کي واپس ڪيو ۽ بمبئي ڇاپو ۽ ٻيا ڪي قلمي نسخا پيٽي هن رسالو ترتيب ڏنو. جنهن کي اسين گنج ٿا چئون ان جي معنوي صورت سمجهڻ لاءِ اڄ به وڏو چئلينج آهي. ته اسان ان کي گنج ڇو ٿا سڏيون. ڇا اسان راڳ ڏارا هيٺ ٿا ان کي گنج سڏيون. ڪهڙي ادب يا



علائقن ڪڇ، ٻُج ۽ ٻين علائقن جي ماڻهن ڪي متاثر ڪيو هوندو. استاد اڻل ۽ استاد چنچل هتي اتفاقيه نه آيا هئا. هو فن سمجهڻ آيا هئا. ۽ انهن وٽ فن جو قدر هو. هنن شاهه کي مڃيو.

شاهه اصل ۾ آهي ئي موسيقار. پر جيئن ته اسان موسيقيءَ مان ڪجهه ڄاڻون ئي ڪونه ٿا ان ڪري اسان لطيف بادشاهه کي صرف شاعر ڪري مڃون ۽ پيش ڪيون ٿا.

*** شاهه جي موسيقيءَ جي کهڻ پاسن تي ڪوجنا جي ضرورت آهي ۽ توهان جي تحقيق جو نچوڙ ڇا آهي؟**

** منهنجو ڪتاب اصل ۾ ’راڳ ويراڳ‘ جو تعارف آهي. فرض ڪيو ڪلياڻ جي هڪ وائي 28 ماترائن جي آهي ۽ ٻي 38، ٽيي آهي 26 ماترائن جي وائي ۽ چوٿين 40 ماترائن جي وائي آهي. اسان انهن واين جي گائڪي جي فرق کي صرف ڀٽائي جي فقيرن کان حاصل ڪري سگهون ٿا. ان تي تحقيق جي ضرورت آهي. منهنجي تحقيق جو نچوڙ ئي اهو آهي ته شاهه هڪ وڏو موسيقار آهي. ان جي ان پاسي تي وڌيڪ ڪوجنا جي ضرورت آهي.

*** راڳن جي خاندانن کي توهان ڪيئن ٿا ڏسو؟**

اصل ۾ پراڻين راڳدارن ۾ جاتي سنگيت جو هڪ الڳ جهان هو جن ۾ ڇهه وڏا راڳ، انهن راڳن جا پٽ، انهن جون گهر واريون ۽ ڌيئر به آهن. پر مسٽر نارائڻ داس ڀٽ جڏهن ڪوجنا ڪرڻ ويو ته اتي انگريزن سان چرچا ڪيا ته توهان جا راڳ ته هاٿي وڏين جاگيرن جا مالڪ ٿي ويا هوندا. انگريزن سائنسي بنيادن تي راڳداري خاندان کي رد ڪيو ۽ نارائڻ داس ڀٽ واپس هندستان اچي راڳ کي ڏهن ٺاٺن ۾ ورهايو. ۽ ڏيئن پڻن واري سسٽم کي ختم ڪيو. حيران ڪندڙ ڳالهه آهي ته ان فيملي ۾ ڪافي راڳ جو ذڪر به نه هو. پوءِ ڪافي ٺاٺ ٿيو ۽ ڪافي راڳ ۾ وسعت آئي. پوءِ استاد محفوظ ڪوڪر ته چيو، راڳ راڳ ئي آهي راڳڻي نالي ڪا شيءِ ڪانهي.‘

اسان ڪوجنا کي وڌايون ۽ نيون شيون آڻيون. ڪالهه تائين لطيف رڳو شاعر هو. پر اڄ اسان ثابت ڪيو ته هو وڏو موسيقار به آهي.

*** شاعري جي حوالي سان تاريخ مختلف دؤرن ۾؟**

** اڪبر بادشاهه جو دؤر موسيقيءَ لاءِ وڏو دؤر هو. آئين اڪبري ۾ سنڌي ڪافي راڳ جو موجود هجڻ اهو اشارو ٿو ڏئي ته ان کان اڳ راڳ باقاعده ترقي ڪري چڪا هئا. لوڪ راڳن جو اڃا ڌار جهان آهي. ڍول مارو خود لوڪ راڳ آهي. جنهن کي ڪلاسيڪل راڳ ۾ آندو ويو. مارئي سر کي پڻ ڪلاسيڪل راڳ ۾ پيش ڪيو ويو آهي. راڳن جو اصل بنياد هڪ موسيقي آهي. راڳ هتي گهڻو اڳ موجود هو. مثال طور سر ڏهر بلت چيل آهي ته هُڪ ڀٽ کان ٻئي ڀٽ تائين جي وچوارو حصو ڏهر هوندو آهي. ۽ سر ڏهر ائين وجود ۾ آيو. آئون چوندو آهيان ته اصل ۾ اهو ڏهر قبيلي جو راڳ هو، جنهن جا الڳ موسيقار هئا. لطيف سائين گهوٽڪي ۽ ڏهرڪي به ايندو هو ۽ اتي ڏهر قبيلي جي راڳ کان روشناس ٿيو. لڳي ائين ٿو ته ڏهرن جو ڪو وڏو سردار هو. جنهن کي اهڃاڻي طور رسول پاڪ جهڙين خوبين جو مالڪ ڏيکاريو ويو آهي. جنهن کي اسان بحيثيت اديب جي تسليم به ڪيون ٿا. ان ڏس ۾ پڻ ڪوجنا جي ضرورت آهي.

*** توهان کي شاهه تي تحقيق جي ضرورت ڇو پيش آئي؟**

** مون شاهه تي ٿيندڙ ڪم کي غير سائنسي طور سمجهيو ۽ ان کي سائنسي انداز ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي. ڇاڪاڻ ته لطيف هڪ سائنسدان به هو. جنهن کي فني بنيادن تي پرکڻ جي ضرورت آهي. شاهه جا 37 چند انتهائي خوبصورت آهن. جن کي مون پنهنجي علم جي آڌار نالا ڏنا آهن. ڇاڪاڻ ته موسيقي پڻ هڪ سائنس آهي. جنهن کي پرکڻ جي ضرورت آهي.

جڏهن رود ڪي ايران ۾ ڪلهي تي تنبور کڻي پنهنجي بادشاهه کي فارسي غزل پيو ٻڌائي. اسان انهن تي ڪوجنا ڪيون. اسانجي ڪيترن محقق کي خبر آهي ته تنبور ڪهڙا فقير ٺاهن ٿا ۽ ڪهڙي ڪاٺيءَ مان ٺاهن ٿا. لطيف جي دؤر ۾ ئي اڳ ۾ صرف مکيه راڳي وٽ تنبورو هوندو هو ٻين وٽ نه هوندو هو. لطيف سيني کي تنبورو ڏنو. ساز ڪانسواءِ راڳي وائڙو آهي. اسانجي پوري موسيقي ردم ۽ تال واري موسيقي آهي. اسان وٽ ڦوڪ وارو ساز يا هار مونيم جهڙو ساز آهي ئي ڪونه. يڪتارو تار وڄن وارو آهي. گهڙو، جنهن جا ڪنجري، چپر اهي ساٿاري ساز آهن. تنبورو مضراب سان وڄائجي ٿو. اسانجي ڪلاسيڪي، لوڪ ۽ جديد موسيقي تال وڄن واري موسقي آهي.

*** شاهه لطيف ناول لکڻ جو خيال ڪيئن آيو؟**

** شاهه جي دور جا ڪافي ڪردار هئا جيڪي ناپيد ٿيندا پئي ويا. ۽ لطيفي پنڌ پڻ وڃائبو پئي ويو. هنگلاج جا پنڌ هئا. انهن کي سارڻ ضروري هو. عالمن جون فتوائون پنهنجي جاءِ تي، پر لطيف سرڪار ته مدن سان گڏجي ماني کائيندو هو. لطيف ڇا هو؟ ان تي تحقيق ناهي ٿي. هر ڪنهن لطيف کي پنهنجي پسنديده شخصيت طور پيش ڪيو آهي. مون لطيف کي هڪ باخبر فنڪار ۽ ڄاڻو ماڻهو ڪري پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

*** ڪجهه شيون توهان ناول ۾ رهايون آهن؟ جيئن لطيف سرڪار جو پڙهيل هئڻ ۽ نه هئڻ وارو بحث اڃا ناول ۾ ناهي آيو؟**

** ناول اڃا پورو ڇپيو ئي ناهي. اڳ ئي هلي لطيف سرڪار پنهنجن فقيرن کي ٻڌائيندو نه هو ۽ سعيده بيگم ڪيئن گڏجي آخوند نور محمد ڀٽي جي مدرسي ۾ تعليم پرائڻ ويندا هئا. اهڙي ريت ناول ۾ مختلف ٽيڪنيڪس ڪتب آندل آهن. ڪٿي ڪلائيمڪس آهي ته ڪٿي وري اينٽي ڪلائيميڪس اهڙي ريت ناول وڌي ٿو.

*** جديد شاعري کي توهان ڪيئن ٿا ڏسو؟**

** جديد شاعري هن وقت ته شيخ اياز جي چوڌاري ڦري ٿي. فني طور تي هن جا نظم ڏاڍا سگهارا آهن. چند وڏيا جو فن سکڻ ڪانپوءِ ئي اياز کي اصل انداز ۾ پرکي سگهجي ٿو. جويو صاحب جيڪو ڪجهه اياز جي ڪتابن ۾ لکي ٿو. اهو ته اڳ ئي اياز وٽ موجود آهي. جويي صاحب مهاڳن ۾ پنهنجي نظرئي جي تبليغ ڪري ٿو. جديد شاعري جو پڻ پنهنجو جهان آهي. جنهن کي سمجهڻو پوندو.

*** سر ساموندي يا سر رپ بابت محققن جو خيال آهي ته اهي ڪنهن به هندستاني راڳ ۾ موجود ناهن. توهان جو ڇا خيال آهي؟**

** غلام شبير سائين حڪم فرمايو ته جيئن قرآن پاڪ 24 ڪلاڪ پڙهي سگهجي ٿو ائين لطيفي راڳ به 24 ئي ڪلاڪ هلي. هاڻي ڪوئي جيڪڏهن لطيفي راڳ نٿو سمجهي يا چوي ٿو ته سر ساموندي راڳ ناهي ته ڇا ٿا چئي سگهون. حالانڪه راڳ ساگر جو وڏو جهان آهي. فرق صرف لفظن جو آهي. هتي ساموندي آهي هتي ساگر آهي.

رپ جو الڳ جهان آهي. جنهن کي سمجهڻو پوندو. رپ آهي متضاد شين جو ميڙ. ماڪ آهي. ماڪ جو دشمن سج آهي. نانگ جو دشمن مور آهي. ائين گهڻيون شيون آهن. لطيف رڳو لوڪ راڳ کي ڪلاسيڪل راڳ ۾ ڪنورٽ ڪيو آهي. رپ ته موجود آهن.

*** بلوچ صاحب جي تحقيق کي ڪيئن ٿا ڏسو؟**

** بلوچ صاحب جو اهم ڪم صرف اهو آهي ته هن مذهبي شاعري کي معياري شاعري کان الڳ ڪيو. پر هو اصل ۾ لسانيات جو ماڻهو هوئي ڪونه. هن شاهه جي حوالي سان ڏکن مان ڪم ورتو آهي. ۽ لطيف سائين سان زيادتي ڪري ويو آهي.

*** شاهه عنايت شهيد ۽ شاهه لطيف جي لاڳاپي کي ڪيئن ٿا ڏسو؟**

** هو خان آف قلات جو ماڻهو هو ۽ ايران نواز هو. هو صوفي ڪونه هو. هو هندستان نواز نه هو. جنهن ڪري مغلن کي نه وڻيو. عبدالواحد آريسر ۽ سائين جي.ايم.سيد، سبط حسن کي خط لکي ڪيڙي سو ڪائي، جي تبليغ ڪرائي. اهو درست نه هو. اسان وٽ هيروز نه آهن ته خير آهي. پر هٿ ٺوڪيا هيروز ته نه ناهيون. اسان وٽ اشوڪ ۽ ڀٽي جهڙا هيروز اڇڻا ئي ناهن. شاهه عنايت جي اٿڻي ويهڻي شايد شاهه لطيف کي نه وئي جو هن ڪيس نظرانداز ڪيو. ■

# اسٽيل جا پنج گلاس...



مليٽري روڊ بشيرآباد جا نوان مسلمان ڏسڻ ۾ ڪارا هوندا هيا پر اندر جا اهڙا اڇا جيئن مينهن جو ڏڌل تازو کير جنهن ۾ مک پيل هجي.

مون ٻه سال ان پاڙي ۾ ڪلينڪ هلائي ۽ ڪيترائي شيشي جا گلاس گم ٿي ويا. اسٽيٿو اسڪوپ ڪنن ۾ وجهي کٻي پاسي ڪنڌ ورائي مريض کي چڪاسيندو هيس ته سڄي پاسي ٽيبل تي رکيل گلاس گم ٿي ويندو هو ۽ جيڪڏهن سڄي پاسي ڪنڌ ورائي مريض کي چڪاسيندو هيس ته کٻي پاسي ٽيبل تي رکيل گلاس گم ٿي ويندو هو.

جڏهن ڊسپينسر کان پڇندو هيس، ”ڪا دوا ڪٽيل ته نه آهي؟“

هو چوندو هو، ”دوائون ته آهن، گلاس جي سخت ضرورت آهي؟“

مان بابا جا تاريخي جملا ورجهائي چڪو هيس، ”اسٽيل جي گلاسن هوندي، شيشي جي گلاسن جي ڪهڙي ضرورت آهي.“

پوءِ هن کي چوندو هيس، ”تختي تان اهي اسٽيل جا گلاس ڪٽي اچ جيڪي تازو هڪ ٻئي مان آزاد ٿيا آهن.“

هو چوندو هو، ”ڊاڪٽر صاحب گلاس گم ٿين ٿا، پڇن نه ٿا. ڇا اسٽيل جا گلاس گم نه ٿا ٿي سگهن؟“

مان ان جي ڳالهه تي غور ڪندو هيس ۽ ان سان متفق ٿي چوندو هيس، ”بلڪل انهن کي ڪير به ملڪ جيان ڦٻائي سگهي ٿو.“

پوءِ ڪيس نصيحت ڪندو هيس، ”جيڪڏهن مان کٻي پاسي مريض ڏسان ته تون سڄي پاسي ڏسندو ڪر ۽ جڏهن مان سڄي پاسي مريض ڏسان ته تون کٻي پاسي ڏسندو ڪر.“

منهنجي ڳالهه تي ناراض ٿي ويو ۽ چيائين، ”پوءِ مريض کي دوا عبدالوحيد ڪٽپر ڏيندو؟“

ڪٽپر صاحب تڏهن صحت جو وزير هو. خدا ڪيس صحت به اهڙي عطا ڪئي هئي جو هميشه هشاش بشاش نظر ايندو هو. وڏي آواز ۾ ڳالهائيندو هو. رڻ آفيس ۾ ڪندو هو ته هاءِ ڪورٽ جي چورنگيءَ تي ويٺل ڪبوتر پڙڪو ڪائي اڏامندا هئا ۽ اڏري وري ويهندا هئا. چاليهن سالن ڪانپوءِ به ان جو قدڪاٺ نه بدليو. جڏهن مون ڪيس سٺ جي آخري سالن ۾ ڏٺو هو ته اڳيان نوڙهه ۽ پاسن کان اڇا وار هوندا هئا. سندس ننڍڙي مضبوط جسم تي ناسي فل سوٽ پاتل هوندو هو. مان گذريل چاليهن سالن کان وقفي وقفي ڪيس ڏسندو آيس. آخر تائين اڳيان نوڙهو، پاسن کان اڇا وار ۽ ننڍڙي مضبوط جسم تي ناسي فل سوٽ پاتل هوندو هو.

ڪٽپر صاحب زبردست ماڻهو هو. پيپلز پارٽي ٺهڻ کان اڳ هن لاڙڪاڻي ۾ هڪ اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن ٺاهي هئي. جڏهن هن اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن جي ڪجهه شاگردن کي ميڊيڪل ڪاليج ۾ سيٽون ڏنيون. اهي شاگرد ٻي اي پاسي هئا.



ڊاڪٽر رسول ميمڻ

ڪٽپر صاحب جون ڳالهيون ياد ڪندي مون ڊسپينسر کي چيو، ”جلدي ڪر پاڻي پيئار.“

شيشي جو گلاس نه هجڻ ڪري، ڊسپينسر مونکي پاڻي ان بيڪر ۾ ڏنو جنهن ۾ دوا ماپي مريض جي بوتل ۾ وجهندو هو. مان بيڪر مان ٽيهه ام ايل پاڻي پي، ٻيو ڪيس واپس ڪندي چيو، ”پاڻي بچائيندين ته هٿ ڌوئڻ جي ڪم ايندو.“

ڊسپينسر منهنجي ڳالهه تي ٺهڪ ڏنو ۽ اهو جڏهن به ٺهڪ ڏيندو هو ته گرڙي ضرور ڪندو هو. بچيل پاڻي گرڙيءَ ۾ ضايع ٿي ويو.

انهن نون مسلمانن جي وچ ۾ ويهي علاج ڪندي منهنجي ڪلينڪ ٻه سال پراڻي ٿي وئي پر انهن کي پنجاهه سال گذرڻ باوجود به نئون مسلمان ڪوٺيو ويجي ٿو. اهو پيلن جو ڳوٺ جڏهن مسلمان ٿيو ته ڪامريڊن کي ڏکيا ڏينهن ڏسڻا پيا. ڪين ڳاڙهي جهنڊي ٺاهڻ لاءِ بازار ۾ ڪپڙي ٽڪر نه مليو. سڀ تاڪيا وڪامي ويا ۽ ڳوٺ جي هر ننڍي وڏي فرد کي ڳاڙهي گوڏ ٻڌل هئي. سٺ واري ڏهاڪي ۾ ڏهن ڏينهن ڪانپوءِ جڏهن انهن ڳاڙهيون گوڏيون ڇوڙي اڇليون ته ڪامريڊن اهي گڏ ڪري ڳاڙها جهنڊا ٺاهي سکر شڪارپور روڊ تي ڏاند گاڏين ۾ ويهي جلوس ڪڍيو هو. انهن کان جڏهن مودوديءَ جي هڪ مريد پڇيو، ”جهنڊن تي داغ ڇا جا آهن؟“

هڪ ڪامريڊ سينو ٻاهر ڪڍي فخر سان چيو، ”اهي اسان جي دل جي خون جا نشان آهن.“

قدرت جو ڪمال آهي، اهو ڪامريڊ جنهن سينو تاڻي اهي لفظ چيا. هڪ ڏينهن مودوديءَ جو مريد ۽ مودوديءَ جو مريد جنهن اهڙو سوال ڪيو هڪ ڏينهن وڏو ڪامريڊ ثابت ٿيو. ان جي هڪ تقرير مون کي ياد آهي جنهن ۾ پنهنجي پوري تقرير جو تت ڪيندي آخر ۾ اعتماد سان چيو هو، ”هو هڪ ڏينهن ڪميونزم کي سوويت يونين جي تسلط کان آزاد ڪرائيندو.“

شاگرديءَ واري زماني ۾ اسان کي به ڪميونزم جو شوق هوندو هو. پر سنڌ سان محبت ڪري نيشنلزم تان هٿ ڪڻڻ لاءِ تيار نه هوندا هئاسين. جيئن پٽي صاحب اسلامي سوشلزم ٺاهي تيئن اسان نيشنلسٽ-سوشلسٽ انقلاب جون ڳالهيون ڪندا هئاسين. ڪميونزم جي صحيح ڄاڻ ڪنهن کي به ڪونه هئي. هر ڪو پنهنجي ليکي تقريرون ڪري اکاڙي ۾ جاٺا هٽي پيو ملهه وڙهندو هو، جيڪو وڏو پهلوان هو. اهو وڏو ڪميونسٽ هو. پر اسان جو پهلوان وري صفا تيليءَ جهڙو ’شمسل‘ هوندو هو. جنهن جو نالو ته شمس هو پر بنگال جي شاعر نذرل الاسلام کان ايڏو ته متاثر هو جو ان جي ’نذرل‘ سڏائڻ کان متاثر ٿي چوندو هو، ”مون کي شمسل ڪوٺيو.“

اسان هن کي شمسل ڪوٺي پيا شرمائيندا هئاسين ته متان ماڻهو اهو نه سمجهن ته اها ڪا عورت آهي ۽ اسين عورت جي اشارن تي هلي رهيا آهيون. نظريي جي ڄاڻ هوندي نه هئي ڪڏهن منجهندا هياسين ته صلاح لاءِ اسان پنج ڄڻا شمسل جي سربراهيءَ ۾ وڃي سوڀي صاحب جو در کڙڪائيندا هئاسين. سوڀو صاحب اسان کي پٽ ڪنعي جهڙو سمجهي ويهاري پيار مان چانهه پيئاريندو هو. اسان جڏهن هن سان بحث ڇيڙڻ جي ڪوشش ڪندا هئاسين ته سوڀو صاحب سامهون ويهي ڇڙو مرڪندو رهندو هو. ڄڻ چوندو هجي، ”پتين کي به ڪن هوندا آهن.“

۽ شمسل ڪنن ۾ مايوسيءَ کان آڱر وجهي ائين گند ڪڍندو هو جيئن چوندو هجي، ”ڪڇين پتين کي ڪنن ۾ مٽي پيل هوندي آهي، اهي ڪڏهن ٻڌي نه سگهنديون آهن.“

لاڙڪاڻي جي پاڪستان چوڪ تي مان هڪ حجم کان وار ٺهرائيندو هيس. مون هڪ دفعي ان کي ’حجم‘ ڪوٺيو. اهو چڙي پيو ۽ چيائين، ”توکي خبر نه آهي مان پٽي صاحب جا وار ٺاهيندو آهيان جنهن سوشل اعظم جو نعرو هنيو آهي. مهرباني ڪري مون کي حجم نه، باربر ڪوٺيندو ڪر.“

مون ان کي باربر ڪوٺيندو پڇيو، ”ڀلا اهو ته ٻڌاءِ جيڪو سوشل اعظم آهي، ڇا اهو قائداعظم جو مائٽ آهي.“

جواب ڏنائين، ”اهو عظيم نظريو آهي جنهن تحت اڳتي هلي هارين جي حڪمراني ٿيندي ۽ اهي پابنديءَ سان پنج وقت نماز پڙهندا.“

هن جو ڏوهه نه هو. دراصل اسان جي ملڪ ۾ قائدِ اعظم ايڏا ته آهن جو جيڪڏهن قائداعظم کي اها خبر هجي ها ته هو ڇڙو محمد علي سڏائي ها. باقي جناح ته سندس صحت هئي، ڇو جو جهرڪن جي ڳوٺ ۾ انهن ڏڳهن ۽ سنهن کي ’جيڻا‘ ڪوٺيندا هئا، جيڪو لفظ پوءِ جناح ۾ بدلجي پيو.

ان حجم جيڪو باربو سڏائيندو هو. ان سوشلزم کي سوشل اعظم چئي ان جي حوصلا افزائي ڪئي هئي ڇو جو ان نظريي کي مٿاهون ۽ معتبر هجڻ گهرجي.

پر شابس آهي ان حجم کي جنهن ڪڏهن پاڻ کي پٽي صاحب جو باربر نه سڏايو ۽ اڄ کان پنجاهه سال اڳ پاڪيءَ سان پنجانوي گهر پيلن جا مسلمان ڪيا. اهي پيل جيڪي اوستا ۽ مزدور هئا. مسلمان ٿيڻ ڪانپوءِ پاڻ کي شيخ سڏايو ۽ سڀ کان پهريون ڪم اهو ڪيو جو ڳوٺ ۾ مسجد ٺاهي ۽ ان مسجد ۾ ميمڻ ڪانسواءِ ڪو نماز نه پڙهندو هو. اهي شيخ جهڙا مسلمان ٿيا، تهڙا نه.



## امداد حسيني

# سنڌ جند تو لئہ

هُئي سنڌ جِند جهڙي
اُها سِنڌ جِند جهڙي
اَلا ڇا ڪري ڇڏيسين
’نہ‘ جتي ڪرڻ ڪپي ها
اُتي ’ها‘ ڪري ڇڏيسين
سڄي هسٽريءَ ۾ هيءَ هيءَ
پُل اِها ڪري ڇڏيسين
ملي ڪا جڏهن بہ اربع
تہ خطا ڪري ڇڏيسين
ٻيو ڪجهہ پُڇو نہ اسان ڪان
تہ اي سِنڌ جِند تو لئہ
منهنجي جِند سنڌ تولئہ
تہ دعا ڪري ڇڏيسين.

imdadhussaini@hotmail.com

منهنجي ڪلينڪ تي جڏهن بہ دونهي جي ڏپ ايندي هئي تہ سمجهي ويندو هيس تہ شيخن ڪميون ڪائڻ شروع ڪيون آهن ۽ سنڌوءَ ۾ پنجاب ڪان پاڻي پهچي ويو آهي. اهي شيخ مزدوريءَ مان واندا ٿي شام جو گهرن ۾ پهچي عورتن ۽ ٻارن سميت چرس پيئندا هئا ۽ انهن کي ٿيلهي چاڙهائڻ جي عادت هوندي هئي. ڪين وهم هو تہ اس ۾ ڪم ڪرڻ ڪري جسم جي گرمي گهٽائڻ لاءِ ڊاڪٽر ڪان ٿيلهي چاڙهائڻ ضروري آهي. اهي هڪ ٻئي جي عورتن کي پيار ۽ عزت جي نگاهہ سان ڏسندا هئا. هر عورت هر موسم ۾ ٻار ڄڻيندي هئي. ان ڳوٺ ۾ ٻار مينهن وانگر وسندا هئا ۽ ائين محسوس ٿيندو هو ڳوٺ ٻارن جي ٻوڏ ۾ ٻڏڻ وارو آهي.

جڏهن نئين ڪلينڪ کولي هيم تہ هڪ شيخ آيو هو. ان سيني جي سامهون وڏي آواز ۾ ٻي باڪ چيو هو، ”ڊاڪٽر صاحب گهر هلو.“

”ڇو؟“

هن چيو هو، ”ٻار ڪيرائٽو آهي.“

مون کي ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي هئي. مون ڪنن ۾ اسٽيٿو اسڪوپ وجهي ٻئي مريض ڏانهن ڌيان ڏيندي چيو هو، ”تہ بہ پوءِ بہ ڊاڪٽر جي هلڻ جو ڪهڙو ضرور آهي. ڌڪو ڏيوس پاڻ ئي ڪري پوندو.“

جڏهن ننڍو هيس تہ مون کي ياد آهي، الائي ڪنهن جو ٻار هو جيڪو ڇٻلاٽي اسپتال جي نالي ۾ پيو هو. سڄي نالي بند ٿي وئي هئي ۽ پاڙيءَ معصوم شاهہ جي مناري اڳيان روڊ تي گڏ ٿي احتجاج ڪيو هو ۽ چيو هو ”پل مان گٽر جو پاڻي هجان پر گناهہ رستو روڪي نہ ٿا سگهن.“

پاڙيءَ جي احتجاج ڪري ٽريفڪ بند ٿي وئي هئي ۽ جڏهن اهو ڦاٽل ٻار ڪڍي دفنايو ويو هو تہ رستا کلي ويا هئا. مارشلا هوندي پوليس لاٺي چارج ۽ آنسو گيس جا گولا نہ اڇلايا هئا ڇو جو صوبيدار کي خبر هئي تہ گٽر جي پاڙيءَ تي انهن جو ڪو اثر نہ ٿيندو آهي. ان واقعي ڪانپوءِ ميونسپل سربراهہ جيڪو فوجي هو ان سخت آرڊر ڪڍيو هو، جنهن ۾ افسوس جو اظهار ڪيو هو، ”شهر ڪيڏو نہ بي حس ٿي چڪو آهي جيڪڏهن ڪو ٻار نالي ۾ ڪري ٿو تہ ان کي ڪو ڪڍڻ وارو ڪونہ آهي. اڄ ڪانپوءِ ڪنهن بہ احتجاج ڪيو تہ ان کي ساڙيو ويندو پل اهو پاڻي ئي ڇو نہ هجي.“

سکر جي روڊن تي گپ ۾ شيشي جا ذرا ضرور هوندا آهن. اهي شيشي جا گلاس ڀڄڻ سبب هوندا آهن. گهنٽا گهر وٽ هڪ مهاجر ڪنهن سنڌيءَ ڪان رلهي اڌاري وٺي وڃائي ويٺل هوندو هو. ان اڳيان پاڙيءَ جو پريل جڳ ۽ شيشي جا گلاس رکيل هوندا هئا. اهو جڳ مان گلاس ڀري پاڻي پيئندو هو ۽ پوءِ خالي گلاس ڪلڻ شروع ڪندو هو. هجوم ۾ سڀ ان کي حيرت مان ڏسندا هئا. اهو ڪناري وٽ چڪ هڻي گلاس ڪائڻ شروع ڪندو هو ۽ آهستي آهستي سمورو گلاس ڪائي ويندو هو، پوءِ چولو مٿي ڪري پيٽ کي ڌڪ هڻندو هو تہ ان مان شيشي ڪڙڪڻ جا آواز ايندا هئا. مان سوچيندو هيس تہ جيڪڏهن سيني ائين شيشي جا گلاس ڪائڻ شروع ڪيا تہ پوءِ گلاس ناياب ٿي ويندا ۽ اسان کي هڪ ڏينهن وري اسٽيل جي گلاسن ۾ پاڻي پيئڻو پوندو. اسٽيل جا چار گلاس اسان وٽ بچيا هئا. پنجون گلاس چوري ٿي چڪو هو. اهو پنجون گلاس ان وقت چوري ٿيو هو جڏهن بنگلاديش ٺهيو. چوندا آهن ٺاهڻ واري رب جي ذات آهي پر اهو بنگالين ٺاهيو. هندستان ان کي ٺاهڻ ۾ مدد ڪئي ۽ جڏهن اهو جڙي راس ٿيو تہ بنگالين بدلي ۾ بنگلاديش ٺاهڻ ۾ مدد دوران هندستان جا ميرا ٿي ويل هٿ ڳئونءَ جي مُٺ سان ڌوئاريا. سياست کي پاسي رکي منهنجي دل جو حال پڇو تہ بنگلاديش پاڻ نہ ٺهيو پر اهو ان ڪري ٺهيو جو پاڪستان ڊهيو ۽ پاڪستان کي ڊاهڻ ۾ پنجاب جو هٿ آهي. مون کي اهڙي وارتا ياد ڪندي اروڙ جو قلعو ذهن ۾ اچي رهيو آهي. اسان سنڌي مزارن کي ڇڏي، ويران ڪنڊرن جون سرون ڪڍي ان مان گهر جوڙيندا آهيون. لاوارث اروڙ جون سرون بہ ائين چوري ٿي اتي اڏجندڙ ڳوٺن جي پتين ۾ مڙهجي ويون. مون کي خبر آهي تہ ڏاهر جي محل جون سرون منهنجي دوست عبدالرئوف جي مامي موالي عطا محمد جي اوتاري ۾ لڳل آهن. جتي ڳوٺ جا واندا ٻڪ تي ٿي ويلا چرس پي. هوش ۾ راجا ڏاهر کي گاريون ڏيندا آهن. سو ائين ئي هڪ دفعي سکر جي بازار مان مون پنجن آنن ۾ پنج زرد آلو خريد ڪيا. گاڏي واري اهي ننڍڙي لفافي ۾ وجهي مون حوالي ڪيا. ڪوٽ جي کيس ۾ وجهي ٻئريج روڊ تي آيس تہ دل چيو هڪ بہ ڪڍي کاوان. جيئن ئي لفافو ڪڍڻ جي ڪوشش ڪيم تہ اهو ڦاٽي پيو ۽ پنج ئي زرد آلو هيٺ ڪري پيا. پاڙي جو ڇو ڪر جنهن جو نالو ”عالم“ هو. اتان لنگهيو پئي. اهو ڀڄندو آيو. مون سمجهيو تہ شايد زرد آلو ميڙڻ ۾ منهنجي مدد ڪندو، پر هن اچڻ سان هيٺ نوڙي زرد آلو کنيو ۽ قميص سان اگهي وات ۾ وڌو ۽ چٻاڙڻ لڳو. مون چار زرد آلو ڪٺي کيس ۾ وڌا ۽ کيس چيم، ”اڙي عالم شرم ڪر. زردالو تہ ائين ڪائي وئين جيئن حرام جو هو.“

عالم جي منهن تي شرم ۽ حياءَ جو ڪو تاثر نہ هو. چيائين، ”سنڀالي نہ سگهين تہ هيٺ ڪريل ڪنهن جي ملڪيت نہ هوندا آهن.“ سو بنگلاديش پاڪستان جي ويران ڪنڊر مان چوري ٿيل تاريخي سرن جو آهي ۽ اهو ان پنجين زرد آلوءَ جيان آهي جنهن کي منهنجي بي ڌيانيءَ سبب پاڙيسري عالم ڪائي ويو. (هلندڙ)



## ج.ع.منگهاڻي

قرار وات وڃائي گلاب لهجي ۾
ڏسا ملي ڪا، رٽن جي سراب لهجي ۾
ٻُڪي ملي ڪا وري چاهتن جي ڀاڳي ۾
فريب ٺهڪ ڏنو هو، جواب لهجي ۾
الائي ڪهڙي سيارن جو آدمي هو مليو
ٻُڪن ۾ ڇڄ ڏنائين ثواب لهجي ۾
اڏاٽا سُور، وڳا جلترنگ ڇوڏاري
دلاسا ڪنهن تہ اماٽيا، رباب لهجي ۾
حجاب لڪ هجن پهريدار ڇهري تي
پون ٿا اوتجي ڇُلڪي شباب لهجي ۾
اکين ۾ لڙڪ رهيا، خواب دربدر ٿي ويا
کلي سگهيو نہ عنايت جو باب لهجي ۾
جدا ٿيڻ جو تصور، ڪٿي هو سهسايو
ڪٿان ڪان اوتجي آيا عتاب لهجي ۾
حواس باختہ رولاڪ مڌ جي ڳولا ۾
سڏيو هو ميڪدي آخر شراب لهجي ۾
نہ تون نہ تنهنجا رويا، ميار ڪان عاري
مليو جي وقت تہ ٿيندا حساب لهجي ۾
اسانجي چاهہ جو اظهار پي عجب آهي
ڇُريا نہ چپ لهي پيو حجاب لهجي ۾
منگهاڻي مون تہ ڪيا احتياط لفظن ۾
ظهور درد ٿيا ها، ڪتاب لهجي ۾.



## اداسي جکراڻي

هوءَ پاڇي جيان ساڻ پي ڪين هئي
منهنجي حالت ڪان اڻڄاڻ پي ڪين هئي
راهہ ويندي ملي، مُنهن مٽائي وئي
مهربان اڳ نہ هئي هاڻ پي ڪين هئي
آسرن جي تپش ۾ ڳريا برف جيئن
اڳ اکين ۾ ڪا آلاڻ پي ڪين هئي
تو پنجابين جيان بس لٽڻ پئي گهريو
هر خوشي پنهنجي مهراڻ پي ڪين هئي
مُدتن ڪان نہ تون وار ڇوڙين پئي
واءُ ۾ ڪائي سرهاڻ پي ڪين هئي
ڪجهہ ’اداسي‘ رواجن بہ رنڊڪ وڌي
ڪجهہ رضامند هوءَ پاڻ پي ڪين هئي. ■

# جاڙڪيءَ جي ڪپ تي اڏامندڙ ڏوڙ...



بادل جمالي

گذريل ڪيترن سالن کان هن ڳوٺ جي نه ته آبادي وڌي آهي، نه ئي گهرن ۾ ڪو خاص فرق آيو آهي. اُهي ئي اٺ ڏهه ننڍڙا گهر، ننڍڙي مسيت، ان جي اڳيان نم جو شاهي وڻ. جنهن جي هيٺان پيل ٻه ڪٽون. گهڙامنجيءَ تي رکيل پاڻيءَ جو ڪلراٺو مَٽُ. مال لاءِ ٿهيل ٿي چار آهورا. ڳوٺ وارا ان بيٺڪ کي اوطاق چوندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن ڪو واٽهڙو، ڪو مسافر، پاڻيءَ ڍُڪ پيئڻ لاءِ يا مدرسي جو چندو گهُرڻ لاءِ، ڪنهن ڏوراهين علائقي مان ڪَهي آيل ڪو سفير لِڙي ايندو آهي، نه ته ٻيو ٿيو خير. مرحوم حاجي محمد خان، جڏهن حيات هو ته اوطاق جي ٻُهاري سُهاري ڪري، پاڻيءَ جو مَٽُ ڀري رکندو هو. ته آئي وئي کي ٻه گرهه مانيءَ جا ۽ ٿڌو ڪوسو پاڻي به پيئاريندو هو. ان جي موڪلاڻيءَ کان پوءِ اهو سلسلو به جهڙوڪر بند ٿي ويو. ڳوٺ جا نوجوان اول ته آهن ئي ڏهه ٻارهن. سي به نوڪريءَ ۽ روزگار سانگي ملڪ جي ڏورانهن شهرن ڏانهن ٽڙي پکڙي ويا. ٻئي ٽيئن مهيني ڳوٺ ڏانهن ڪو ڦيرو ڪندا آهن. نه ته عيدن جي موڪلن تي اچي عزيزن سان ٻتا ياڪر پائي ملندا آهن. باقي پئسا، سي هر مهينيَ موڪليندا ٿا رهن گهر وارن ڏانهن.

جاڙ ڪي شاخ جي ڪناري تي آباد، سنجر ڳوٺ جي چؤطرف زمينون شاندار آهن. ان ڪري ٻنهي مُندن ۾ فصل ڏاڍا ڀِلا ٿا ٿين. هر گهر ۾ مينهون، ڍڳيون، ٻڪريون ۽ ڪُڪڙيون جام آهِن. جيڪي گهڻو ڪري عورتن جي ملڪيت آهن. اُهي ئي سندن خدمت ڪنديون آهن. شوق سان گڏ، اهي جانور آمدنيءَ جو وڏو ذريعو به آهن. ان ڪري هي ڳوٺ مالي لحاظ کان نسبتاً خوشحال ماڻهن جو ڳوٺ آهي. جاڙڪي شاخ جو ڳوٺ وارن کي وڏو سهارو آهي. سموريون ٻنيون ته ان تي ئي آباد ٿين ٿيون. پر اُن کان سواءِ ٻيا به ڪيترائي فائدا آهن. مال مينهون اُن مان پاڻي پيئن. اونهاري ۾ ٽا ڏينهن ته شاخ ۾ ئي ويٺل هونديون آهن. مال سان گڏ، ماڻهو به شاخ ۾ ٽٻيون هڻي، هڏ ٺاريندا رهن ٿا. ڳوٺ جون عورتون ڪپڙا لٽا ڌوئڻ ۾ ٿانوَ ملڻ وارو ڪم به شاخ تي ئي ڪنديون آهن. سخت گرميءَ وارن ڏينهن ۾ ڪڏهن ڪڏهن نوجوان عورتون به پگهر لاهڻ لاءِ، شاخ ۾ ٽُٻي هڻي وٺنديون آهن. ڳوٺ ۾ ڪو اسڪول ڪونهي. ان ڪري پڙهڻ وارا ٻار، روزانو ٽي چار ڪلوميٽر پنڌ ڪري، ٻئي ڳوٺ ويندا آهن. جيڪي پڙهڻ کان پڇندا آهن. سي يا ته مائٽن سان گڏ، ٻني ٻاري ۾ ڪم ڪندا آهن يا وري شاخ جي ڪپ تي راند ڪندا آهن. ڳوٺ جي سامهون شاخ تي نمن ۽ ٽالهين جا وڏاوڻ آهن. جن جي ڇانوَ ۾ ڳوٺ جو مال ويهڪ ڪندو آهي. ان ڪري اُتان شاخ جو پيٽ اُونهو ۽ ويڪرو ٿي پيو آهي.

پياري پنهنجي مينهن ڪُونجَ کي پاڻي پيئارڻ لاءِ شاخ تي ڪاهي آئي. گرمي تمام گهڻي هئي، پاڻي پيئڻ کانپوءِ، ماهي مال جي عادت موجب، هڏ ٺارڻ لاءِ ڪونج پاڻيءَ ۾ ويهي رهي ته پياريءَ به ٻه چَندا مُنهن کي هڻي، گرمي لاهڻ جي ڪوشش ڪئي، ڪنهن ڇانوري ۾ ويهڻ لاءِ هُوءَ اڃان اٿي ئي مس ته کُهري آواز ۾ ڪنهن هڪل ڪيس.

”ڇوري، رستو ڇڏي بيهه ته ڪٿي مرِي نه پوين؟“

هوءَ خوف مان ڊوڙ پائي، شاخ جي ڪپر تان هيٺ لِهي بيٺي. ڪو سَرڪش قسم جو نوجوان، ڀلي ڏاند کي لٺ سان ڪُٽيندي، تڪيءَ وڪ سان هن جي ڀر مان اچي لنگهيو. هن تي هڪ تِکي نَظر وجهي، نوجوان چيو،

”مون سمجهيو هو ته تون ٻارڙي آهين. پر ڇوري تون ته واهه جي شئي آهين. ڪنهن ڏينهن اچي توکي به هن ڏاند وانگر ڪُٽي ويندس. ٺيڪ آهي نه...؟“

ويندي ويندي پوئتي نهاري هن تاڪيد ڪيس،

”منهنجو انتظار ڪجانءِ.“

هوءَ حيرت مان، ويندڙ نوجوان کي ڏسندي رهي. پنهنجي جاءِ تي ڪي گهڙيون ته پنڊ پَهڻ بنجي بيٺي رهي. سمجهه ۾ نه آيس ته اوچتو ئي اوچتو، اهو سڀ ڇا ٿي ويو. پاڻ سنڀالي وري اچي ڪونج جي ڀر ۾ بيٺي. ذهن ۾ اڃان تائين نوجوان جو چيل آخري جملو پڙاڏو بڻجي گونجڻ لڳس،

”منهنجو انتظار ڪجانءِ...“

”هڪڙو ماڻهو، جنهن سان نه ڄاڻ نه سڃاڻ. واٽ ويندي، پرائي عورت کي انتظار ڪرڻ جو حڪم ڏيئي هليو ويو. ڪيڏو نه بي حياءُ ۽ بدتميز ڇورو هو. پر هو ڪير؟ ڪٿي هن جو ڪو پراڻو واقف ته ڪونه هو. جو ايڏي حُجت ڪري پيو.“

هوءَ وسوسن ۾ وڪوڙجي وئي. سڪ ڦِٽي پيس. آخر هن کي اهڙي ڳالهه ڪرڻ جي ضرورت ڪهڙي هئي؟ خير، هو ته مرد هو. جيڪو من ۾ آيس، سو چئي ويو. پر هن کي ڇا ٿي ويو. جو هُن جي بڪواس ٻڌڻ ڪانپوءِ به گونگي ٿي بيٺي هئي. ڇونه سَت سُريون ٻڌايائينس؟

”بي حياءَ، بي غيرت، توکي ماءُ ڀيڻ ڪانهي. جو پرائي نياڻيءَ سان اهڙا اکر ٿو ڳالهائين؟“

”...“

”ڪٿي ائين ته ڪونهي ته هُن جي ڳالهه، هن کي من ئي مِن ۾ چڱي لڳي هجي ۽ هيءَ ناراض ٿيڻ بدران گدگد ٿيندي هجي. هونئن، اها ڳالهه مڃبي ته ڇورو ڪير به هو، پر هو دل وارو، جو پرائي ڳوٺ ۾، پرائي عورت سان به اکر ڳالهائي، هُن جي اندر ۾ مَمَڻ مچائي ويو. خير، وڃي ڏوڙ پائي. مسافر ماڻهو هو، مسافرن جو ڪهڙو اعتبار.“

”...“

”هونهه، ٽرڙو لوڦر ڪنهن جاءِ جو. ملي وڃي ته مُکن سان ڀُوٺ ڪُٽيانس.“

هوءَ ڇپن ۾ پِٽڪي. پنهنجن پورن ۾ ايڏي ته گُم ٿي وئي، جو خبر ئي نه پيس ته ڪيڏي مهل مينهن کي شاخ مان اُٿاريائين ۽ ڪيڏي مهل گهر ۾ آهوري تي آڻي ٻڌائين. اڃان تائين سندس دل ڌڙڪي پئي. منهن جو رنگ ڳاڙهو هئس. مَٽَ مان ٿڌي پاڻي جو گلاس ڪڍي، يڪ ساهيءَ پي، پاڻ کي ٺارڻ جي ڪوشش ڪيائين. آئيني اڳيان بيهي پنهنجو جائزو ورتائين. منهن تي لڙي آيل آوارا وارن جي ڇڳن کي هٿ سان جائيتو ڪيائين. خشڪ ڇپن تي زبان ڦيري تازگي بخشيائين. ٿورڙو پاسيرو پوز بنائي، سيني جي اُڀار کي آئيني ۾ ڏسندي، اُن مٿان هٿ ڦيرائيندي مرڪي ڏنائين، ’ڇوري تون ته واهه جي شيءِ آهين.‘ مسافر نوجوان جا چيل لفظن ۾ وري ٻرڻ لڳس. جسم ۾ لمحي لاءِ بجليءَ جهڙو ڪرنٽ ڊوڙي ويس. بي اختيار سندس چپن مان لفظ نڪري ويا.

”واهه پياري واهه... ڇا ڳالهه آهي تنهنجي؟ واٽ ويندڙ مسافرن کي به ماري مچائين پئي. ڪاڪ ڪنڌيءَ قبرون، پَسو پرڏيهين جون.“

لڳي ٿو پٽائي اهو بيت هن لاءِ ئي چيو هو. اهائي ڪاڪ نديءَ جهڙي جاڙڪي شاخ. اهائي مومل جهڙي پياري. اهي ئي اڄوڪي مسافر جهڙا پرديسي. بس، باقي قبرستان جي ضرورت آهي جتي ساهه صدقو ڪندڙ پرديسي عاشقن کي آرامي ڪجي. رڳو موبائيل رکڻ جي اجازت ڏيئي ڇڏي نه، ته سڄو ڊرامو هڪڙي مهيني ۾ ئي ٿي سگهي ٿو.

بي خياليءَ ۾ پاڻ کي بستري تي اڇلائي ڇڏيائين. جاڙڪيءَ جي بند تان ڪو ٽريڪٽر گذريو پئي. ان جي سي ڊي پليئر تان استاد محمد جمن جي ڳايل، عثمان فقير جي ڪافي، سندس ڪنن تائين پهچڻ لڳي،

”يار ڏادي عشق آتش لائي اي...“

ڪافي سندس دل جي ڪيفيت سان بلڪل ٺهڪي ٿي آئي.

هوءَ عجب سُرور محسوس ڪرڻ لڳي. اڪيون پوري ڪافيءَ کي انجواءِ ڪرڻ لڳي. اوچتو سهڻيءَ ڪمري ۾ داخل ٿي، سندس نشا ئي ٽوڙي ڇڏيا. هوءَ ٽِپ ڏيئي اُٿي، سهڻيءَ کي ڀَڪُ هڻي، اُمالڪ ڪٽي، ڦيراڻ لڳي.

”منهنجي سهڻي، منهنجي پياري، منهنجي جان.“

جذباتي ٿي، سندس ڳِٽن، اکين ۽ چَپن تي چُميون ڏيندي رهي.

”مامي، مامي. ڇا ڳالهه آهي. مُئي، هي اوچتو ڪهڙو جن چنبڙيو اٿئي. خير ته آهي نه؟“

”سڀ خير آهي جاني، اصل ست خير آهن. ٻڌندينءَ ته پاڻ مڃيندينءَ ته هن بنديءَ جو رُڳو نالو ئي پياري ناهي. پر سَچي پَچي آهي به پياري.“

”ان ۾ شڪ به ڪهڙو آهي. آئون ته سدائين چوندي آهيان ته منهنجي ماميءَ جهڙي ته ست راڄيءَ ۾ به ڪانه هوندي. پر اَڄ ٿيو ڇا، ٻڌاءِ ته سهي؟“

”اڄ واٽ ويندي ڪو مسافر مَنڊجي پيو. وِيندي ويندي چئي ويو، ’ڪنهن ڏينهن ايندس ۽ توکي اُڏاري ڪٽي ويندس- منهنجو انتظار ڪجانءِ.‘-“

”اِن ۾ ڪا خاص ڳالهه ته ڪانهي. اهڙيون ڳالهيون ڪري ٽرڙا مڙد هليا ويندا آهن. وري پوئتي منهن ورائي

ڏسندا بہ ناهن.“

”خاص ڳالھہ آهي سهڻي، اُها اِها تہ مون کي ويهن سالن ۾ پهرئين دفعي آمهون سامهون، سمجهين پئي نہ؟ مطلب تہ مُنهن تي کنهن ائين چيو آهي. ۽ مون کي يقين آهي تہ هو ايندو ۽ ضرور ايندو.“

”هل، سمجھہ کٽي تہ هو اچي ٿو وڃي. پوءِ ڇا ٿيندو؟“

”پوءِ الا مان اُڏري ويندي سانءِ...“

هوءَ انتهائي ورمانٽڪ ٿي، گول گول نچندي ڳائي ٿي. سهڻي حيرت مان کيس ڏسي ٿي.

”اُڏري تہ ويندينءَ پر ڪٿي؟ ملڻ جو سوچيو اٿئي، ڪا جاءِ نظر ۾ اٿئي، يا ڪمند ۾ ڪِهلي ويندئينس؟“

”ڪمند ۾ ڇو، سنئون سڌو لڪ عزتون ڏيئي پنهنجي گھر ۾ ٽڪائيندي سانس. پلي هفتو رهيو پيو هجي. ڪنهن کي طاقت آهي، جو منهنجي گھر ۾ اچڻ کان هُن کي روڪي؟“

”مائي، توسان پڄڻ اسان جي وس ۾ ناهي. وڏي شيءِ آهين. آنا ڪرين يا ٻچا، مرضيءَ جي مالڪ آهين.“

ٽاڪ منجهند ويل، گرميءَ کان تنگ اچي، سهڻي، جاڙڪيءَ جي ڪپ تي پهتي تہ حيران ٿي ويئي. ڳوٺ جون چار پنج ڇوڪريون، هن کان اڳي ئي شور ڪندي شاخ ۾ ٽبيون هڻي رهيون هيون. هوءَ بہ پاڻ جهلي نہ سگهي. لهي پئي پاڻيءَ ۾. جيتوڻيڪ عمر ۾ هيءَ هُنن کان ٿوري وڏيري هئي. پر هئي تہ هنن جي جوڙ جي. پنهنجي سنجيدگي ۽ هُنن جي شرارتن کي ڏسندي، هُنن کان وِٿائتي ٿي وهنجڻ لڳي. اچا بہ ٽبيون مس هنيائين تہ ڇورين ۾ ٽاڪوڙو پئجي ويو.

”ڪارُو اچي ويو... ڪارُو اچي ويو.“

هڪڙو ننڍي قد وارو ڪارڙو ڇوڪر. عمر اهائي يارهن ٻارهن سال. ڊوڙندي ڇپل لاهي، پاڻيءَ ۾ ڪُڏي پيو. سيني ڇورين ڪٽي هن تي حملو ڪيو. ٽبي هڻي، ڪجھہ گهڙين لاءِ سڀ ڪارو جي پويان پاڻيءَ ۾ گم ٿي ويون. هُن جي اچڻ سان جڻ ڇورين ۾ نئون ساھہ پئجي ويو هجي. سڀ هن کي گهيرو ڪري بيٺيون. سهڻي پريرو بيهي کين ڏسندي رهي. رَشُو، جيڪا سيني کان ڪجھہ وڏي ۽ هوشيار پئي لڳي، تنهن ڪاروءَ جي ڪُلهي تي هٿ رکي اعلان ڪيو،

”ٻڌو، ٻڌو. پهرئين منهنجو وارو آهي. ڪارو ڳول مون کي.“

هُن اونهي پاڻيءَ ۾ ٽُٻي هنئي ۽ هُن جي پويان ڪارو بہ ٽبي هنئي. ٻئي ڪجھہ دير لاءِ پاڻي ۾ گم ٿي ويا. دم پورو ٿيڻ تي زمين تي پير رکي زور سان مٿي ٽپ ڏنائون تہ وڏي ٻُڙڪي سان پاڻي کي چيري ٻاهر اُڇلجي آيا. زور زور سان ساھہ کڻي ٻنهيءَ پاڻ کي سانتيڪو ڪيو. ان بعد بختُو اڳتي وڌي، ڪارو جي ڪُلهي تي هٿ رکي منٿ واري انداز ۾ چيائين،

”هاڻي منهنجو وارو آهي نہ؟“

”هل ڙي تَڪڙي.“ رشوءَ کيس ڏِڪو ڏيئي، ڪاروءَ کان پري ڪندي چيو،

”مون تہ اڃان رڳو هڪڙي ٽبي هنئي آهي. ٽي ٽبيون هڻي، پوءِ ڪنهن کي وارو ڏيندس.“

”ادي، توبهن آهي توسان. تون تہ ڪارُوءَ جي مالڪياڻي ٿي ويٺي آهين. اسان کي بہ ڪيڏڻ ڏي، اسان بہ دل خوش ڪريون.“

”تون سدائين مفت ۾ ٿي ڪيڏين. ڪڏهن ڏوڪڙ بہ ڏنا اٿئي ويچاري کي. آئون تہ هر ڀيري پنج رپيا ٿي ڏيانس.“

”مائي تو وٽ ڏوڪڙ آهن. تڏهن ٿي انگل ڪرين. اسان وٽ بہ هجن تہ هوند توکان ٻيڻ تي ڏيونس. هوندا آهن تہ ٻہ ٻہ روپيا اسين بہ ڏينديون آهيونس.“

ايتري ۾ رَشُوءَ ٽبي هنئي تہ ڪارو بہ سندس پويان ڪاهجي پيو. سهڻيءَ سڏ ڪري بختوءَ کي پاڻ وٽ گهرائي ٻڇيو، 'آخر اها کهڙي راند هئي، جيڪا پاڻيءَ ۾ اندر ڪيڏي پئي وئي؟' بختوءَ رازداراڻي انداز ۾ کيس ڪجھہ ٻڌايو، جيڪو ٻڌڻ ڪانپوءِ سهڻيءَ جي چهري تي حيرت گاڏڙ پريشانيءَ جون ريکائون اُڀري آيون. هوءَ برابر پري کان هُنن جو رونشو ڏسندي رهي. من ۾ عجيب قسم جي هورا ڪورا مچي ويس. هڪ دفعي ٻيهر ساڳي ڇوڪريءَ کي سڏي، وڌيڪ معلومات وٺڻ لڳي. ان بعد وڌيڪ ترسڻ ٻنا، شاخ مان نڪري، تڪڙو تڪڙو گھر ڏي هلي ويئي. سُک اتي بہ نہ آيس. تہ ڪيائين رُخ پياريءَ جي گھر جو. پياري ٻن ويهاڻن کي ٽيڪ ڏيئي کٽ تي ويٺي هئي. سگريٽ جي دونهين سان ڪمرو ڀريو پيو هو. پياريءَ جي چهري تي مايوسي ۽ پريشانيءَ جو تاثر ڏسي سهڻي سمجهي ويئي تہ هوءَ چڱي موڊ ۾ نہ هئي.

”پريشان ٿي لڳين مامي، آهي تہ خير؟“

سگريٽ جو ڪش هڻي، مايوسيءَ ڀريل مختصر جواب ڏنائين، ”بس ڙي سهڻي، نہ پُڇ پريشانيءَ جون خبرون؟“

وڏو ڪش هڻي، سگريٽ جو ڦلو ڇنڊيندي، ڳالھہ جاري رکيائين، ”ڇائي ڄَمر کان وٺي اسان کي لوسِي قسمت ملي آهي. سدائين سُورن ۾ پيا لوڙيون.“

”وري ڇا ٿيو؟“

سهڻيءَ جي پڇڻ تي هوءَ وڌيڪ ڏکاري ٿي ويئي. اکيون پڄي پيس. سهڻيءَ ڀُراٽڙي پائي آٿت ڏنس تہ هوءَ کُلي پيئَي،

”توکي ٻڌايو هئم نہ تہ ڇورو ڇٽي ويو هو تہ منهنجو انتظار ڪجانءِ.“

”ها...“

”سو سڄي رات پاسا ورائيندي گذاريم. ننڊ نہ آئي. صبح سوير چانهن جا بہ ڍُڪ پي، ڪونج کي ڪاهي شاخ تي وڃي ويٺيس. هر ايندڙ ويندڙ ماڻهوءَ کي ڏسي سوچيندي هيس تہ اُهوئي هوندو. پر هو نہ آيو. تنگ ٿي اڳينءَ جي ٻانگ کان پوءِ ڪونج کي ڪاهي، وري گھر پيڙي ٿيس.“

”مامي، تون تہ صفا چري ٿي پئي آهين. هڪڙي لوفر، واٽ ويندي توسان پوڳ ڪيو آهي، تون ان کي سايپان سمجهي، هار سينگار ڪري، هن جي رستي ۾ اکيون وڇائي ٿي ويهين، تنهنجيءَ سوچ کي شاباس هجي. اهڙي حرڪت ڪا اسان جهڙي ناسمجھہ ڪري ها تہ ڪا ڳالھہ بہ هئي. تون تہ مڙدن کان واقف ۽ دنيا ڏٺل‌زال آهين. تون ڇو ٿي ائين ڪرين؟ هن جو توسان ڪو پراڻو عشق تہ ڪونہ هو، جو توکي هن جي نہ اچڻ جو ڏک ٿو ماري، وساري ڇڏينس. وڃي ڏوڙ پائي. اُٺ، وڃي هٿ منهن ڌوئي اچ تہ نئين ڳالھہ ٻڌايائين. رنون تہ مردن کي پولڙي وانگر نچائينديون آهن، تون تہ اُلٽو پولڙي جي اشاري تي پاڻ پئي نچين؟“

هو نل تان هٿ منهن ڌوئي، ٽوال سان منهن اگهندي، هن جي سامهون اچي ويٺي تہ سهي، پر اصل ۾ هوءَ اڃان پنهنجي ڏکي ڪيفيت مان نڪرڻ لاءِ تيار نہ هئي. بي دليءَ سان پڇيائين،

”کهڙي نئين خبر آندي اٿئي؟“

”ائين ٿوروئي ٻڌائيندس. پهرين هن ذليل ڪميڻي کي مغز مان ڪڍ، دِماڪ جاءِ ڪر. رڌڻي ۾ هلي ٿيون ويهون. چانهن بہ ٺاهينديون سين، تہ ڪچهري بہ ڪنديون سين. ڪيئن؟“

”...“

هوءَ اڃان تائين پنهنجن پورن ۾ گم هئي. هن جي ڳالھہ ٻُڌي اَڻ ٻُڌي ڪري ڇڏيائين.

”مُئي، ڳالهائين ڇو نٿي؟ اڃا تائين هُن ڇوريجي خيالن ۾ گم آهين؟“

”بس سهڻي، ڇا ڪجي. تون تہ آهين ٽڏو نِڪر، بي فڪر ويٺي آهين. اسان کي ڄائي ڄَمر کان اندر ۾ آڙاھ ٿو ٻَري. تنهن کي ڇا ڪجي. مٿان وري سُور ڏنا اٿم تو واري مامي، جو نوڪريءَ بهاني ٻہ ٻہ ٽي ٽي مهينا شهر ۾ ٻچڙين رنن سان ڏوڙ پيو پائي. ڳوٺ، گھر جي يادگيري ڪانہ ٿي اچيس. ٻيا سور ڏنا اٿم هن تنهنجي نياڳي ڳوٺ. حرام جو ڪٽي کو فضيلت وارو مڙداڻو مهانڊو ڏسڻ لاءِ ملي؟ جيڏانهن ڏس، اهي ئي ٽونٽ جيڏيون ڳاڙهيون ڏاڙهيون. ٻُڪيءَ تي لنڊيون شلوارون. هڪڙا آهن مڙس جا ڇاڇا، ٻيا سندس ماما. ماڻهوءَ ڏسي تہ ڪنهن کي ڏسي؟ پلي ڪٽي عشق نہ ٿئي، ملڻ نہ ٿئي، تڏهن بہ چڱيءَ شڪل کي پري کان ڏسڻ سان بہ اکين کي آسيس ملي ٿي. سچ پڇين تہ آئون هاڻي ٻنهہ بيزار ٿي چڪي آهيان هن ڳوٺ مان. آئون ڪنهن ڪُتي ٻلي سان ڀڄي ويندس. يا ڇتي ڪتي وانگر جهنگ منهن ڪري، ڪيڏانهن نڪري ويندس. پوءِ ڪٽن يا ڳ...“

پياريءَ کي وڌيڪ ڏکويل ٿيندي ڏسي، سهڻيءَ سندس موڊ بدلائڻ جي ڪوشش ڪئي.

”ان کي ڇئبو آهي، موڇڙو گهٽ، ماني ڍوَ ٽي. مامو ويچارو شهر ۾ سڪ سان تہ ڪونہ ويٺو آهي، جو تون ڪاوڙ ٿي ڪرينس. سرڪاري نوڪري اٿس. جڏهن موڪل ملنديس، تڏهن ايندو نہ. توکي مهيني جو خرچ تہ موڪلي پيو. تنهن ڪانسواءِ گھر ۾ ضرورت جي هر شيءِ موجود اٿئي. ڏوڪڙ، پئسا، اَنُ، ڪيرُ، مکڻ، باقي ڇا کپئي؟“

”باقي ڇا کپي. مڙس کپي مڙس. اهڙو مڙس. جيڪو پاڪرن ۾ پري، نپوڙي، مَروٽي، ڏونڌاڙي، چُمي ۽ چَٻاڙي جسم کي. هٿن پيرن ۽ سيني جي شڪنجي ۾ اهڙو تہ چوڪنيو جَڪڙي، جو ماڻهو ڦٿڪڻ چاهيندي بہ ڦٿڪي نہ سگهي. رڙيون ڪرڻ چاهي، پر داتهن نڪري نہ سگهي. بدن مان نڪاءُ ۽ مغز مان چڻنگون ۽ کنن مان دُونهان نڪرن ۽ جڏهن ڇڏي تہ زال، زال نہ رهي، ڇيچڙي مان پيڙجي نڪتل ڪماند جو ڦوڳو هجي. ڪنهن وقت تائين تہ جسم ۾ اٿڻ، ويهڻ ۽ ڳالهائڻ جو سَتُ ئي نہ رهي. تڏهن وڃي خبر پوندي تہ برابر ڪنهن مرد سان ملڻ ٿيو هو.“

”الا، مُئي کهڙيون ڳالهيون ٿي ڪرين. منهنجو تہ هانءُ ٿو ڦاٽي.“

”اڃا تہ رڳو ڳالهيون ٻڌايون ٿمانءِ. جسم ڏيکاريو

ماڻ ۽ تہ بيهوش ٿي وڃين شايد. ڪِنهي ڪَنهي سَترون چلجي پيون آهن. نهائين ڦٽجي پئي آهي. اتئي همت ڏسڻ جي، ڪولي ڏيڪاريانءِ ؟"

هن اڳڻ ۾ هٿ وڌو تہ سهڻيءَ ٻئي هٿ ڪٽي سندس هٿن ۾ وجهندي چيو،

"بس، بس بس. سمجهي ويس. سمجهي ويس. ڇو ٿي ايڏا عذاب سهين مامي، وڃ چمڙيءَ واري ڊاڪٽر وٽ. ڪراءِ علاج خارش جو تہ جان ڇُٽيئي..."

"هيءَ چمڙيءَ واري خارش ڪانهي منهنجي ڀيڻ، جو ڪريم لڳائڻ ۽ گوريون کائڻ سان لهي وڃي. هي تہ عورت جي روح جي طلب آهي، جنهن جو علاج مڙدجي ميلاپ سان ئي ٿي سگهي ٿو. پر تون نہ سمجهي سگهندينءَ. اجا تہ بهارن جي ڀهرئين ڦولار ۾ تنهنجي جوانيءَ جي باغ ۾ ڪَچڙا زيتون لڳا آهن. مُند ڪي پوريءَ طرح مستيءَ ۾ اچڻ ڏي. جڏهن اهي ڳرُ ڪري، رس سان ڀَرجي، ڏاڙهونءَ جي شڪل وٺندا، تڏهن توکي خبر پوندي تہ منهنجي مجبوري ڪهڙي؟ اوهہ، آئون بہ الائي ڇا ڇا چئي وئي آهيان پنهنجي پريشانيءَ ۾. خبر ئي ڪانہ پيئي. مون کي توسان اهڙيون ڳالهيون نہ ڪرڻ گهرجن ها. پر پوءِ ڪريان ڪنهن سان؟ ٻيو ڪير ٻڌڻ وارو بہ تہ ڪونهي نہ. مون کي معاف ڪر منهنجي ڀيڻ مون کي معافِ ڪر."

ماحول ڏڪارو ٿي ويو. ڪجهہ دير لاءِ خاموش ڇانئجي وئي. پياريءَ کي ڀنل اکيون اُگهندي ڏسي، سهڻيءَ همدرديءَ وچان ڪيس ڳراٽڙي پائي، مٿو پنهنجي ڪُلهي سان لڳائي، سندس وارن ۾ آڱريون ڦيرائيندي چيو،

"تون جڏهن گهمڻ ڦرڻ واري شوقين ڇوڪري هئينءَ، تہ پوءِ ماما جهڙي شريف ماڻهوءَ سان شادي ڇو ٿي ڪيئي. توکي تہ تو جهڙا شوقين مڙد بہ ملي وڃن ها."

"وڏو پليٽ اتئي اهو تو وارو مامو، تون هُن کي شريف ٿي سمجهين؟ ڀهرين ڀهرين اسان جي شهر ۾ بئنڪ جو گارڊ ٿي آيو هو. اُن ساڳيءَ بئنڪ ۾ مهتاب ڪلارڪ هو."

"مهتاب ڪير؟"

"هو منهنجو ننڍپڻ جو دوست هو. آئون بئنڪ ۾ هن سان ملڻ ويندي هيس. اتان تنهنجي مامي صابرسان بہ واقفيت ٿي. بئنڪ جي سامهون بازار ۾ منهنجو بابا پڪوڙا ٺاهيندو هو. هن ڪوشش ڪري بابا سان دوستي ڪئي ۽ پوءِ منهنجي مسڪين بابا کي ڀنگ ۽ چرس تي هيرايائين. ڪجهہ عرصي ڪانپوءِ بسترو ڪٽي اچي اسان جي گهر ۾ رهڻ لڳو. امان هن کي رهڻ نہ پئي ڏي، پر بابا هن کي زور ڪري رهايو. آئون تڏهن ائين جماعت پاس ڪري چڪي هيس. وڌيڪ پڙهڻ جو شوق ڪونہ هو. ان ڪري پاڙي ۾ ڇوڪرن سان گهمندي وتندي هيس. امان ويچاري صبح ساڻ نڪري ويندي هئي. ڪم تي. هوءَ بنگلن ۾ ڪم ڪندي هئي. بابا بہ سامان ڪٽي وڃي پڪوڙا ٺاهيندو هو. صابر آفيس مان ڪنهن نہ ڪنهن بهاني موڪل وٺي، گهر ايندو هو. منهنجي لاءِ شيون بہ وٺي ايندو هو. اهڙيءَ طرح اسان جي دوستي ٿي وئي. پوءِ تہ اسان جي گهر جو سڄو خرچو پاڻ ڪنيائين. بابا کي ڀنگ ۽ چرس ڪانپوءِ شراب تي بہ هيرايائين. گهر جو ماحول اهڙو ٿي ويو تہ آئون بہ نشي ڪان پاڻ کي جهلي نہ سگهيس. مٿان وري نانگ تي پير پيو، جو هُن سان نڪاح بہ ڪيم."

"شڪر ڪر جو وري بہ نڪاح ڪيائين. نہ تہ سڄي عمر ويٺي هجين ها. موالڻ سان ٻيو ڪير ڪري ها؟"

"ائي مائي ٻڌو، منهنجي سڱ لاءِ تہ پاڙي جا ڇڱا ڀلا عزت وارا ماڻهو، بابا کي منٿون ۽ ايلاز ڪندا هئا. خود منهنجي ننڍي هوندي جي دوست مهتاب، بابا کي حيلا ڪرايا. لک روپيا بہ آڇيا هئائينس. بابا شاديءَ بابت مون ڪان پڇيو تہ مون صابر جو نالو ورتو. هن سان سنگت بہ هئي تہ گهر جو ڀاتي بہ هو. شاديءَ تي ڪو وڏو هنگامو ڪونہ ٿيو. چار ماڻهو وٺي اسان جي گهر آيو، نڪاح ٿيو، ڇُهارا ورهائي ٻئي ڏينهن هِن سُڄي گهر ۾ اچي واڙيائين. هتي تہ قيد ٿي وئي آهيان. اڳي تہ هر مهيني، ٻن ڏينهن لاءِ ڳوٺ ايندو هو. جڏهن ڪان ڪراچيءَ ۾ نوڪري ملي اٿس، ٽن مهينن ڪان پوءِ رڳو ٽن ڏينهن لاءِ اچي ٿو. اڪيلي گهر ۾، نہ ڪير اچڻ وارو، نہ وڃڻ وارو. ڏاري ڇا ٿيس، ڇڻ ڳوٺ وارن جي دين ڌرم ڪان ئي ڌار ٿي ويس. جيڏانهن ڏس، نفرتون ئي نفرتون آهن مون لاءِ. ايڏي نفرت تہ ماڻهو گرگلن، ڀيلن ۽ باگڙين ڪان بہ ڪونہ ڪندا آهن. آئون تہ وري بہ مسلمان آهيان. جيئڻ جو حق تہ مون کي بہ ملڻ گهرجي."

هُن جون اکيون ڏک ڪان وَسي پيون. پوتيءَ جي پلئہ سان اکيون اگهي، ڳالهہ کي اڳتي وڌايائين.

"وري بہ شابس هجي توکي، جو ڏينهن ۾ ٻہ ٽي ڦيرا ڪري، سار لهندي آهين. ڪڙيون هنيون ڳالهيون توسان ڪري، هانءُ هلڪو ٿي ڪريان. نہ تہ اڪيلائيءَ جي ڪري تہ آئون ڪڏهوڪي چري ٿي وڃان ها. انهن پريشانين جي ڪري تہ مون وري سگريٽ پيئڻ شروع ڪيا."

"مون کي اڄ خبر پئي تہ منهنجي مامي سگريٽ پيئي ٿي."

"اهو سڀ ذهني ٿاءَ جي ڪري. رڳو سگريٽ نہ، آئون تہ ڀنگ، چرس ۽ شراب سميت سڀ نشا ڪندي هيس. اهي سڀ تو واري مامي جون مهربانيون هيون."

"بابا کي نہ خبر پئجي وڃي تہ تون اهي سڀ نشا ڪندي آهين، پوءِ بہ آئون هتي ايندي آهيان، تہ منهنجيون ٽنگون ڀڃي ڇڏي. ۽ امان تہ مون کي گهر ۾ ٿانوَن کي هٿ لائڻ بہ ڪانہ ڇڏي. پر مامي، تون اهي نشا ڪرين ڇو ٿي. آخر ان ڪانسواءِ گذارو ڇو نٿو ٿئي؟"

"اهي سڀ ننڍي هوندي جون بُريون عادتون آهن سهڻي، جيڪي دوستن، خاص ڪري تو واري مامي وڌيون. چرس پيئندو هو تہ سگريٽ زوريءَ اچي ڇپنتي جهلي چوندو هو، 'ڦوڪ تہ ڀري ڏس.' شراب پيئندو هو، تڏهن بہ گلاس چپن تي جهلي چوندو هو، 'ڍُڪ ڀري ڏس. ڪجهہ ڪونہ ٿو ٿئي.' ائين ڦوڪ ۽ ڍُڪ تي عادت وجهي ڇڏيائين. ماڻهو ڇڏڻ چاهي تہ ڇڏي بہ نٿو سگهي. نشو نالو ئي اُن جو آهي."

"توکي دل سان ڪهڙو نشو وڻندو آهي."

"هر نشي جو پنهنجو پنهنجو نمونو ۽ سرور آهي. ماڻهو پريشان آهي. ڪا ڳالهہ نٿي وڻي، مٿو ڏکي پيو. اهڙيءَ حالت ۾ ڪٽي اڪيلو ويهي سگريٽ جا ڪش هڻندو تہ مغز هلڪو ٿي پوندس. سڪون اچي ويندس. ڀنگ تمام ٿڌي شيءِ آهي. گرمين ۾ ٻہ پيالا پيئڻ سان سڄو جسم ٺريو پوي. سڪون اچيو ٿو وڃي. چرس تہ آهي ئي سڪون جي دوا. ڳُٽتيون، مايوسيون ۽ پريشانيون، جڏهن انسان کي مرڻ جهڙو ڪري ڇڏين، جيئڻ جون سموريون راهون بند ٿي وڃن، تڏهن ڪنهن همدرد ساٿيءَ سان گڏ ڪٽي ڪنڊ ۾ ويهي چرس جا مِٺا مِٺا سُوٽا هَڻجن تہ سمورين پريشانين ڪان نجات ملي وڃي."

"۽ شراب؟"

"شراب، ڇا ڳالهہ ڪجي شراب جي. هي شراب شهنشاهي نشو آهي. پر اڪيلي پيئڻ جو ڪونهي. دوستن سان گڏجي، ڪلندي، ٺهڪ ڏيندي پيئڻ جي شيءِ آهي. ۽ پُر ٽيڻ ڪانپوءِ پاڻ کي محبوب جي حوالي ڪري ڇڏجي. چُمي، چَٽي، چُوسي، يا ڪاتي ڪٽي ڳِترا ڳِترا ڪري هر حال ۾ ماڻهو سُرور ۾ ئي هوندو."

"مامي، خدا لڳ ڳالهہ ڪجي تہ ماما توکي ڳوٺ ۾ اڪيلو ڇڏي، وڏو ظلم ڪيو آهي. توکي جهيڙو ڪري بہ ماما سان گڏ شهر ۾ رهڻ گهرجي ها."

"جهيڙو ڪيو بہ اٿم سهڻي. اڃان بہ ڪندي ٿي رهانس. پر سچي ڳالهہ اها آهي تہ صابر کي مون تي اعتماد ڪونهي. جو مون کي گهر ۾ اڪيلو ڇڏي، پاڻ نوڪريءَ تي وڃي. اعتماد تہ هن کي مون تي هتي بہ ڪونهي. پر هي ڳوٺ سڄو هن جي عزيزن جو آهي. انهن تي اعتبار اٿس شايد. حالانڪہ اها هُن جي وڏي خوش فهمي آهي. عورت جي معاملي ۾، ڪنهن بہ مڙد تي اعتبار نٿو ڪري سگهجي. باقي هوءَ پاڻ چاهي تہ ڪنهن جو اعتماد برقرار رکي سگهي ٿي."

"تون سدائين قصا ٻڌائيندي آهين پنهنجي ننڍپڻ جا ۽ چوندي آهين تہ سدائين ڇوڪرن سان کيڏندي هئينءَ. ڇوڪرين سان تنهنجي لڳندي ڪانہ هئي. ان جو سبب ڪهڙو هو مامي؟"

"اصل ۾ ڇوڪرا مون کي وڻندا هئا. منهنجي پنهنجي خواهش بہ هئي تہ ڪاش مان ڇوڪرو هجان ها. ان ڪري ننڍي هوندي ڪان ئي مون پاڻ کي ڇوڪرن جهڙو رکيو. ڇوڪرن جهڙا ڪپڙا. ڇوڪرن جهڙا وار. آئون مائٽن جو اڪيلو ٻار هيس. مون ڪان اڳي، هنن جا چار ٻار بچي نہ سگهيا هئا. ان ڪري غريباڻي حال ۾ بہ منهنجي هر فرمائش پوري ڪندا هئا. مهتاب اسان جو پاڙيسري ۽ ڏاڍو سنو ڇوڪرو هو. هو منهنجو پياري ۾ پيارو دوست هو. هڪ ڏينهن هن مون سان نئين راند پئي ڪئي تہ امان اسان کي ڏسي ورتو. ٻنهيءَ کي جهلي، اهي چنبا هنيائين، جيڪي اڃا تائين نٿا وسرن. ان راند ۾ خبر ناهي ڪهڙو مزو هو. جو پوءِ تہ مون کي کيڏڻ جي عادت پئجي وئي. امان ڪان لِڪي لِڪي کيڏندي هيس."

"مئي، اهڙي راند کيڏڻ جي ڪا جاءِ بہ هئي. ڪن روڊ رستن تي ئي گڏهن وانگر؟"

"ڀهرين تہ پاڙي جي ڦتل جاين ۾ ويندا هئاسين. پر پوءِ ريلوي اسٽيشن تي بيٺل، مال گاڏيءَ جي پراڻن گاڏن ۾ ڀهچي وياسين."

"ڪنهن پڪڙيو ڪونہ؟"

"الاهي دفعا پڪڙجي پياسين. خواريءَ جي خوف ڪان، سزا طور پڪڙيندڙن جي دل بہ خوش ڪرڻي پوندي هئي."

"پڪڙيندڙ ڇوڪرا ڪيئن ڀهچندا هئا اوهان تائين،

لِڪ ڪونہ ڪندا هئا ڇا؟“

”پنهنجيءَ پَر ۾ تہ لِڪ گهٽيئي ڪندا هئاسين. نيٺ تہ ٻاراڻو عقل هو. پڪڙجي پوندا هئاسين. پر پڪڙيندڙ رڳو ڇوڪرا تہ ڪونہ هوندا هئا. ڏاڙهي مُڇن وارا مڙد بہ هوندا هئا. ڪيترا دفعا تہ روئاري ڇڏيندا هئا. تو واريءَ عمر ۾ تہ ٽن چئن مردن کي بہ منهن ڏيئي ويندي هيس.“

”مئي توسان تہ نسورو ظلم هو. الائي ڪيئن ٿي برداشت ڪيئي. منهنجا تہ ٻڌڻ سان بہ هٿ پير ڏڪن پيا. هان تو ٻُڌي.“

ايتري ۾ يارهن ٻارهن سالن جو ڪرڙو ٻار گهر ۾ داخل ٿيو. ميرا ڪپڙا حال هيڻان، هن کي ڏسي سهڻيءَ سُرٻاٽن ۾ چيو،

”ڇورو ڪارُو اچي پيو.“

”ڪير آهي؟“

”اُن ڏينهن توکي ٻڌايو جو هئم.“

”ها ها، اهو آهي. هي تہ صفا ننڍڙو آهي.“

”ايڏو بہ ننڍو ڪونهي. عمر ڇگي اٿس. قد جو ڪُر ڪُتو آهي.“

”ننڍڙا ڇا نالو اٿئي؟“

”ڪارُو.“

”ڪيئن آيو آهين؟“

”سهڻيءَ سڏايو هو، مزوري لاءِ.“

”هن عمر ۾ ڪهڙي مزوري ڪندين؟“

”گاهہ ڪندو آهيان. ڪاتيون بہ آڻيندو آهيان. ڇورين سان راند ڪڏندو آهيان. اهي بہ مزوري ڏينديون آهن.“

”ڇوريون مزوري ڏيئي ڪهڙي راند ڪنديون آهن؟“

سوال ٻڌي، ڪنڌ هيٺ ڪري ڪجهہ ڊنل آواز ۾ هن چيو، ”ڪوڏي ڪلي.“

”ڪوڏي ڪِلَي. اها وري ڪهڙي راند آهي. اسان نہ سُئي نہ ٻُڌي.“

”هنن وٽ ڪوڏي آهي. مون وٽ ڪِلي. ٻنهي کي ويڙهائيندا آهيون.“

”هاها، سمجهي ويس. ننڍي هوندي اسان اِن کي گهوٽ ڪنوار راند چوندا هئاسين. ڪهڙيون ڇوريون اها راند ڪنديون آهن؟“

”سڀ ڪنديون آهن. رَشُو، بَختُو، روزي.“

”الا، مائي سهڻي ٻڌين پئي تنهنجي شريف ڳوٺ جون ڳالهيون؟“

سهڻيءَ نڪ تي آڱر گَسائي، ٻئي هٿ ڪنن جي پاپڙين کي لڳائي توبهہ ڪئي. پياري وري ڪاروءَ سان مخاطب ٿي،

”ماڻهن ڪان ڊڄو ڪونہ ٿا؟“

”لڪي لِڪي ڪندا آهيون. ڪمند ۾، شاڪ ۾.“

”يَلا ٻڌ...“

پياريءَ، ڪاروءَ جي وارن تي هٿ ڦيرائي، سندس ڳل کي پَٽيندي رازداڻي انداز ۾ چيو،

”اسان سان ڪندين اِها راند؟“

ڪاروءَ حيرت مان هن ڏي نهاري خوف مان ٿورو پوئتي هٽي، ڪنڌ هيٺ ڪري، انڪار ۾ متو ڌوڻيو.

”ڇو، ڇونہ ڪندين؟ اسين بہ توکي مزوري ڏينديوسين.“

”اوهين وڏيون آهيو، وڏن مڙدن سان ڪريو.“

”ڇورا ڏاڍو چالاڪ آهين. هن عمر ۾ بہ، وڏو ٿي تہ الائي ڇا ڪندين؟“

پياري اُٿي، ڪمري ۾ ويئي ۽ ڏهين وارو نوٽ آڻي ڪاروءَ کي ڏنائين.

”هيءَ تنهنجي اڄوڪي مزوري. وري توکي ڪنهن ڏينهن گهرائينديس. ٺيڪ آهي؟ ۽ ٻُڌ، اسان جيڪي ڳالهيون ڪيون آهن، سي ڪنهن سان بہ نہ ڪجانءِ.“

هو انڪار ۾ متو ڌوڻي، تيزيءَ سان ٻاهر نڪري ويو. پياري، سهڻيءَ سان مخاطب ٿي.

”تو ڇوڪري سان هڪڙو اکر بہ ڪونہ ڳالهايو، ڇو؟“

”مون کي شرم پيو اچي. ڇا ڳالهايانس ها؟“

”ڪجهہ بہ ڳالهائينس ها، حجاب تہ ٽٽي ئي ها. آئون سمجهان ٿي ڇورو تنهنجي لاءِ چڱو آهي. نہ لِڪڻ نہ ڊڄڻ، منهنجي گهر ۾ ويهي قرب وندبيو. ٻي ڌڙڪ ٿي.“

”مُئي شرم ڪر، ڪهڙيون ٿي ڳالهيون ڪرين. مون سڄي زندگي اهڙو ڪم ڪونہ ڪيو.“

”باقي سڏايو ڇو اٿئيس؟“

”پنهنجي لاءِ ٿوروئي، تنهنجي لاءِ سڏايو مانس. تنهنجيون ڳالهيون ٻڌي ڏک پئي ٿيو. هيڪر ٿي ڇوين تہ ڪٽي ٻلي سان پڇي وينديس. وري ڪير ملي ئي ٿو تہ نخرا ٿي ڪرين.“

”ڏس، مون توکي ٻڌايو آهي تہ مون شينهن مڙسن سان وقت گذاريو آهي. مون کي وري بہ پنهنجي جوڙَ جو مڙد کپي. هي ويچارو تہ ٻار آهي. هن سان منهنجو ملڻ ائين ٿيندو، جيئن ڪير پريل ٿانوَ ۾ آڱر ٻوڙي، لٻي ڇڏڻ.“

”مامي، مون چيو نہ تہ هُن جي قد تي نہ وڃ. بختوءَ چيو پئي تہ ڇورو مڙدن جون سِڪون ٿو لاهي. ڇوريون تہ هُن تي چَريون آهن. شاڪ ۾ چَار چار ٽُپيون هٽي، مِٺا مِٺا هٿ ڦيري، جسم سان جسم گسائي، ڇورين کي آسيس ٿو ڏي. وڏو چالاڪ ڇورو آهي. آئون سمجهان ٿي، توکي بہ مايوس ڪونہ ڪندو. هو چوندا ڪونہ آهن تہ جِتي وڻ ناهي، اتي ڪانڊيرو بہ درخت آهي.“

”ڏس سهڻي، تون بيشڪ هوشيار ڇوڪري آهين. پر هينئر تنهنجي هوشياريءَ تي مون کي ڪِل ٿي اچي. بختوءَ ٻڌايو تہ ڇورو مڙدن جون سِڪون ٿو لاهي ۽ تون هن جي ڳالهہ تي اعتبار ڪري ويٺي آهين. بختو پاڻ ٿِڌ جيڏي. هن کي ڪهڙي خبر تہ مڙدن جون سِڪون ڪيئن لهنديون آهن. مون کي ڇڏ، تون پنهنجي لاءِ سوچ. راند جي وهي اِها اٿئي. ڪري وٺ سال ڏيڍ ۾ جيڪي ڪجهہ ڪري ٿي سگهين. باقي جنهن ڏينهن سُٿڻ کي ڳاڙهو چُٽو لڳئي نہ. سمجهہ تہ تنهنجي گهمڻ ڦرڻ سڀ ختم. گهر جي چؤديواريءَ ۾ قيد ٿي رهجي وينديءَ. تڏهن هنن ڏينهن لاءِ ڏاڍا هٿ هٽنديءِ.“

هُن جون ڳالهيون ٻڌي، سهڻي ڇڻ تہ ڍَڪرن ۾ اچي ويئي. حيرت ۽ خوف مان اکيون ڦاڙي پياريءَ کي ڏسندي رهي. هڪڙو اکر بہ ڳالهائي نہ سگهي. ڪِڇ دير جي خاموشيءَ ڪانپوءِ اٿندي چيائين،

”آئون هلان ٿي.“

*

سهڻيءَ جي وڃڻ ڪانپوءِ هوءَ مينهن چوڙي، شاخ تي وڃڻ لاءِ سنيري پئي تہ اوچتو ڪارُو ٻاهران ڊوڙندو آيو.

”خير تہ آهي ڪارو، ڪنهن ڊوڙايو اٿئي ڇا؟“

”هڪڙو ماڻهو هُندا تي آيو آهي، تنهنجو پڇي پيو.“

”ڪٿي آهي؟“

”دَر تي بيٺو آهي.“

هوءَ تڪڙو تڪڙو ڪمري ۾ آئي هٿ آلو ڪري منهن تي گهمايائين. وارن کي ڪنگهي سان ٺيڪ ڪيائين. چادر بدلائي ٻي پاتائين. چپل بہ بدلايائين. در تي پهچي ڏٺائين تہ سندس اکيون حيرت گاڏڙ خوشيءَ ۾ ڦاٽي پيون. ساڳيو ڏاند وارو نوجوان. موٽر سائيڪل تي ويٺو هو. پلي ٽوپي مٿي تي، ڪُلهن تي ٻپُڙي اَجرڪ. اُن جي هيٺان ڪلاشنڪوف جي گولين جاَ بہ پٽا چڙهيل ڪاٻي ڪلهي تَي لڙڪندڙ ڪلاشنڪوف، ڪارا ڪپڙا پاتل. سنهيون وٽيل مڇون، گهٽ ۾ گهٽ پنج سؤ ايڪڙن وارو زميندار پئي لڳو. پياريءَ کيس ٻَهڪندڙ منهن سان ڪيڪاريو.

”اچي وئين؟“

”ڏسين پئي.“

”اندر اچ.“ هن لوهي دروازي جا ٻئي تاڪ کولي، کيس رستو ڏنو.

”تنهنجو لاءِ ڪو مسئلو نہ ٿئي.“

”منهنجو ڀاڳ مون سان، تون اچ تہ سهي.“

هو موٽر سائيڪل هلائي ٿُلهي تي پهتو. پياريءَ تڙ تڪڙ ۾ ناهوڪو هنڌ وڇائي، ٽُڪ جي رليءَ تي بہ وهاڻا رکي کيس ويهاريو. ڪارُوءَ کي سؤ جو نوٽ ڏيئي دوڪان تان ٿڌي پوتل وٺي اچڻ جو چيائين. هن جي وڃڻ سان. مهمان جي اڳيان اچي بيٺي. اکين ۾ ملڻ جون خواهشون ليئا پائي رهيون هيس. جن کي پروڙيندي، مهمان اٿيو. کيس ٻاڪُن ۾ ڪٽي، چپ، چپن ۾ جُڙي ورتائين. اُهائي ٻانهن جي ٻل، اُهي ئي هٿن جا شڪنجا، جن جي خواهش وَرهين کان هُيس. هن دل ئي دلِ ۾ خدا جو شڪر ڪيو. ٻاهرئين دَر جي آواز تي، پاڻ ڇڏائي هوءَ مهمان جي سامهون، ڪرسيءَ تي ٿي ويٺي.

ڪارو بوتل وٺي آيو. گلاس ڀري مهمان کي ڏنائين. ٻيو ڀري ڪاروءَ کي ڏنائين. پنهنجي لاءِ گلاس ۾ ٿورڙو وڌائين. ان بعد ڪاروءَ کي مينهن ڇوڙي، شاخ تي وڃڻ لاءِ ڏنائين. ڪونج جي پنيءَ تي آخري پيرو موڪلاڻيءَ وارا پيار پريا هٿ ڦيرائي ڳچيءَ ۾ ڀاڪر وجهي چُمي ڏنائين. ڪمري ۾ آئي تہ مهمان ڏاڍو اتاولو پئي لڳو.

”هاڻي ڪرڻو ڇاهي، جلدي ٻڌاءِ. پرائي گهر ۾ گهڻو ويهڻ بہ چڱو ڪونهي.“

”بي فڪر ٿي ويهہ، ڳوٺ وارن کي آئون پاڻهي منهن ڏينديس. تون رڳو ايترو ڪر، جيڪي آئون چوانءِ، سوئي ڳالهائجانءِ.“

”تون حڪم ڪر، گهٽ ڪانہ ڪبي.“

مهمان کي ضروري سمجهاڻي ڏيندي، هوءَ پنهنجو سامان بہ ڪڍي ڪٽ تي رکڻ لڳي. هوڏانهن سڄي ڳوٺ ۾ ڦڙڦوٽ پئجي ويئي تہ پياريءَ جي گهر ۾ ڪو ڌاريو مڙد آيو آهي. عورتن اِها ڌماڪيدار خبر ’بريڪنگ نيوز‘ طور هڪٻئي تائين پهچائي.

ڳوٺ جي مردن کي بہ هتان هُتان سڏايو ويو. آخرڪار اٺ ڏهہ مرد، چار پنج عورتون، ڏنڊا ڪهاڙيون ۽ بندوقون کڻي، جلوس ڪري پياريءَ جي در تي اچي بيٺا. لوهي

دروازي کي زور سان کڙڪايائون تہ پياري ٻاهر نڪري آئي. هُن کي ڏسندي ئي حاجي گلاب ڇڻ تہ ڦاٽي پيو.

”مائي کو حياءُ، کو شرم اٿئي، جو ڪٽي صفا اکيون پوريون اٿئي. ڪهڙي يارَ کي گهر ۾ لِڪايو ويٺي آهين؟“

”الحمدللہ، حياءُ بہ اٿم تہ شرم بہ اٿم. چاچاحاجي، اوهان پهرين پاڻ ڏي ڏسو تہ هي ڇا ڪيو اٿوَ. ڊَنبلو ڪري اچي منهنجي در تي بيٺا آهيو. دنيا وارا ڇا چوندا؟اوهان کي کو شڪ هو تہ پهرين پاڻ اچي ڏسو ها تہ گهرِ۾ ڪهن کي ويهاريو اٿم. پوءِ جي وڙهڻ نهي ها تہ وڙهي وٺوها. آئون اڪيلي زال اوهان کان ڏاڍي تہ ڪانہ هيس.“

”هاڻي ڇڏ نخرا. ٻڌاءِ بہ ڪٽي. ڪنهن کي ويهاريو اٿئي. ڪير آهي اندر؟“

”سڳي چاچي جي پٽ ۽ سڳي سؤٽ کي ويهاريو اٿم. هن کي مون وٽ اچڻ کان ڳوٺ وارا تہ ڇا، خود قانون بہ نٿو روڪي سگهي.“

”تنهنجو سؤٽ، سال ڏيڍ ۾ تہ ڪڏهن ڪونہ آيو. هينئر ڪٿان نڪتو آهي؟“

”سال ڏيڍ ۾ تہ منهنجا ماءُ پيءُ بہ هتي ڪونہ آيا. تہ ڇا اُهي منهنجا ماءُ پيءُ ڪونہ آهن؟ ٻيا عزيز تہ پنهنجي جاءِ ٿيا. اِن عرصي ۾ اوهان مان ڪنهن هڪڙي بہ منهنجي گهر ۾ جهاتي پائي ڏٺو تہ ڪهڙي حال ۾ آهيان؟ ڪنهن مرٽي پرٽي تہ بہ ڪڏهن ياد ڪيو اٿوَ. مائٽياڻي سمجهِي نہ سهي، پاڙي ۾ رهندڙ انسان سمجهي بہ ڪڏهن سارَ لڌي اٿوَ؟“

گوَڙ تي، گهر ۾ ويٺل مهمان ڪلاشنڪوف ڪٽي ٻاهر نڪتو.

”ڇا جو گوڙ آهي سؤٽ، هي ڇو بيٺا آهن؟“

”سؤٽ، هي منهنجي مڙس جا عزيز ۽ ڳوٺ جا چڱا مڙس آهن، پڇڻ آيا آهن تہ، گهر ۾ ڪنهن کي ويهاريو اٿم؟“

”اِجهو، اوهان جي سامهون آهيان، ڏسي وٺو. ماڇي آهيان، دلاور نالو اٿم. پياريءَ جو سؤٽ آهيان ٻيو ڪجھ؟“

نوجوان جي هٿ ۾ ڪلاشنڪوف ۽ سيني تي گولين جا پٽا ڏسي، جلوس مان گهڻن جا تہ هٿ پير ٿڌا ٿي ويا. ڪِن تہ بيٺي بيٺي ’رِورس گيئر‘ هٽي، ڪجھ وڪون پوئتي ڪٽيِ ورتيون. وڏي همت ڪري حاجي گلاب، ڳالھ کي لئي مِٽي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

”بابا، مائي پياريءَ جو مڙس نوڪريءَ سانگي ٻاهر ٿو رهي. هيءَ ويچاري پنهنجي گهر ۾ اڪيلي ٿي رهي. ان ڪري اسين هن جي گهر تي نظر رکيو ويٺا آهيون. تہ متان ڪو لچ لوڦر اک ڪٽي بہ گهر ڏي ڏسي، ٻي ڳالھ ڪانهي بابا، تون اسان جو ٻچو آهين، ڀلي اچ، سدا اچ، اسان کي ڪو اعتراض ڪونهي.“

”پياريءَ جي گهر تي تہ نظر رکو ٿا، هن جي گهمڻ ڦِرڻ تي بہ نظر رکو ٿا. پر هن مسڪين جو پيءُ، روڊ حادثيِ ۾ ڦتڪي ڦتڪي مري ويو. اسپتال تائين بہ ڪونہ پهتو. اُن جي خبر ورتي اٿوَ؟ هن جي ماءُ، ڏيءُ ۽ مڙس لاءِ روئي رِوئي، ڳِدُوءَ جي چَرين واري اسپتال ۾ وڃي داخلِ ٿي، اُن جي سارَ لڌي اٿوَ؟ ڳوٺ جا چڱا مڙس آهيو تہ چڱن واري نظر بہ رکو نہ. رڳو گهر جي چوڪيداريِ نہ ڪريو. ۽ ٻُڌو، پياريءَ کي آئون هينئر ڳوٺ وٺيو ٿو وڃان. سِپاٽي ڳِدوءَ وٺي ويندوسانس ماءُ سان ملائڻ. هن جو مڙس اچي تہ منهنجي ائڊريس ڏيئي ڇڏجوس.

ڪچي جي ڪاري ڪيٽيءَ ۾ منهنجو ڳوٺ آهي. ’دِلوءَ جا ڀاڻ‘ اُتان اچي زال کي وٺي وڃي. هاڻي هلو هتان. لاهيو گوڙ.“

جلوس اک ڇنڀ ۾ ڪک پن ٿي ويو تہ هو بہ گهر ڏي موٽيو. پياريءَ حاجيءَ کي منٿ واري انداز ۾ چيو،

”چاچا حاجي، هڪڙي مهرباني ڪر مون تي. اسان جي مينهن مون کان ملھ وٺ. امان جو علاج ڪرائڻو آهي. ڏوڪڙ ٿا کپن.“

”ڏيءَ ڏوڪڙ کوڙ تولاءِ، پر مينهن نہ کپاءِ. اهڙي مينهن وري نہ ملندئي. ماءُ جي علاج جيترا پئسا آئون توکي ڏيان ٿو، موٽي اچي مون کي ڏجانءِ.“

”مهرباني چاچا، پر مينهن وٺين ها تہ چڱو هو. مون کي پنهنجيءَ مان سپ ٿي پوي ها...“

*

حاجي گلاب جي موٽڻ تي سيني سک جو ساھ کنيو. گهڻن جو خيال هو تہ ڪلاشنڪوف جي منهن مان بچي نڪرڻ بہ معجزي کان گهٽ نہ هو. گوڙ لٿو تہ پياري بہ مهمان اڳيان اچي بيٺي پنهنجا وعدا وچن وٺڻ.

”سؤٽ، هاڻي اِتي ئي هڪ هڪوٽي ڪري ڇڏ. وٺڻ آيو آهين تہ ٻڌاءِ هلڻ لاءِ آئون تيار آهيان. پر پوءِ پڇاڙيءَ جي پارت اٿئي. دل پَرچي وڃي ئي تہ گولي هڻي، اُتي ئي پوري ڇڏجانءِ. باقي پوليس ٿاڻن ۾ ۽ وڏيرن جي جرڳن ۾ رُلائي، خوار نہ ڪرائجائينم.“

”دل هَول نہ ڪر سؤٽ. هٿ مِلاءِ.“

هُن پنهنجو ننڍڙو ۽ نازڪ هٿ، سؤٽ جي مضبوط هٿ ۾ ڏيئي نِباھ جو پڪو وعدو ورتو. ۽ هن جي سيني تي مٿو رکي ڇڏيو. سندس ويڪري ڇاتيءَ مان نڪرندڙ مرداڻي پگهر جي خوشبوءِ مان سرشار ٿي، جهٽڪي سان هُن پنهنجو مٿو کنيو ۽ تيزيءَ سان پنهنجو سامان بئگ ۾ وجهي پئڪ ڪرڻ لڳي. ڪپڙا، زيور ۽ پندرهن، ويھ هزار روپيا ڪيش، جيڪي ٿورا ٿورا ڪري هن بچائي رکيا هئا. ايتري ۾ سهڻي بہ پهچي ويئي. پيءُ کان مليل ڏھ هزار روپيا هُن پياريءَ کي ڏنا. سهڻيءَ جو تعارف ڪرائيندي هن چيو،

”سؤٽ هن ڳوٺ ۾ هيءَ منهنجي اڪيلي دوست آهي. دوست بہ آهي تہ ننڍي ڀيڻ بہ. خدا خوش رکيس. ڏاڍي فضيلت واري ڇوڪري آهي. ۽ سهڻي هي آهي منهنجي سِر جو سائين، منهنجو پرديسي، جنهن جون ڳالهيون روز توسان ڪندي هيس.“

”ادا، تو اسان جي ڀيڻ کي ڏاڍو انتظار ڪرايو آهي؟“

”انتظار ڪانپوءِ، جڏهن ملاقات ٿيندي آهي تہ اُن جو تہ مزو بہ وري اوترو ئي هوندو آهي... خير، هاڻي تہ هميشہ لاءِ انتظار ختم ٿو ڪريانس.“

”ڇا مطلب؟“

سهڻيءَ جي سوال تي پياريءَ بيگ کي بند ڪري، هميشہ وانگر هٿن کي نچائيندي ڳائڻ شروع ڪيو،

”الا مان اُڏري ويندي سانءِ... الا...“

هن جون اکيون پرجي آيون. آواز ڳلي ۾ رهڙجي ويس. ٿلھ پورو ڪريِ نہ سگهي. سهڻي ڇڻ تہ ڦتڪي پئي.

”چوين ڇا پئي مُئي، ڪَل تہ ڪانہ ٿِڙي اٿئي. ماٺهو ڇا چوندا؟“

”بس سهڻي، ماڻهو ڀلي چوندا رهن، جيڪي چوڻو اٿن. وقت اچي ويو آهي تہ ڪلي موڪلائجي. منهنجيون غلطيون، ڪوتاهيون مون کي معاف ڪر. منهنجيون دعائون سدائين توسان رهنديون. شل خوش هجين. آباد هجين. مون کي بہ دعا ڪر تہ سُکَ جون کي گهڙيون نصيب ٿين. هي گهر ۽ ڪونج هاڻي تنهنجي حوالي. هي اٿئي چابيون.“

ٽمندڙ نيڻن سان ڀاڪر پائي، چُميون ڏيئي ٻنهيءَ موڪلايو. مهمان بئگ ڪٽي موٽر سائيڪل جي ڇڪي تي ٻڌي ورتو. پياري ڪارو برقعو پائي، نوجوان جي چيلھ ۾ ٻَکُ وجهي شهري ڇوڪرين جيان موٽر سائيڪل تي ويٺي.

سهڻيءَ جون اکيون ساوڻ جي ڪَڪَر جيان وَسي پيون. هانءُ ڇِڄي پيس. هنڊا 125 هلڪڙيءَ ڪِڪ سان اسٽارٽ ٿي هلڻ لڳي. سهڻي بہ سَندن پويان ڊوڙندي دروازي کان ٻاهر نڪري بيٺي. هٿ لوڏي، لڙڪ هاريندي پنهنجي پياريءَ کي الوداع ڪندي رهي. جاڙڪيءَ جي کپ تان ڌوڙ اُڏائيندي، موٽر سائيڪل نظرن کان اوجهل ٿي ويئي.

*

صابر کي فون ڪري اطلاع ڏنو ويو. هو ڪراچيءَ کان واءُ مينهن ڪندي، رات جي پيٽ ۾ ڳوٺ پهتو. حقيقت معلوم ڪرڻ ڪانپوءِ فون ڪري، بئنڪ وارن دوستن کان پنهنجي سهري ۽ سَسُ جي خيريت معلوم ڪيائين. جن ٻڌايس تہ هو بلڪل ٺيڪ ٺاڪ آهن. اهو ٻڌي صابر جي پيرن هيٺان زمين نڪري ويئي. باقي رات مائٽن ۽ دوستن سان صلاحون ڪندي گذاريائين.

صبح جو سوير چار دوست، هٿيار ڪٽي، ٽِيڪسيءَ ۾ چڙهي، ڪچي واري ڪارِي ڪيٽيءَ پهتا. ’دِلوءَ جا ڀاڻ‘ بابت پڇڻ تي خبر پين تہ اُن نالي جو ڪوبہ ڳوٺ، ڪاري ڪيٽيءَ ۾ ڪونهي. نہ وري دلاور ماڇي نالي ڪو نوجوان ان علائقي ۾ رهي ٿو. مايوس ٿي ڳوٺ موٽيا. علائقي جي MPA کان سفارشي خط وٺي ٻئي ڏينهن ٿاڻي پهتا. صوبيدار سان مليِ، سڄي حقيقت ڪرڻ ۽ وات مِٺو ڪرائڻ ڪانپوءِ، اغوا ۽ ڌاڙي جو ڪيس داخل ڪيو ويو. جنهن ۾ ڄاڻايو ويو،

”مسمات پياري، زال صابر حسين کي، دلاور ماڇي نالي ڪو ڌاڙيل، ٻن نامعلوم ساٿين جي مدد سان، هٿيارن جي زور تي، شام جو ڇئين وڳي اغوا ڪري ويو. ان کان علاوه، ڏھ تولا سونا زيور ۽ ٻہ لک روپيا روڪ ۽ ٻيو قيمتي گهرو سامان پڻ ڪٽي ويا.“

*

ڳوٺ وارن جڏهن اها ڊرامائي خبر ٻڌي تہ حيران ٿي ويا. هر ڪنهن پنهنجي پنهنجي راءِ ۾ پياريءَ تي چوھ ڇنيا.

ڪنهن چيو، ’ڪِني آڱر، وَڍي چڱي‘

ڪنهن چيو، ’ياڄوڪڙ نيٺ ياڄوڪڙ ئي نڪتي.‘

ڪنهن چيو، ’چڱو ٿيو جو ڪِني مَڇي نِڪتي نہ تہ ڪاروئي ڪِنو ڪري ها.‘

پر سِيني کان وزنائتي ڳالھ ٻَڳُو ملنگ ڪئي،

’صابر جي ساڳي مڱ، اجان ويٺي آهي. سپاٽي ئي ان سان لائون لهي ڪٽي، جهيڙو ئي ختم.‘

ملنگ جي ڳالھ ڳوٺ وارن کي تہ وڻي. پر صابر جي هانءُ تي چنڊو اجان بہ نہ لڳو. هن پنهنجي ڳولا جاري رکڻ جو وچن ڪيو. هاڻي ڏسڻو اهو آهي تہ ڪچي جي ڪاري ڪيٽيءَ جي زميندار دلاور ماڇيءَ خلاف اغوا ۽ ڌاڙي جي FIR ڪٽيندڙ پوليس، مُنڍ جمڙائو جي ڌاڙيل ٻشام ڪوسي تائين ڪڏهن ٿي پهچي؟ ■

# رت جو ڳرڙو...

ج.ع.منگهاڻي

سج تہ اهوئي ساڳيو اڳوڻو هو ۽ اڳوڻي وانگيانئي اڀريو هو. پر اڄ تہ جڻ سورن جا سنڌ پي اوتيائين. باھہ جا پڙڪا پي ڪيائين.

”اها ڳالھہ ڪنهن ڪئي؟“

”...“

”نندي سردار جي ڪنن تائين ڪنهن پڄائي؟“

ٻنهي گهرن ۾ موت جهڙي خاموشي هئي. جڻهينئر ٻنهي گهرن مان جنازہ نڪتا هجن. جن بہ اوسي پاسي وارن کي انهيءَ ڳالھہ جي ٻڙڪ پئي تن جا وات ۽ ڪنن ڏانهن ڪڇي ويا. سس پس ۽ ڪسڪا وڌيا. جيڪو نہ ٿيڻو هو. اهو ٿي ويو. عزت مٽيءَ ۾ ملي وئي. ٻئي عزت ڀريا گهراڻا. ائين نہ پئي ٿي سگهيو تہ ڪجھہ ڏينهن کان پوءِ اها خبر واتين اڇي ها؟ نہ، بلڪل عين موقعي تي. جڏهن تہ نندي سردار نور محمد خان جي شادي بس، سڀاڻي هئي. هاڻي ڇا ٿيندو؟

صبح کان وٺي جيئن نندو سردارء اوطاق ڏانهن ويو هو تہ وريو ئي ڪونہ. وڏي جيجانء جنهن جو رعب ۽ دٻدٻو وڏي سردار کان بہ وڌو هو، تنهن جي هيٺي هڪل اڄ وچ ۽ بيقراريءَ مان ئي ظاهر هو تہ ڪيس وڌو ڏڪو رسيو آهي. ڇو نہ رسيو هوندو؟ مس مس ڪري تہ وڏي سردار کان پنهنجي پاءُ سان سڳ ڳنڍڻ جي موڪل ورتي هئائين. اهو بہ چڱو ٿيو جو ٿورو اڳ سردار شير محمد خان رضا ڪري ويو هو، نہ تہ اڄ جيڪو سندس لاءِ طعنن جو طوفان لٿي ها سو جيڪر جڳ ڏسي ها ۽ جيڪر هوءَ ڦلهيار جي ڦوڪ جيان اڏامي وڃي ها. پر هاڻي ڇا ٿيندو؟

متان نندو سردار انڪار ڪري؟

ڪنوار آڪي (ونانهن) ۾ ويٺل. دنيا کي دعوتون مليل. ڪي آيل هئا تہ ڪي آيا پئي. ديڳين جون قطارون چڙهيل ۽ دهلن ۽ شرنائين جي ڌم. ڏاڍو هُل هنگامو ۽ ڌمچر متل هو. ٿوري ڳالھہ نہ هئي. راڄ جي پڳ ڏٽي نور محمد خان جي شادي هئي. اها بہ سڀاڻي.

وڏي جيجان جو ساھہ ٿي سڪو. من ٿي منجهاميو. نہ پائيين تہ ڇا ڪري.

"لالي، اڙي او لالي.“

”جي سائنڻ.“

لالي جن جيان حاضر ٿي.

”وڃ ٻاهر ربوءَ کي چئو تہ نورل کي گهر سڏايو اٿئون.“

لاليءَ ڏيڍيءَ ڏانهن ڊوڙ ڪئي ۽ وڏي جيجان جي اڄ وڃ ۽ بيقراريءَ ۾ واڌ آئي. اڃا ٿوري دير مس ٿي تہ اوچتو دهلن جو ڌمچر بيهجي ويو. جن عرشن کي پي ٻـوليو. ٻپ واريءَ ماٺ مڙي مان پر پکيڙيا. هارايل جواريءَ جيان ڪنڌ هيٺ ڪيو نندو سردار نور محمد خان حويليءَ ۾ گهڙيو. وڏي جيجانء جو ڪيس ائين ڏٺو تہ اتاولي ٿي وڏي سندس نرڙ چميو. هو نندين نندين وکون کڻندو پنهنجي ڪمري ۾ آيو ۽ اچڻ ساڻ سڄي ڏينهن جي ٿڪل پورهيت جيان پاڻ کي کٽي پلنگ تي اڇلايائين. سندس پٺيان ئي پٺيان سندس جيجل ماءُ سائنڻ عزت خاتون بہ اندر ڪمري ۾ هلي آئي ۽ اچي سندس پير ۾ ويهي رهي. ڪجھہ دير ماٺ ۽ خاموشي رهي. پر ڪيستائين؟ نيٺ ان کي ئي ڳالهائڻو پيو، جنهن کي ڳالهائڻو هو.

”توکي مون سڏايو آهي نورل پٽ.“

ماٺ جو پردو زورن سان وڏي جيجان چيريندي چيو.

”مون تہ اوهان کان ڪونہ پڇيو هو؟“

ماءُ ۾ نهارڻ بنا ئي هن وراڻيو. جيڪو اڳ تيسين پيرن ۾ ويٺو هوندو هو جيسين ماءُ ڳالهائيندي هئي.

”اهو سڀ ڪوڙ آهي ابا، اهو سڀ ڪوڙ آهي منهنجا جاني پٽ. نسورو ڪوڙ.“

نور محمد خان هڪدم ٽپ ڏيئي پلنگ تان اٿيو ۽ ماءُ ۾ گهور وجهي چيائين، ”ڪوڙ هجي يا سچ. مان ڪجھہ ٻڌڻ لاءِ تيار ناهيان. ڪجھہ بہ ٻڌڻ نٿو چاهيان. مان ڪا بہ صفائي نہ ٻڌندس.“

”منهنجا جاني جيءَ مٺا پٽ، اهو سڀ ڪوڙ آهي. بهتان آهي. مان تنهنجي ماءُ آهيانء مان توسان ڪڏهن بہ ڪوڙ نہ ڳالهائيندس.“

”پوءِ اهو سڀ ڇو ٿيو. ڪنهن ڪيو. ڇو ٿيو ائين؟“

”پٽ، اها رڳو دشمني آهي. ٻيو ڪجھہ بہ ڪونهي.“

”دشمني، ڪنهن سان؟ مون سان يا هن سان؟“

”ڪنهن سان بہ. توسان يا هن سان. پر آهي سراسر دشمني ۽ وير. منهنجا صلاح سڏير پٽ. تون اڃاڻيو آهين ۽ ...“

"ها، مان اڃا نندو آهيان ۽ اهڙيون سوليون ڳالهيون بہ منهنجي سمجھہ کان ٻاهر آهن. ائين نہ. ڇا بہ ٿي مان اها شادي نہ ڪندس.“ هن فيصلہ ڪن انداز ۾ چيو.

”نہ، نہ ائين ڪڏهن بہ نہ ٿيندو. توکي واسطو آهي منهنجي ٿڃ جو. مان تنهنجي ماءُ ٿي تنهنجي اڳيان هٿ ٻڌان ٿي. ائين ڪرڻ سان اسان جو خاندان بدنام ٿي ويندو ۽ اهو بدناميءَ جو بوجھہ مان سهي نہ سگهنديس.“ ماءُ پٽ اڏو هٿ ٻڌندي چيو.

هوءَ ان پٽ اڳيان ليلائي رهي هئي جيڪو اڳ سندس هر لفظ کي حڪم جو درجو سمجهندو هو.

”ياتي آهي تنهنجي تنهن ڪري خاندان ۽ ان جي عزت ياد آئي اٿو. پر منهنجو خاندان تہ هي آهي ۽ مونکي پنهنجي خاندان جي عزت پنهنجي جان کان بہ وڌيڪ پياري ۽ عزيز آهي.“

هن ڇرڪي پٽ ڏانهن نهاريو جيڪو پل ۾ پرائو ٿي چڪو هو.

”منهنجو خاندان هي آهي جنهن ۾ مان رهان ٿي. منهنجو خاندان هي آهي جنهن ۾ منهنجي ڏولي آئي ۽ جنازو نڪرندو. منهنجو ٻيو ڪو بہ خاندان ڪونهي پٽ. منهنجو خاندان هي آهي. جنهن ۾ مون توکي ڄڻيو نپايو ۽ وڏو ڪيو.“ ڳوڙها سندس ڳلن تان وهي رهيا هئا.

نور محمد خان چپ چاپ ماءُ ۾ نهاري رهيو. جنهن کي اڳ اداس ۽ انهرو ڏسي پاڪر پائي پرچائيندو هو. پر اڄ سندس اندر واريءَ لوچ پوچ ۽ آنڌ مانڌ ڪيس پٿر ٻلٽي چڙيو هو. هن کي ڪجھہ بہ ياد نہ هو. سڀ ڪجھہ وسري ويو هوس. بس، جي ڪجھہ ياد هوس تہ رڳو اهو تہ حسنہ ساڻس بيوفائي ڪئي آهي. انياءُ ڪيو آهي. ڏک ڏنو آهي.

حسنہ سندس نندپڻ جي محبت هئي. جنهن کان هڪ پل ڌار رهڻ وارو تصور بہ ڪيس تڙپائي وجهندو هو. هوءَ سندس مامي جي ڌيءَ هئي. جڏهن تہ سندس مڱ سڱي سؤٽ جنهن جي ڏِنگي تي سندس ناڻءَ جي پوتي پيل هئي. جنهن کان انڪار ڪندي هن ڪيڏو جهيڙيو هو. پنهنجي پيءُ سان. سندس پيءُ وري ڪيڏو شرمندو ٿيو هو پنهنجي پاءُ اڳيان، پنهنجي پٽ جو انڪاري جواب ٻڌائيندي پر هن کي تہ ڪنهن جي بہ پرواھہ نہ هئي. هو خوش هو تہ ڪيس پنهنجي محبت حسنہ ملي وئي آهي. هو تنهن ڏينهن بہ ڪيڏو خوش هو، جڏهن هن حسنہ کي ٻڌايو هو تہ بابا راضي ٿي ويو آهي ۽ پوءِ هو ٻئي ڪيتري دير تائين پنهنجي سپني کي ساڀيا جو روپ وٺڻ تي خوشي ۽ حيرت مان هڪ ٻئي کي مبارڪون ۽ مرڪون ڏيندا رهيا هئا.

اهو ڏينهن سڄو هن حسنہ وارن وٽ گذاريو هو ۽ سڄو ڏينهن حسنہ کي ڏسندي ساڻس ڳالهيون ڪندي ۽ ذري ذري لاءِ سڏيندي تنگ ڪندي ٿهڪ ڏيندي گذاريو هو. حسنہ کي ڏسي ڏسي بہ سندس ڍءُ نٿي ٿيو.

اڃا هوءَ مس چانھہ ڏيئي وڃي تہ وري سڏ،

”حسنہ، او حسنہ.“

هوءَ مشڪندي شرمائيندي ڪمري ۾ آئي پئي تہ سندس اندر ئي ٺري ٿي پيو.

”پٽ نورل، حسنہ تہ اچي وڃي گسي وئي آهي.“ سندس مامي چرچي چرچي ۾ چيو هو.

”پوءِ مامي ويهي بہ تہ نٿي.“

”پٽ هاڻي ايڏي اتاولائي بہ جڙي نٿي!!“

”نہ مامي متان جهليو اٿئي.“

”پٽ مڱڻي کان پوءِ تہ حسنہ جو توکان پردو ڪرائبو.“

”پوءِ مان مڱڻو ڪندس ئي ڪونہ. سڌو نڪاح ڪندس.“

”پر تنهنجو مڱڻو تہ هن ئي جمعي جي رات آهي.“

”ڪنهن چيو آهي؟“

”سردار شير محمد خان چورايو آهي.“

_ مڱڻي کان پوءِ بہ هو ايندو ويندو رهيو.

”مڱڻي کان پوءِ ڪنوار جي گهر نہ وڃبو آهي.“ ڪيس ڪنهن ٽوڪيو هو.

پر هن ڪا پرواھہ نہ ڪئي. هو ويندو تہ هو پر حسنہ جو ڪائنس پردو ڪرايو ويندو هو ۽ هو ڪنهن نہ ڪنهن ٻهاني سان ڪيس ڏسي ۽ ساڻس ڳالهائي وٺندو هو، پر اوچتو جڏهن سردار شير محمد خان کي هارٽ اٽيڪ ٿيو ۽ هن راھہ رباني ورتي ۽ ڪيس جڏهن پڳ جو پهريون ور وڌو ويو هو تہ ڄڻ اهو ور مٿائنس ذميدارين جو پهريون لوهي زنجير هو. پوءِ پٽڪي جو هڪ هڪ ور مٿس ذميدارين جا لوهي زنجيرن جا ور وارِيندو ويو. پوءِ سندس اچڻ وڃڻ مامي جي گهر ڏانهن بند ٿيو. شير محمد خان جي لاڏاڻي کان بہ ٽي مهينا پوءِ راڄ جي ماڻهن مٿس شاديءَ لاءِ گهڻو ئي زور ڀريو پر هو انڪار ڪندو رهيو ڇو جو هو پنهنجي پيءُ جي وڃڻ جو پاڻ کي ئي ذميدار سمجهي اندرئي اندر ڳري رهيو هو.

”جي مان بابا تي زور نہ ڀريان ها ۽ پنهنجي سوٽ مڱينديءَ سان شادي ڪريان ها تہ بابا کي هينئن اوچتو دل جو دورو نہ پوي ها.“ هن اهڙو اظهار پنهنجي ماءُ سان بہ ڪيو هو.

”امان بابا جي وڃڻ جو مان ذميدار آهيان. مان جي ضد نہ ڪريان ها تہ هو وڌيڪ جيئرو هجي ها.“

سندس ماءُ ڪيس ڪيترائي مثال ۽ دليل ڏيئي سمجهايو هو تہ ”خدا جي مرضيءَ اڳيان ماڻهو مجبور هوندو آهي“ ماڻهوءَ جي وڃڻ جو وقت مقرر آهي. ان ڏينهن کيئن بہ ڪري ڪيس وڃڻو ئي پوندو آهي.“

”پوءِ هو ماٺ ماٺ رهڻ لڳو. هاڻي بہ جڏهن شير محمد خان جو ٻارهو ٿيو تہ سڀئي راڄ وارا وٽس ميڙ ٿي آيا ۽ ڪيس وڏين منٿن کان پوءِ شادي لاءِ راضي ڪيو

هئائون. سندس هاڪار سان ئي شاديءَ جون تياريون زور شور سان شروع ٿي ويون هيون. هر رات خوشيءَ ۾ ڪلڪار جون محفلون ٿينديون هيون. پوءِ الائي ڇا ٿيو؟ الائي ڪنهن اهو ظلم ۽ هاڃو ڪيو. هو پڙ ڪڍي شاديءَ ڪان نابري واري بيٺو.

”نہ نہ. مان شادي نہ ڪندس.“ هو ضد ٻڌي بيٺو.

جيجان سندس پيرن تي ڪري پئي.

”توکي شادي ڪرڻي پوندي ۽ دنيا ڪي ويساهڻو پوندو تہ اهو سڀ ڪوڙ آهي. جي تو ائين نہ ڪيو تہ مان خاندان جي بيعزتي ڏسڻ ڪان اڳ دنيا ڇڏي ڏيندس.“

ماءُ جا اهي لفظ ٻڌي هو پوريءَ ريت ساڀيا ۾ آيو. ڪيس ماءُ سان پيار بہ تہ ايڏو ئي هو.

”شادي ڪندس پر هڪ شرط تي؟“

وڏيءَ جيجان ۾ ڄڻ ساهہ پيو. هنجون اگهندي ٿيءَ ڪيس چمي ڏيندي چيائين، ”مون کي تنهنجو هر شرط قبول آهي.“

”شادي جي ڏينهن ۽ رات ڪا محفل ڪو شغل نہ ٿيندو ۽ ڪنهن بہ مهمان کي ماني نہ کارائي ويندي.“

”پر ابا.“

”ها امان. سياڻي شادي آهي نہ؟ پر شاديءَ جي ڏينهن ڪجهہ بہ نہ ٿيندو. ڪا ديڳ نہ چڙهندي. مان سڀ ٿو سمجهان خوشيون ۽ ڪرماڻ صفائي ڪان پوءِ ٿيندا.“

”ڪهڙي صفائي؟“ وڏي جيجان هيسيل آواز ۾ پڇيو.

”اها صفائي مان ڪندس پنهنجي سر.“

”اڪي (ونانهن) ۾ ويٺل ڪنوار جي حالت ڇا هوندي. توکي آهي ڪو ڪاٿو؟“ جيجان چيو.

”پر ڪجهہ بہ ٿي پويءِ ڪا خوشي نہ ٿيندي.“

*

حسنہ لڄ ۽ ندامت ڪان ساڻي. ڪا ڪنڌ هڃي تڪتي لڪي. زمين ڦاٽي تہ اندر گهڙي وڃي. ڄڻ سڄي جڳ جهان جي ڪاراڻ سندس روشن مک تي مکجي ويئي هئي. لڙڪن جا سنڌو وهائي ڇڏيا هئائين. ڪنڌ وڃي پٽ سان لڳو هوس. مردي وانگيان صفا بيساهي هئي. ڄڻ جيئرو لاش هجي. ڪنهن کي بہ همت نہ هئي ساڻس ڳالهائڻ جي ساڻس دلاسي جا ٻہ ٻول ٻولڻ جي. سندس پڳل پورا پورا ٿي ويل دل کي آٿت ڏيئي جوڙڻ جا سڀ سهارا ٽٽي چڪا هئا. سندس سڀ سرتيون سهيليون حيران حيران، موڳيون ماٺ ۽ منڌل هيون. ڇا ڳالهائجي. ڇا چئجي. سڀ وهون غائب ٿي چڪيون هيون. سندس بيحد ويجهي سهيلي سيما جو تہ هانءُ ٿي ڦاٽو. ڪيس روئي ڳراٽڙي پاتائين تہ حسنہ رڳو ايترو چيو، ”ڇا سيمي، مان اهڙي آهيان؟“

جيسين سيما ڪجهہ چوي تنهن ڪان اڳ هوءَ ڪٽيل ٿاريءَ جيان سندس هنج ۽ ٻانهن ۾ ڍرڪي وئي. سيما جي دانهن تي سيئي ڊوڙي آيا. سندس ماءُ ۽ بابا ڪيس اهڙيءَ حالت ۾ ڏسي اوچنگارون ڏيئي روئڻ لڳا. ڪيس پاڻي ڇٽيائون. ماءُ ۽ پيءُ جي دانهن تي حسنہ اکيون کوليون. سيني کي پنهنجي مٿان بيٺل ڏسي گهبرائجي اٿي ويٺي.

”امان، بابا، ڇا منهنجو ڏوهہ ثابت ٿي ويو آهي؟“

سيئي ڪيس ڀاڪر پائي روئڻ لڳا.

”نہ مٺي، ڪجهہ ڪونہ ٿيو آهي. تو ڪوبہ ڏوهہ گناهہ ڪيو آهي. اسين سيئي تنهنجي سچ جا ساکي آهيون.“

”پوءِ هي سڀ ڇا آهي. ڇو سيئي منهنجي مٿان بيٺل آهيو؟“ هوءَ اڃا بہ گهبرائيل هئي. پوري هوش ۾ نہ هئي.

”ڪجهہ بہ ڪونهي مٺي. تون رڳو سامت ۾ اچ. ڪجھ ڪائين پيئين بہ تہ نٿي نہ. سو چڪر اچي ويو هوندءِ.“

سيما سيني کي ٻاهر وڃڻ جو چئي ڪيس پنهنجي هنج ۾ ليٽائي سمهارڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي.

_ ٻيو ڏينهن شاديءَ جو هو. سردار نور محمد خان جو حڪم هو تہ ڪوبہ چلهو نہ ٻرندو پر وڏي جيجان پري ڪان آيل مهمان لاءِ لڪ چوريءَ ۾ پت جون ٻہ ٽي ديڳيون تيار ڪرايون هيون. شادي ۽ خوشي جهڙي ڪا ڳالهہ نہ هئي. نہ سر نہ ساز نہ ٺهڪ نہ هل ماڻهو ائين هلي ڦري رهيا هئا ڄڻ مئي جي چتر تي آيل هجن. ڪنوار کي سينگارڻ جي اجازت نہ هئي. نڪاح ٿيو سردار نور محمد خان ڪنوار جي گهر وڃڻ ۽ ساٿ سؤنڻ ڪرڻ ڪان نابري واري پنهنجي حويليءَ ڏي هلي آيو ۽ ايندي ساڻ ماءُ کي چيائين،

”امان، اڄ رات جي مون حسنہ ۾ ڪا ال (نقص) ڏٺي تہ پستول جي هڪ ئي گولي سندس لاءِ پوري هوندي. اها ڳالهہ ٻڌل هجيو!!“

_ وڏي جيجان هڪدم جيپ ڪڍرائي ۽ پنهنجي پيءُ جي گهر پهتي. سڌو حسنہ وٽ آئي. حسنہ کي اجڙيل ڏسي روئي ڀاڪر پاتائين تہ حسنہ روئي چوڻ لڳي.

”پڦي سائڻ اهو سڀ ڪوڙ آهي. مان پاڪ آهيان جيجي اهو سڀ ڪوڙ آهي.“

وڏي جيجان کي حسنہ جي اندر مان نڪتل هيرن جهڙا جرڪندڙ لفظ ٿورو سڪون ڏيئي سگهيا ۽ سندس ڪڙهندڙ روح ٿورو ٺاپر ۾ آيو. هن حسنہ ۾ نهاريوءِ جنهنجون اکيون ۽ منهن گهڻي روئڻ ڪري سڄيل. ڳاڙهيون هيون. هن سندس نرڙ ۽ اکين تي چمي ڏنيءَ پر وري نور محمد خان جي ڇيل لفظن ۽ ڌمڪيءَ ڪيس ڏوڏي وڌو. هوءَ اتي وڏيڪ ترسڻ بدران پنهنجي گهر هلي آئي.

_ رات ٿي. ڪنوار سردار نور محمد خان جي حويليءَ ۾ آئي. بنا ڪنهن ڳهہ ڳٿي ۽ هار سينگار جي اچيءَ چني ۾. وڏي جيجان حسنہ کي بيواهہ زالن جي ويس ۾ پسي سراپجي ويئي ۽ پاڻ کي جهلي نہ سگهي. روئي ڊوڙ ڪري پنهنجي ڪٻٽ مان سندس لاءِ ٺاهيل شادي وارا زيور ۽ ڪپڙا ڪڍي آئي. جنهن کي پائڻ ڪان حسنہ انڪار ڪيو. پر پوءِ بہ وڏي جيجان روئيندي زوريءَ سندس مٿي تان اڇي پوتي لاهي ڳاڙهي رنگ جي ذريءَ ٽڪن سان پريل چني اوڍائي تہ حسنہ سڏڪن ۾ پئجي ويئي. وڏي جيجان ڪيس ڀاڪرن ۾ ڀري سردار نور محمد خان جي ڪمري ۾ پلنگ تي ويهاري آئي. حسنہ کي ڪمري ۾ ڇڏي اچڻ ڪان پو” ۽ وڏي جيجان جو من ماندو ٿيڻ لڳو ۽ اها سوچ ذهن ۾ ڦيريون پائڻ لڳي تہ ”متان متان متان ائين هجي. جيئن!!“ پر سندس اندر ورندي ڏني، ”نہ. ائين ڪونهي. حسنہ نج نبار پاڪ ۽ اڻ ڇهي آهي. پر متان ائين هجي؟“ حسنہ جي پاڪائيءَ جي پڪ هوندي بہ اهو سوال ڪاريهر جيان ڪرُ ڪنيو سندس اندر ۾ وڄ جيان وراڪا ڏيئي رهيو هو. هڪدم انور ۽ ظفر کي گهرائي ڪجهہ سمجهايائين. هو هليا ويا. انور ۽ ظفر وڏي جيجان جا خاص ٻانها هئا. جن کي سانييو ۽ نپايو ئي وڏي جيجان هو ۽ پنهنجو کير پياري کين محرم بنايو هو. اهي ٻئي ڪنڌ ڪپائيندا پر وڏي جيجان جو راز ڪنهن سان ڪونہ سليندا. ٿوري ئي دير ۾ انور ۽ ظفر ٻئي پستول ڪڍي اچي حاضر ٿيا. وڏي جيجان کين لڪ چوريءَ ۾ سردار نور محمد خان جي ڪمري جي انيڪسيءَ ۾ وٺي آئي. حسنہ پنهنجي ڪمري ۾ ڪپڙن جي موڙيءَ جيان مڇ، ڪنڌ هيٺ ڪيو ويٺي هئي. وڏيءَ جيجان وري بہ کين وڏي رازداريءَ سان اهو سمجهائي ديوارن تي پيل ڳؤرن پردن جي پوين لڪائي ڇڏيو تہ ”ڪنهن بہ صورت ۾ حسنہ کي گولين جو بک بنجڻ نہ ڏجو. گوڙ هل يا ڪا اهڙي قسم جي ڳالهہ ٿي جيڪا حسنہ جي جان ڪسي يا جوکم ۾ وجهي تہ اوهان کي حسنہ جي جان جي حفاظت ڪرڻي آهي ۽ ڪيس بچائڻو آهي. ڇو جو هوءَ پاڪ آهيءَ معصوم آهي.“

آڌيءَ رات ڪان پوءِ سردار، نور محمد خان پستول ڪڍي پنهنجي بيڊروم ۾ آيو جتي حسنہ ساهہ مٺ ۾ جهلي سڏڪي رهي هئي.

وڏي جيجان جي عميق جهڙي اندر ۾ مانڌاڻ متل هو. ڪيس ڪنهن بہ طريقي آرام نٿي آيو. وري جو نور محمد خان کي ڪمري ۾ گهڙندي ڏٺائينءَ پوءِ تہ ويتر سندس اندر اجهامڻ لڳو. هڪدم مصلو وجهي سجدي ۾ ڪري ٻاڏائڻ لڳي. تان جو اچي صبح ٿيو.

*

سردار نور محمد خان مشڪندو پنهنجي ڪمري مان نڪتو. پٺ جو مشڪندڙ مک پسي جيجل جو جيءُ جيئرو ٿي پيو ۽ پيٽ ۾ ساهہ پيس. هو مشڪندو آيو ۽ اچي ماءُ جي پيرن تي پيو.

”جيجل. مونکي معاف ڪر. مون توکي ڏاڍو رنجليو ۽ ايذايو آهي. واقعي جيئن اوهان چيو هو ائين ئي آهي.“

گلاب جي تازي گل جيان ٽڙندي پنهنجي بيڊروم ڏانهن اشارو ڪري چوڻ لڳو،

”وڃو، امان وڃو. وڃي حسنہ کي سينگاري ڪنوار بڻايو.“

هو جذباتي ٿي ويو. خوشيءَ مان جهومندي چيائين،

”اڄ منهنجي جيون ساٿيءَ کي عطر سان وهنجاري سون سان مڙهي ڪنوار بڻايو. اڄ مان گهوٽ ٿيندس. حسنہ منهنجي آهي ۽ مان حسنہ جو ۽ صرف حسنہ جو آهيان. مان ڪائنس پنهنجا سيئي ڏوهہ گناهہ بخشائيندس. هٿ ٻڌي پيرين پئي. ڇو جو سيني ڪان وڌيڪ مون ڪيس ستايو ۽ تڙپايو آهي.“

وڏي جيجان خوشي ۽ حيرت مان ڪيس تڪي رهي هئي.

”ابا تون پاڻ بہ تہ وهنجي سهنجي گهوٽ ٿي ٻاهر نڪر. ڪلهہ ڪان وٺي پنهنجا ويجها تہ ڇا پر اوپرا، ڌاريان ڇاڃي بہ حيران پريشان آهن. انهن کي وڃي منهن ڏي. سامهون ٿيءَ ملين.“

نور محمد خان وهنجي سهنجي گهوٽ بڻجي ٻاهر نڪتو تہ، وڏي جيجان اکين ۾ خوشيءَ جا لڙڪيري، حسنہ جي ڪمري ڏانهن وڌڻ لڳي، تہ انور ۽ ظفر ڪمري جي انيڪسيءَ مان رومڙ ڏئي ٻاهر نڪتا.

”جيجان، ادي حسنہ کي الائي ڇا پيو ٿئي؟“

”توهين خيال سان ٻاهر نڪري وڃو، آءٌ ڏسان ٿي.“ جيجان جون پرون ڳٽتي وڃان تاڙجي ويون.

”پٽ حسنہ، خير تہ آهي؟“ جيجان ڪيس ڀاڪر مان ڪڍي پنهنجي هنج ۾ ليٽايو.

”پڦي سائڻ، مون ذلت سهي بہ پنهنجي بيگناهي ثابت ڪئي.“ وات ۾ پرجي آيل رت ڳاڙهڙ گجي هن پنهنجي عروسي چنيءَ سان اگهندي چيو.

”ڌيئڙي، پر ٿيو ڇا؟“ جيجان پريشانيءَ مان پڇيو.

”لمحن جي بهتان بي تاب بڻايو تہ هيڏي ساري زندگيءَ آءٌ شڪي ماڻهو سان ڪيئن گذاري سگهان ها؟ حسنہ ڪنڌ لاڙي چيو، ”مرد ڪيڏو بہ مٽيادار ڇونہ هجي، پر هو عورت کي پير جو پادر سمجهي ٿو.“ هن اپساهيءَ مان وراڻيو ۽ رت جو وڏو گرڙو جيجان جي ڪپڙن تي پڪڙجي ويو. ■

# پريم جو پاڻي......



جهان آرا سومرو

صبح جي روشني درين جي پردن جي وٿين مان اندر ڪمري ۾ گهڙي آئي ته حبيب الله جي اک کلي وئي. هو هڪدم اٿي ويهي رهيو. ڪيترن ڏينهن کان هن مزي جي ننڊ نه ڪئي هئي. ساڳيو شاندار ڪمرو نرم گدن- وهاڻن وارو بسترو. پر سڄي رات جهاتيون پائيندڙ ننڊ جي سوين ۾ پاسا ورائي ورائي جاڳڻ ۾ گذري ويندي هئي. پر ان بي آراميءَ جي باوجود صبح جو سج اڀرڻ شرط جاڳڻ واري عادت ايتري ته پختي ٿي وئي هئي جو هو ساڳي وقت تي جاڳي اٿي پوندو هو.

هڪ سال اول جي ڳالهه هئي. هو سڄي رات ڀرپور پرسڪون ننڊ پوري ڪري سج اڀرڻ شرط اٿندو هو. ضروري ڪم ڪار کان فارغ ٿي پوري وقت تي آفيس پهچي ويندو هو. هن جي ڪامياب ملازمت جي سڀ کان وڏي خوبي اها هئي جو هو هميشه وقت جو پابند هو. ۽ اها عادت اڄ تائين نه بدلي هئي. البت حالات ضرور بدلجي ويا هئا. هڪ سال اول جلدي اٿڻ جي باوجود هن کي جلدي جلدي گهڻا ڪم ڪرڻا پوندا هئا. ايئن لڳندو هو ڄڻ هن وٽ وقت گهٽ ۽ ڪم گهڻا آهن. ڪپڙن جي چونڊ وهنجي تيار ٿيڻ، ڪاغذ فائيل سهيڙي بريف ڪيس ۾ رکڻ ناشتو وغيره ڪرڻ جي وچ ۾ گهر واريءَ کي مسلسل سڏ ڪرڻا پوندا هئا.

”مينا، منهنجي ٽاءِ ڪٿي آهي؟ مينا منهنجا جوراب؟ مينا جلدي ناشتو ريڊي ڪراءِ. اڄ جلدي وڃڻو آهي، ميٽنگ آهي.“

حالانڪ هن کي ڄاڻ هوندي هئي ته هن جا ڪپڙا، جوراب، ٽايون، جوتا وغيره سڀ پنهنجي پنهنجي جاءِ تي رکيل هوندا هئا. پر آفيس ۾ حڪمراني ڪرڻ جي جيڪا پڪي عادت پيل هئي ان جو اظهار گهر ۾ به ڪندو رهندو هو. آفيس ۾ اعليٰ درجو ۽ شان شوڪت مليل هئا ته گهر گرهستي به حاڪمانه هئي. زندگيءَ جي ڪمائيندڙ وقت ۾ هن ٻه شيون ڏؤ تي حاصل ڪيون. ناموس ۽ ٻيو دولت. هڪ سال اول رٽائرمينٽ وٺڻ کان ڪجهه ڏينهن اول سلٽيءَ دوست هن کان پڇيو،

”حبيب الله، تنهنجي قابليت جي ته سڀني کي خبر آهي. رٽائرمينٽ کانپوءِ ڪانٽريڪٽ جاب آرام سان ملي ويندئي. ڪهڙو ارادو اٿئي؟“

”نه يار.“ حبيب الله ڏاڍي اطمينان سان چيو، ”نوڪري گهڻي ڪئي. اڳتي نوڪريءَ جو موڊ ناهي.“

”پوءِ ڇا ڪندين. اڃا ته فٽ لڳو پيو آهين. هيڏي مصروف نوڪريءَ کانپوءِ واندو ويهي سگهندين؟“

”واندو ڪٿي هوندم.“ هن ڳاٽ اوچو ڪري چيو، ”مون پنهنجي آئينده زندگيءَ جو بندوبست ڪري ڇڏيو آهي.“

”سو ڪيئن؟“

”آمدنيءَ جا ذريعا ٺاهي ڇڏيا اٿم. پنهنجي جائيداد ۽ بزنس سنڀاليندم. واندڪائي جي وندر لاءِ ڪوڙ شيون گڏ ڪري رکيون اٿم. اڇجانءِ ڪڏهين ته ڏيکاريندو مانءِ پنهنجي لئبريري جتي بيشمار ڪتاب، سي ڊيون ۽ ميوزڪ انسٽرومينٽ گڏ ڪري رکيا اٿم. نوڪريءَ ۾ ته ٽائيم نه ملندو هو، شوق پورا ڪرڻ جو. هاڻي سڀ شوق پورا ڪندم.“

”انسان کي ٻڌايو ويو آهي، ’هن جو ڪم فقط عمل ڪرڻ آهي. ’قول الاهي‘ تي. پر پوءِ به ’فعل الاهي‘ اختيار ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. نتيجي ۾ ڪيس ڇا ملندو آهي؟“

”...“

”نه خدا هي ملا. نه وصال صنم.“

شايد حبيب الله حضرتَ علي ڪرم الله وجههٗ جو هي قول نه ٻڌو هو،

”مون خدا کي سڃاتو انسان جي ارادن جي نلڪاميءَ مان.“

حبيب الله ڪجهه ڏينهن ته سڪون ۾ گذاريا. پر جيڪو ماڻهو چاليهه سال انتهائي مصروفيت ۾ گذاري ان جو دماغ ۽ جسم ان جو عادي ٿي ويندو آهي. پوءِ اهو واندڪائيءَ کي جلدي قبول نه ڪندو آهي. حبيب الله به مصروفيت ڳولهڻ شروع ڪئي. ان وقت هن کي عجيب حقيقت جو احساس ٿيو ته جيڪي مصروفيتون هن ان وقت لاءِ سوچي رکيون هيون اهي ته هو اڳواٽ ئي ٻين جي حوالي ڪري چڪو هو. ڇاڪاڻ ته انهن جو روان دوان رهڻ ضروري هو. هن کي پهريان ملازمت کان واندڪائي نه هئي ته اهي سنڀالي سگهي.

نوڪريءَ دوران اينٽي ڪرپشن جي خوف کان جائيداد ۽ بزنس پٽن ۽ نياڻي جي نالي ڪئي هئائين. ۽ اهي ئي سنڀاليندا هئا. هر شيءِ پنهنجي پنهنجي جاءِ تي فٽ ٿيل هئي. هن جي جائيداد هن جي آمد کي قبول ئي نه ڪيو.

هن هڪ ڏينهن پنهنجي ڌيءَ کي سندس مڙس لاءِ چيو،

”نينا، بشير کي نوڪريءَ جي مصروفيت آهي. مان اڄڪلهه واندو آهيان. سوچيان ٿو ڪارخاني جي سارسنڀال پاڻ ڪيان؟“

هن جي ڌيءَ نينا هن جي اميد جي خلاف سڌي سنئين لهجي ۾ چيو،

”بابا، ڪارخاني جي ڪهڙي وڏي مصروفيت آهي. مئنيجر پاڻهي پيو سنڀاليندو آهي. باقي شبير روز شام جو وڃي حساب ڪتاب ڏسندو آهي. توهان هاڻي آرام ڪيو. توهان جي آرام جي عمر آهي.“

ڪجهه ڏينهن رکي هن وڏي پٽ کي چيو،

”سراج، مان اڄڪلهه فارغ آهيان. سوچيان ٿو پلازه واري آفيس ۾ ويهان. مصروفيت به هوندي توکي به مدد ملندي.“

پٽ ڪيس دلجاءِ ڏيندي چيو،

”بابا، مون تي ته ڪو بوجهه ڪونهي. سسٽم سيٽ ٿيل آهي. دوڪانن جي رينٽ جا پئسا به پهرين تاريخ تي بئنڪ ۾ جمع ٿي ويندا آهن. توهان سڄي زندگي گهڻي محنت ڪئي آهي. هاڻي توهان آرام ڪيو. اسان آهيون نه ڪم ڪرڻ لاءِ.“

ٽيون مطالبو هن ننڍي پٽ کان ڪيو،

”سجاد، فلور مل جو ڪم ڪار ڪيئن ٿو هلي؟ اڄڪلهه مان واندو آهيان. سوچيان ٿو فلور مل جي ايڪسٽينشن پنهنجي نظرداريءَ هيٺ ڪرايان.“

ننڍي پٽ لاپرواهي ڏيکاريندي چيو،

”بابا، مان فلور مل کي بهتر نموني پيو هلايان. مونکي نوڪري ته آهي ڪونه. سڄو ڏيان فلور مل تي اٿم. ڪمي پيشي جي به خبر اٿم. ڪم شروع ٿيو ته اوهان کان صلاح ضرور وٺندو. پر هاڻي توهان جي آرام جا ڏينهن آهن. اسان جوان اولاد ڀلا ڇا جي لاءِ آهيون؟“

حبيب الله، پنهنجي گهر واريءَ سان اولاد جي بي رخيءَ جو ذڪر ڪيو ته هن الٽو ڪيس تسلي ڏيندي چيو،

”حبيبي، تون ڪهڙن وهمن ۾ پيو آهين. اولاد ان لاءِ ئي ته هوندي آهي ته ٻڍاپي ۾ والدين جا بار ڪڻي. سهارو بڻجي. هو سالن کان اهو بزنس سنڀاليندا ٿا اچن. سڀ صلح سان ٿا رهن. اهو سڀ ڪجهه اڳي پوءِ انهن جوئي آهي. تون سڄي عمر ڪم ڪيو آهي. هاڻي آرام ڪر زندگيءَ جو سک وٺ.“

”پر مونکي واندو ويهڻ نه ٿو اچي. ۽ مان هنن کان ڪجهه واپس ته نه ٿو وٺان. بس چاهيان ٿو ته واندو ويهڻ کان بهتر آهي ته پنهنجي تجربي ۽ علم سان انهن جي مدد ڪيان.“

”حبيبي، اهي به تنهنجي اولاد آهن. علم به ٿن توکان دانائي به مليل اٿن. هن وقت تائين سڀ ڪجهه صحيح نموني سنڀاليو اٿئون. هاڻي تون مداخلت ڪندين ته تنگ ٿيندا. ڇڏي ڏين ته پنهنجا ڌنڌا پاڻ هلائين. ادب مراد مان نه ڪدين.“

حبيب الله سوچيو، ”مينا صحيح ٿي چئي. بهتر آهي ته مان پنهنجيون الڳ مصروفيتون ٺاهي وٺان.“

پوءِ هن پنهنجي لائبريريءَ ۾ وقت گذارڻ شروع ڪيو. پر اها مصروفيت هن کي گهڻا ڏينهن خوش رکي نه سگهي. اهي ڪتاب اها ميوزڪ هن جي دل وندرائي نه سگهيا.

※

وقت پراڻي دور جون دلچسپيون ۽ ان عمر جون خواهشون پاڻ سان گڏ کڻي سالها سال جو سفر طئي ڪري اڳتي وڃي چڪو هو. انسان پراڻيون شيون ۽ پراڻيون يادگيريون پاڻ وٽ ميراث وانگر رکندو آهي. پراڻيون شيون ته نوادرات ليکيون وينديون آهن. پر پراڻي وقت جون يادگيريون مايوسيءَ جي ڪيفيت ڪڻي ايندييون آهن.

حبيب الله به پراڻين شين سان دل نه وندرائي سگهيو.

ڇاڪاڻ ته اهي هن کي مايوسيءَ جي ڪيفيت ۾ مبتلا ڪري ڇڏينديون هيون. هن پنهنجي ڪٽنب سان وقت گذارڻ ٿي چاهيو. پر جلد ئي هن کي احساس ٿيو ته ٻار وڏا ٿي چڪا هئا. ۽ پنهنجي زندگيءَ جون الڳ مصروفيتون ٺاهي چڪا هئا. گهر واريءَ جو به الڳ روزمره هو. ڏنو وڃي ته ان ۾ هنن جو به ڏوهه نه هو. جڏهين هو پنهنجي شاندار نوڪريءَ ۾ شديد مصروف هوندو هو ته هن وٽ پنهنجي ڪٽنب لاءِ وقت نه هو. نه ئي هو سندن مصروفيتن ۾ حصيداري ڪندو هو. ان لاءِ هن وٽ فقط هڪئي سبب هر وقت موجود هوندو هو. هن جي نوڪريءَ جون مصرفويتون. گهر جو ان جوڙجڪ ۾ هلندي سڀني پنهنجي زندگيءَ جي الڳ الڳ سٽاءُ ڪيو، جنهن ۾ نه هن جي نه ضرورت بچي نه ڪا حصيداري.

مينا تعليم يافته عورت هئي. پهريائين ته هوءَ هن جي گهٽ توجه ۽ اهميت واري رويي کان ڏڪاري رهندي هئي. پوءِ هن آهستي آهستي پنهنجي لاءِ مصروفيتون ڳولهي ورتيون ۽ خوش رهڻ سکي ورتو. بيوٽي پارلر، پارٽيون،

دعوتون ۽ سير تفريح هن جي زندگيءَ جو محور بنجي ويون. حبيب الله جڏهن رٽائر ٿي گھر ۾ رهيو ته هن لاءِ ڪا جاءِ خالي ئي نه هئي هو فقط اضافي شيءِ بنجي رهجي ويو. گھر ۾ هن لاءِ ڪا مصروفيت نه هئي. ٻاهرين دنياهن کي وسارڻ لڳي هئي. هن کي ڪنهن دعوت يا پروگرام ۾ پڌانه ڪيو ويندو هو. ملاقاتي به گھٽ ٿيندي ٿيندي نه هجڻ برابر وڃي بچيا هئا. هن جو وقت ڏاڍو ڳرو گذرندو هو.

*

حبيب الله بستري تي اٿي ويهي رهيو. هيڏانهن هوڏانهن ڏٺائين. هو ڪمري ۾ اڪيلو هو. مينا موجود نه هئي. حالانڪه هوءَ دير سان اٿڻ جي عادي هئي. هو جڏهن واڪ ڪري موٽي ايندو هو تڏهن ئي اچي مينا کي ننڊ مان جاڳائيندو هو. هو تيار ٿي جاگر پائي واڪ ڪرڻ لاءِ ٻاهر نڪتو. ٻاهر باغ ۾ مالهي بيٺو ٻوٽن کي پاڻي ڏئي رهيو هو. هن مالهيءَ کي مخاطب ڪندي چيو، ”ڊرائيور کي چئجان گاڏي ڪڍي صاف ڪري اڄ ڪارخاني ويندم.“

”سر، گاڏي ته بيگم صاحبه ڪاهي وئي.“ مالهيءَ کيس ٻڌايو.

”ڪيڏانهن ويا ايترو سوير؟“ هن حيران ٿي پڇيو.

”سر، شايد ڪنهن پارڪ ڏانهن ويا آهن.“

هو سوچڻ لڳو. پوءِ کيس ياد آيو ته گذريل رات مينا کيس ٻڌايو هو ته هن جو وزن وڌي ويو هو. ان ڪري هن يوگا پارڪ جوائن ڪيو آهي. هن ڪنڌ ڌوڻيو ۽ پوءِ گھر کان نڪري واڪ ڪرڻ هليو ويو.

واڪ کان واپسي بعد هن ناشتو ڪيو. مينا اڃا تائين واپس نه آئي هئي. هو خالي گھر ۾ بي مقصد ڦرندو رهيو. پوءِ چابي کڻي نندي گاڏي ڪڍي گھر کان ٻاهر نڪري آيو.

ساڳيا رستا- ساڳيا ماڳ. ساڳيو هل هلان ۽ شور- سپ ڪجهه سالن کان ساڳيو هو. پوءِ به ڪا شيءِ هئي ڪا کمي هئي، جيڪا هن کي اندر ۾ کٽي ڪُکي رهي هئي جيڪا هن کي سمجهه ۾ نه ٿي آئي. جيتوڻيڪ انهن رستن جي رش ۽ رڪاوٽن جو هو عادي هو. پوءِ به اڄڪلهه ٻاهر ڪليل رستن تي نڪرڻ سان هن کي ڪا کمي ڪا بي چيني محسوس ٿي. ڪجهه ته هو جيڪو هن جي الڪي جو ڪارڻ هو.

پهريائين هر موڙ تي هر چونڪ تي جڏهين ڪنهن سگنل ڪنهن رڪاوٽ جي ڪري گاڏي بيهجي ويندي هئي ۽ رستي کلڻ جو انتظار ڪرڻو پوندو هو ته هن کي وقت جي زيان جو احساس ٿيندو هو. ڏاڍو بخيل ٿيندو هو. ۽ اها چڙ تڏهين وڌي ويندي هئي جڏهن ان موقعي جو فائدو وٺندي فقير مٿان يلغار ڪندا هئا. ڪو ميرو گدلو ٻار مسلسل دري کڙڪائيندي خيرات گھرندو. ڪو صاف ڪپڙن وارو چوڪرو مٿي تي اسلامي ٽوپي پائي هٿ ۾ اسلامي ڪتاب ۽ دعائن جون چوپڙيون کڻي چندو گھرندو. ڪو روندڙو منڊو ڦاٿل ڪپڙن وارو فقير هٿ جهلي بيٺو رڪارڊ جيان صدا ورجائيندو. ڪا برقعي پوش ملئي هنج ۾ بيمار ٻار کڻي ان ڏانهن اشارو ڪري ڪري علاج لاءِ پئسا گھرندي. اهي سڀ هن کي تمام گھڻي چڙ ڏياريندا هئا. هو ڪين مسلسل دڙڪا ڏيندو ۽ جهڙڪيندو هو پر مجال آهي جو اهي سندس دڙڪن جي پرواهه ڪن.

هڪ ڏينهن ته هن جي ڪاوڙ صفا چوٽ چڙهي وئي. جڏهن هو هڪ چونڪ تي سگنل کلڻ جي انتظار ۾ بيٺا هئا ته ڊرائيور پنهنجي کيسي مان سکو ڪڍي هڪ فقير کي ڏنو.

”تنهنجو دماغ خراب آهي؟“ هن ڊرائيور کي ڇنڊ ڪيندي چيو، ”هو هڪ جوان صحتمند ماڻهو هو. هن کي ڪا معذوري نه هئي. هن کي خيرات ڏيڻ جائز ئي ناهي.“

”سر، هو هڪ سوالي هو. ۽ سواليءَ جو سوال ڏسبو آهي. حال نه؟“

”حال ڏسڻ ضروري آهي ته اهو خيرات ڏيڻ جي لائق آهي به ڪونه؟ جيڪڏهن محنت مزدوري ڪرڻ جهڙو آهي ته پوءِ هن کي پنڻ نه گھرجي. پر جي ائين بنا محنت جي پئسو ملندن ته ان جا عادي ٿي ويندا. ۽ پوءِ ڪو ڪم نه ڪري سگھندا. ۽ هيروئني کي ته صفا نه ڏيڻ گھرجي.“

”سر.“ ڊرائيور عاجزيءَ سان چيو، ”اوهين صحيح ٿا چئو. پر اسان جڏهن پنهنجي رب کان سوال گھرندا آهيون ته اهو نه ڏسندو آهي ته اسان سندس ڪرم جي لائق آهيون يا نه؟ اهو ته صحتمند کي به رزق ڏيڻ پنهنجي ذميداري سمجهندو آهي ته هيروئني کي به رزق عطا ڪندو آهي. اسان ڪير ٿيندا آهيون فيصلو ڪرڻ وارا ته ڪير لائق آهي ڪير ناهي؟“

هن کي ڊرائيور جي بحث ڪرڻ تي ڏاڍي ڪاوڙ آئي. هن کيس وڏيڪ دڙڪا ڏيندي چيو،

”توهان جهڙا ماڻهو ته معاشرو خراب ڪن ٿا. هن بيڪار ماڻهن کي خيرات ڏئي. تون ڏسين نه ٿو اهي فقير ڪيڏو به مغز کائيندا آهن مان ڪين خيرات نه ڏيندو آهيان.“

*

گاڏي هڪ سگنل تي بيهي رهي ته هو سوچن مان نڪري آيو. چوڌاري ڏٺائين. فقيرن جا ٽولا بيٺل گاڏين ڏانهن پڪڙجي ويا. درين جي سيٽن کان خيرات گھرڻ ۽ وٺڻ جو سلسلو شروع ٿي ويو. فقيرن جو هڪ گاڏيءَ کان ٻي گاڏي ڏانهن ڀڄڻ ڊوڙڻ ۽ صدائن جو شور هو. اوچتو حبيب الله تي هڪ عجيب حقيقت جو انڪشاف ٿيو.

فقير هڪ گاڏيءَ کان ٻي گاڏيءَ ڏانهن ويندي هن جي گاڏيءَ کي ائين نظرانداز ڪري اڳتي ٿي هليا ويا ڄڻ اها گاڏي اتي موجود ئي نه هئي. ڪو سامهون ايندي نظر به آيو ته گاڏي جي ويجهو اچي رستو مٽائي ٻي گاڏيءَ ڏانهن هليو ٿي ويو. ان وقت هن کي ياد آيو ته گذريل ڪيترن ڏينهن کان ساڳين رستن ساڳين چونڪن تي هلندي به هن کان ڪنهن فقير خيرات نه گھري هئي. ڪنهن سواليءَ هن اڳيان هٿ نه ڦهلايو هو. هن پنهنجي کيسي ۾ هٿ وجهي ٻاهر ڪڍيو. هن جي هٿ ۾ هڪ سؤ جو نوٽ نڪري آيو. هن دريءَ جي پرسان لنگھندڙ فقير ڏانهن اهو نوٽ وڌايو. فقير هن جي هٿ ۾ جهليل نوٽ ڏانهن ڏٺو ۽ هن جي وڌايل خيرات کي نظرانداز ڪري ٻي گاڏيءَ ڏانهن وڌي ويو. هو حيران ٿي ويو. هن نوٽ ڊيش بورڊ تي رکيو ۽ ٻيهر کيسي مان ٻيو نوٽ ڪڍيو. اهو پنج سؤ وارو نوٽ هو. ۽ اهو دريءَ وٽ جهلي ان ميري گدلي فقير ڏانهن ڏسڻ لڳو. جيڪو منڊڪائيندو سندس گاڏيءَ ڏانهن اچي رهيو هو. ان وقت عجيب ڳالهه ٿي ان منڊي فقير عجيب نظرن سان ڏانهنس ڏٺو ۽ رستو مٽائي سندس پٺيان واري گاڏيءَ ڏانهن هليو ويو. هو حيران پريشان فقيرن ڏانهن ڏسڻ لڳو. پوءِ بار بار نوٽ ڪڍي ڪين آڇيندو رهيو. پر ڪنهن به ڪانئس خيرات نه ورتي تان جو سگنل کلي ويو.

’ڪو فقير مونکان خيرات نه ٿو وٺي.‘ هو ٻڙ ٻڙ ڪندو اڳتي روانو ٿي ويو. رستن تي هلندو رهيو ۽ سوچيندو رهيو، ’عجيب ڳالهه آهي!!‘

هو هلندو رهيو. خبر ناهي ڪيترو وقت گذري ويو. جڏهين هن بي خياليءَ ۾ گاڏي روڪي ته سامهون کيس هڪ درگاهه نظر آئي. هو گاڏيءَ مان لهي درگاهه ڏانهن روانو ٿيو. سندس هٿن ۾ ڪوڙ نوٽ هيا جيڪي هن فقيرن کي ڏيڻ لاءِ کيسن مان ڪڍيا هئا. هن جو خيال هو ته درگاهه تي گھڻا ئي فقير هوندا ته انهن کي خيرات ۾ ڏئي ڇڏيندو. هن چوڌاري ڏٺو ۽ اهو ڏسي حيران ٿي ويو ته اتي پري پري تائين ڪو فقير موجود نه هو. هو درگاهه ۾ اندر به ويو پر سواءِ چند زائرين جي ڪو فقير نظر نه آيس.

هو ٻاهر نڪري آيو. درگاهه جي پرسان مسجد هئي جنهن جي پرسان ٻڙ جو گھاٽو وڻ هو. وڻ جي ڇانوَ ۾ نلڪو لڳل هو. اتي هڪ اڌڙوٽ عمر جو شخص بيٺو نلڪو هلائي بالٽيءَ ۾ پاڻي پري رهيو هو. ان شخص کي پراڻا ميرا ڪپڙا پاتل هئا. ڏاڙهي وڌيل ۽ بي ترتيب هيس. شڪل مان هو ڪو مست لڳي رهيو هو. هو تڪڙوتڪڙو نلڪو هلائيندي ٻڙ ٻڙ ڪري رهيو هو.

”پريم جو پاڻي، سو ڪيچين ڪم نه آيو؟“

حبيب الله نوٽ هٿ ۾ جهلي وڃي سندس پرسان بيٺو. ۽ ڏانهس ڏٺائين. هو پنهنجي ڌن ۾ مست ٻڙ ٻڙ ڪري نلڪو هلائي رهيو هو. نلڪي مان پاڻي ته ڀرپور ٿي نڪتو. پر نلڪي جي هيٺان جيڪا بالٽي رکيل هئي ان جو ترو صفا ڀڳل هو ۽ ان جي وڏن سوراخن مان پاڻي وهي ٻاهر نڪري ٿي ويو. جنهن ڪري بالٽي خالي جو خالي هئي.

اوچتو هن مست هٿ روڪي حبيب الله ڏانهن ڏٺو ۽ ڪاوڙ ۾ چيو،

”مان فقير ناهيان.“

حبيب الله پريشانيءَ مان کيس چيو،

”مان خيرات ڏيڻ ٿو چاهيان. پر مونکان ڪو به خيرات نه ٿو وٺي.“

مست، سَٽَ ڏئي ڪانئس نوٽ ورتا ۽ نلڪي جي هيٺان رکيل بالٽي ۾ اڇلايا پوءِ نلڪو گيڙيندي زور زور سان ورنائيندو رهيو،

”پريم جو پاڻي سو ڪيچين ڪم نه آيو.“

حبيب الله حيرت مان ڪڏهين کيس ڪڏهين بالٽي ۾ ڪريل نوٽن کي ڏسڻ لڳو. جنهن جي مٿان نلڪي جو پاڻي ڪري بالٽيءَ مان وهي ٿي ويو. ڪجهه دير اها ڪرت ڪرڻ بعد مست ساهي پٽي ۽ حبيب الله کان پڇيائين،

”نالو ڇا اٿئي؟“

”حبيب الله.“

مست ٽهڪ ڏئي کليو پوءِ ڪانئس پڇيائين،

”هن توکي پنهنجو دوست ڪري رکيو. پر ڇا تو ان سان نڀايو؟“

حبيب الله حيران ٿي کيس ڏسڻ لڳو. هن وري ڪانئس سوال ڪيو،

”توڏي ڪيترا نياپا ڪيترا قاصد موڪليائين. تو انهن جي ڳالهه ئي نه ٻڌي. موٽائي ڇڏيئه؟“

”پر اهي ته ڍونگي آهن. سچا ٿورو ئي آهن؟“ حبيب الله صفائي ڏيندي چيو.

”اهو پرکڻ تنهنجو ڪم ناهي.“ مست کيس ڇڙٻ ڏيندي چيو،

”يار جي پار جو ته ڪُتو به نه موٽائبو آهي.“

حبيب الله وائڙو ٿي کيس ڏسڻ لڳو. مست کيس گھوري ڏٺو ۽ پڇيائين،

”هو جيڪي هميشه ايندا هيئه ڪوڙا سچا نياپا کڻي انهن جي پڪ هيئي ته سچا آهن؟“

پوءِ مست وري پنهنجي ڪم ۾ مصروف ٿي ويو.

حبيب الله ڳرا قدم کڻندي پنهنجي گاڏيءَ ڏانهن ويو ۽ گاڏيءَ ۾ ويهي واپس روانو ٿيو. هن جي ڪنن ۾ مست جا آخري جملا پڙاڏا ڏئي رهيا هئا ۽ اکين اڳيان اهي نظارا ڦري رهيا هئا، ”جڏهين نوڪري دوران بالا آفيسرن ۽ سياسي شخصيتن جا نالائق سفارشي ماڻهو ڪم ڪڍي ليندا هئا ۽ هو بغير جانچ پڙتال ۽ صحيح غلط ڄاڻ رکڻ جي بنا انهن جا ڪم ڪري ڇڏيندو هو. ■

# خاموشيءَ جي اونڌهه...



محمد علي پناڻ

ڪراڙي ست پائيءَ جو سچي پاڙي ۾ ساهه هو. وس آهر سيني جي ڪم ايندي هئي. تڏهن نيڪي به ڏاڍي هئس. جنهن جي گهر ويندي هئي اُهو سمجهندو هو ته ڪا چڱائي يا سنائي سندس گهر هلي آئي آهي. مرڻ کان ڪجهه گهڙيون اڳ گلو موچيءَ جي وڏي ڌيءَ کي پيٽ ۾ سور پيو ته اڌ رات جو به آڌيءَ لاءِ اوڏانهن وڃڻ کان ڪين ڪيٻايائين.

۽ جڏهن اُتان دعائون وٺندي واپس پنهنجي گهر آئي ۽ وهاڻي تي مٿو رکي ڪٽ تي سڌي ٿي سمهي ته اوچتو جسم ۾ ڦرڪٽي پيدا ٿيس. مٿي ۾ سورَ جي شديد ٽاٽ اُبريس ته زبان مان وڏي آواز سان، ’الله‘ اچارجي ويس.

آواز تي سندس سپاهي پٽ ننڊ مان ڇرڪ ڀري اٿيو. اُٿڻ سان ئي ماءُ جي ڪٽ ڏانهن نهار وڌائين. ڏٺائين هن جو ڪنڌ وهاڻي کان سُرڪي هيٺ ٻانهينءَ تي اچي پيو. ۽ وات کُليل جو کليل رهجي ويس.

سپاهيءَ رڙ ڪئي، ’امان.‘

ست پائيءَ جو بي سُڌ ٿيل وجود حرڪت ۾ نه آيو. ۽ نه ئي ان آواز جي موٽ ڏنائين. پٽ وڃي نبض تي هٿ رکيس. پوءِ اُمالڪ ٻه ڳوڙها پٽ جي ڳلن تي لڙي آيا ۽ هن ماءُ جو موت قبول ڪري ورتو.

مٽن مائٽن جي اچڻ ۽ غسل ڪفن جي تياريءَ ۾ به ٽي ڪلاڪ لڳي ويا.

نيرڙي ٽيهريءَ جو ست پائيءَ جو وجود آخري سفر لاءِ سينگارجي گهر کان ٻاهر نڪتو. سپاهي پٽ پنڊل اکين سان ماءُ کي ڪلهو ڏئي اڳتي وڌيو ته جمعي مگنهار اچي ڪٽ جي پائي کي جهليو. ۽ هو ڪلهو ڪڍي ڪٽ جو بار جمعي مگنهار جي ڪلهي تي ڇڏي پوئتي ٿيو.

نظر ڪٽي ڏٺائين ته جنازي نماز لاءِ سوين ماڻهن جو ميڙ جنازي سان گڏ هلندي نظر آيس.

جنازي مسجد تائين پهچندي اٽڪل پندرهن ويهه منٽ لڳي ويا.

ميت جي ڪٽ کي پٽ تي رکي جنازي نماز لاءِ ماڻهن تڙ تڪڙ ۾ ست صفون ٻڌي ورتيون.

آخري صف ۾ بيٺل انعام ڪوريءَ گڏ بيٺل ربوءَ گهاڻ واري ڏي مُنهن ڪندي چيو، ”واهه مائي تنهنجا ڀاڳ، جيئري هئينءَ به ميلن ۾ هئينءَ ۽ مرڻ ڪانپوءِ به ميلن ۾ آهين. واهه جمعا تنهنجي سنائيءَ ۽ چڱائيءَ جي ڪملي آهي. سچو پاڙو تنهنجي ميت سان گڏ آهي.“

ربوءَ وراڻيو، ”ابا، زائفان به ته هئي نه. پاڙي جو ڇپر ڇانوَ هئي. ڪنهن کي به ڏک ۾ ڏسندي هئي ته ننڊ ڦٽي ويندي هئس. ۽ ڏهن ئي آڱرين جو زور ڏئي ڪوشش ڪندي هئي ته ان جي ڏک ۾ ڀاڱو وٺي.“

”ها ادا، سچ ٿو چوين. مڙسن کان وڌيڪ مڙس ماڻهو هئي.“ ڪرياني جي دڪاندار خادم به ٻنهي جا گفتا ٻڌي پنهنجي راءِ جو اظهار ڪيو.

”پٽ به اهڙو ئي مکڻ اٿس.“ اڳئين صف ۾ بيٺل نبن حجم انهن جون ڳالهيون ٻڌي پنهنجي ڳالهه ڪئي، ”پوليس جي ظالم بيڙي ۾ هوندي به پوليس وارو نه لڳندو ئي ناهي. تڏهن ٿاڻي بجاءِ چاهيندو آهي ته ڪنهن ٻئي هنڌ تي ڊيوٽي ڪري.“

”برابر، تڏهن ته اڳئين سال جڏهن هن جي مقرري ڪچي جي، ٿاڻي تي ٿي ته همراهه جو جهڙوڪر ساهه اچي لڪيءَ ۾ ڦاٿو. وڏا حيلا وسيلا ڪري وري ساڳيو ئي سيشن جج جو گارڊ وڃي بڻيو.“ ماستر ابراهيم گهگهي آواز ۾ چيو.

پوءِ ٿورو رڪجي ڳالهه جي سلسلي کي جاري رکندي ۽ هلڪي کنگهڪر ڪندي چيائين، ”ججن کي به منڊ کان وني ڏاڍو وٽيل آهي. جيڪو جج ايندو آهي، ايس پيءَ کي فون ڪري چوندو آهي ته هن کي گارڊ اهوئي ڏنو وڃي.“

”اُٺُون ماءُ وانگر سچو پاڙو پيارو به ڏاڍو ٿس. ان مهل جڏهن ڪو پاڙيسري بي گناهه پوليس جي وڪڙ ۾ ايندو آهي ته هن کي جُتي به هٽ نه ايندي آهي ۽ سڌو وڃي ٿاڻي تان ان کي مفت ۾ ڇڏرائڻ جا جتن ڪندو آهي.“ ڪلارڪ قاسم به سپاهيءَ جي واکاڻ ڪئي.

”ڪڏهن ڪڏهن ته ڪنهن نرم دل جج کان ٿاڻي تي فون ڪرائي به ماڻهو ڇڏائي وٺندو آهي.“

”ها ادا، سدوري ماءُ اهڙا سدورا پٽ ئي ڄڻيندي آهي.“ گڏهه گاڏي واري نورل ڪٽل ٽوپ مٿي تي ٻيهر ڏاهيندي چيو، ”پر هاڻي ويچارو صفا اڪيلو ٿي پيو. شاديءَ ۾ ڪل ٽي مهينا وڃي رهيا هئس. ڪاش، ماڻس سندس ڪاج ڏسي سگهي ها.“

”بس پائي، رنگيءَ جا رنگ آهن. ڪنهن کي ناهي، ڪنهن کي ڏاهي، وس وارو آهي.“ پيرسن بيلدار شمن ٿڌو ساهه ڀريندي چيو.

”صفون ته تيار آهن، پر مولوي صاحب الائي ڇو نماز پڙهائڻ ۾ دير ٿو ڪري؟“ پاڙي جي ڪيبل مالڪ صدرالدين اُتاولائيءَ مان ڊسپينسر حاڪم ڏي تڪيندي پڇيو.

”شايد ڪنهن جو انتظار پيو ٿئي.“ ڊسپينسر حاڪم اندازو هنيو.

”چون ٿا ته سيشن جج ٿو اچي. ان جو ئي انتظار پيو ٿئي.“ ڪرڪيٽ جي شوقين نوجوان لياقت چيو، ”جيڪو سپاهيءَ جو ويجهو دوست آهي.“

”جج وڏو ماڻهو آهي، الائي ڪڏهن ايندو. مان ته پريو تريو دڪان پرسان واري جي آسري تي ڇڏي آيو آهيان.“ سوناري مينهل ڪجهه خفي ٿيندي چيو.

”اڙي ابا، سپاهيءَ کي چئو ته ملان کي چوي ته وارو ڪري. مونکي شهر کان ٻاهر وڃڻو آهي.“ ٺيڪيدار نجيب الله واچ ۾ وقت ڏسندي چيو.

”جج اچڻ وارو آهي. ٿورڙو صبر ڪريو.“ پهرين صف ۾ سپاهيءَ سان گڏ بيٺل ڪاسائي ڪريم بخش ماڻهن مان بيچيني ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي چيو.

”يار، ڇڏيس ڪٿي جج کي. هروڀرو گرميءَ ۾ ڇو ٿا ميت کي تڪليف ڏيو.“ طوطي لوهر نرڙ تان پگهر اُگهندي چيو.

”جج ڪانسواءِ نماز نه ٿيندي. آخر به سپاهيءَ جي ڊيوٽي انهي وٽ آهي.“ ڊاڪٽر علي حسن طوطي لوهر کي مخاطب ٿيندي چيو.

”پلا، ڪڏهن ايندو؟ ڏهه منٽ ته گذري ويا هن. بيني بيني جنگهن جو پاڻي ئي سُڪي ويو آهي.“ دم جي مريض علڻ ماڇيءَ مُنهن بگاڙيندي چيو.

”اچي ٿو، اچي ٿو... بي صبرا نه ٿيو.“ پهرين صف ۾ بيٺل ڪٽون واٽينڊڙ نبي بخش سيني کي جڻ ته منٿ ڪندي چيو.

”اڙي، منهنجي جُتي الائي ڪير چورائي ويو.“ ستين صف جي وچ تي بيٺل اسماعيل درزيءَ کان اَپڦاڙ رڙ نڪري وئي.

”پنهنجا بوٽ ۽ جتيون قابو ڪيو ۽ ٿورڙو انتظار ڪيو. جج صاحب پهچڻ ئي وارو آهي.“ ٽئين صف ۾ اڇو پٽڪو پاتل پيرسن جاڙي خان آواز کي وڏو ڪندي چيو.

”ابا جج نه ايندو، اصلي نه ايندو.“ طوطي لوهر حتمي گفتگو ڪئي.

”موبائيلن جو زمانو آهي. جج کان سپاهي پڇي ڇو نه ٿو ته ڪڏهن ايندو؟“ آفيم جي موالي مولوءَ بيزار ٿيندي چيو.

ائين وڏي ريڙهه پيڙهه ۽ مُني ڪلاڪ جي انتظار ڪانپوءِ ڏڪندڙ هٿن سان سپاهيءَ جڏهن کيسي مان موبائيل ڪڍي جج صاحب جي بنگلي جو پي.ٽي.سي.ايل نمبر ڊائل ڪيو ته اُتان ڪيس ٻڌايو ويو،

”جج صاحب کي ٽي.وي ڏسندي هاڻي هاڻي ننڊ اچي وئي آهي. انڪري جنازي نماز ۾ شريڪ ٿي نه سگهندو.“

”ٻڌوَ ابا، هروڀرو جج ٿو اچي!! جج ٿو اچي چئي چئي بيڪ ئي ڪيو ڇڏيائون.“ طوطي لوهر اڃا به ڪجهه چوڻ پئي چاهيو. پر مولوي صاحب ڪنن تي هٿ رکي، ’الله اڪبر‘ چيو ته جڻ هن پنهنجي ٽوائيءَ ڀريل لفظن کي خاموشيءَ جي اونڌهه ۾ گم ڪري ڇڏيو. ■



# مداري...

## انور شيخ

ٽيوشن جو ڪلاس ختم ٿيا ته ڪوچنگ سينٽر جي ڪشادي پڊر تي ميرانجهڙي شام لهي آئي. ڪجھ شاگرد ڪراڙي استاد سان ڪچهري ۾ لڳي ويا. شاگردن ۾ جاڻ جي اڄ هئي جيڪا هُنن کي استاد وٽ ويهڻ لاءِ مجبور ڪري رهي هئي ۽ ڪراڙو استاد به جاڻ شاگردن کي ڏيندي ائين محسوس ڪري رهيو هو جيئن اناج منڊي ۾ مزدور ڳوٽي ڪلهن تان لاهي پٽ تي رکندي هلڪائي محسوس ڪندو آهي. هڪ طرف هلڪائي ٿي رهي هئي ته ٻئي طرف اهو بار نوجوان شاگردن جي جڙ ڪلهن تي پئجي رهيو هو. شاگرد استاد جي هر گفتي ڪانپوءِ وڏيڪ سنجيده ٿيندا پئي ويا. استاد جي چوڌاري اسڪول چيئرس تي ويٺل شاگردن مان هڪ ڪلين شيو، جينز جي پينٽ ۽ اڇي شرٽ پاتل نوجوان استاد کان پڇيو، "سائين، پاڪستان جي سياست سؤلي نموني توهان اسان کي ڪيئن سمجهائيندو؟"

شاگرد جي انهيءَ سوال تي ڪراڙي استاد شاگرد جي منهن ۾ نهاريو ۽ پوءِ ٻين شاگردن کي ڏٺو جن جي چهرن مان ڪيس محسوس ٿيو ته اُهي به اها جاڻ حاصل ڪرڻ چاهين ٿا. ڪراڙي استاد جي منهن تي ٽڪ جا آثار بنھ ڪونه هئا. نوجوانن جي وچ ۾ هو پاڻ کي توانو ۽ سگهارو محسوس ڪري رهيو هو.

استاد چيو، "ڪجھ وقت اڳ، مان هن شهر ۾ اسٽيشن واري روڊ سان وڃي رهيو هوس جتي هڪ هٽ روڊ جي پر ۾ هڪ وڏي ڳهاٽي وڻ جي هيٺان ماڻهن جو وڏو انبوھ بيٺو هو. ماڻهو جيڪي ڏٻرا هئا. جن مان گهڻن کي گهٽا پراڻا ڪپڙا پاتل هئا، ڏاڙهيون ميريون ۽ منهن تي دز هين. سيني جي اکين ۾ ساڳي آس هئي سڀ هڪ جهڙا لڳي رهيا هئا هر ماڻهو معصوم ٻار جيان هيو پر انهن جي اکين جا کوپا خالي هئا، جن تي ڪارنهن جا نشان هُنن جي اونداهين جيون جي نشاندهي ڪري رهيا هئا. ڦاٽل چولا پاتل ڪجھ ٻار لهن جي اڳيان پيرن ۾ ويٺا هئا جن جي چهرن تي حيرانگيءَ جا آثار هئا. ڳهاٽو وڻ انهن جي مٿان ڇانوَ ڪري بيٺل هيو جنهن جي وچ تي هڪ مداري ڪرتب ڏيکاري رهيو هو. مداريءَ جي اڳيان زمين تي ڪارو ٿلهو ڪپڙو وڇايل هيو. جنهن تي ڪجھ سايون، ڳاڙهيون پلاسٽڪ جون برنيون رکيل هيون. ڪجھ برنيون شيشي جون به هيون جن ۾ مختلف قسمن جون جڙي ٻوٽيون پيل هيون. هڪ سنهي لوهي تارن جو پڃرو پيو هو جنهن جي سامهون ڪاٺيءَ جي ننڍڙي صندل تي هڪ ڳاڙهي رنگ جو ٻال رکيل هو. مداري هڪ ننڍڙي ٻار کي سڏ ڪيو ۽ ان کي پاڻ سان گڏ ٻهاريو. ٻار جي اکين ۾ چيپون هيون ۽ منهن اڻ ڌوتل هيس. وار بغير ڦڻي ڏنل بيترتيب سَرن جيان اُڀا هيس. مداري ٻار جي وات ۾ ڪجھ سڪاوٽاءِ پوءِ اُهي ان جي ڪن مان ڪڍيا جيڪي ڇڻ ڇڻ جي آواز سان شيشي جي گلاس ۾ ڪريا. ماڻهن تاڙيون وڄايون ۽ ٻارن ٺهڪ ڏنا. ٻارن سان گڏ ماڻهن به سڪن کي لالچي نظرن سان ڏٺو. ان ڪانپوءِ مداري هڪ راز ڪڍي جيڪا هو سيني جي سامهون ڳهي ڪاٺي ويو. ماڻهو ششدر رهجي ويا. مداري هڪ لوهي سيخ تي ڪپڙو ويڙهي باھ ٻاري، ٻرندڙ سيخ زبان تي رکي ڇڏي، باھ هن کي ڪجھ به نه ڪيو. مداري صوف مان گل ڪڍيو ۽ ڪاغذ مان جيئرو ڪبوتر ڪڍيو. ماڻهو مداريءَ جي ڪرتبن کي ڏسي هن جي ڪمال جا مداح ٿي ويا. مداري ماڻهن تي پنهنجو اثر محسوس ڪندي ڏاڍو سَرهو ٿيو. ماڻهن سان مخاطب ٿيندي وڏي اعتماد مان چيائين، "قدر دانون، مهربانو، اوهان جيڪي هتي موجود آهيو سي وڏن ڀاڳن وارا آهيو جو ته مان وَڏن جفاڪشين سان تمام وڏو علم حاصل ڪيو آهي. ۽ ان علم جي مدد سان مان توهان جون اُميدون پوريون ڪرڻ لاءِ هت آيو آهيان. مان توهان کي توهان جي دلين ۾ پلجندڙ آرزوئون ۽ راز ٻڌائي سگهان ٿو. مان توهان جون اُميدون ۽ خواهشون پوريون ڪري سگهان ٿو. پر ان لاءِ توهان کي سڀ کان پهريان مون تي پنهنجو اعتماد ظاهر ڪرڻ لاءِ ثابتي طور تي هن بريف ڪيس ۾ ڪجھ سڪا ۽ نوٽ وجهڻا پوندا جيڪو شخص جيترو ڏيندو مان ان جا اوترا مسئلا حل ڪندس. توهان ڏٺو ته مون ۾ ڪيتري نه قدرت جي شڪتي آهي جو مون تي باھ اثر نٿي ڪري. مان لوهي راڏون ڳهي ٿو وڃان. مان بي جان ڪاغذ مان ڪبوتر ڪڍي ٿو سگهان. مان صوف مان گل ٿو پيدا ڪيان ته پوءِ مان توهان جا مسئلا ڪيئن نه ٿو حل ڪري سگهان. جيڪو مون تي ڀروسو ڪندو اهو گهڻو ڪجھ حاصل ڪري سگهندو."

ماڻهو مداريءَ جي ڪرتبن مان گهڻو متاثر ٿي چڪا هئا. انبوھ مان گهڻا ماڻهو مداريءَ جي پرسان اچي بريف ڪيس ۾ نوٽ ۽ سڪا وجهي ڪيس پنهنجي بيماري، پريشاني ۽ منشا ٻڌائڻ لڳا. مداري انهن جا مسئلا ٻڌي مختلف برنين مان هريڙون، سُنڍ، ڪارا مرچ، ننڍا وڏا ڦوٽا، سُرمو، سٽيون ڦڪيون ۽ ڪجھ معجون ڪين ڏيڻ لڳو. جيڪي گهڻو متاثر ٿيل هئا تن جلدي پئي ڪئي پر اتي اجان ڪجھ اهڙا ماڻهو به هئاجن دليون پئي هنيون. مداري انهن تي وري پنهنجو اثر ويهارڻ لاءِ اُٿي بيٺو ۽ ماڻهن کي چيائين، "قدر دانو، مهربانو، شڪ وڏي بيماري آهي، جيڪا انسان کي تباھ ڪري ٿي. شڪ ماڻهوءَ کي ٻوڙي ٿو. يقين انسان کي تاري ٿو. جن ماڻهن کي منهنجي اهليت تي شڪ آهي ته اهي منهنجو هي ٻيو ڪارنامو غور سان ڏسن، جيڪو ڪنهن معجزي ۽ ماورائي طاقت کان گهٽ ڪونهي ۽ پوءِ توهان پاڻ فيصلو ڪجو ته مان توهان لاءِ خدا جي طرف کان مسيحا بڻجي آيو آهيان يا نه؟"

پوءِ مداري صندل تي رکيل ٻال ڏي اشارو ڪندي زور سان چيو، "هي جيڪو ٻال صندل تي پيو آهي تنهن کان پڃرو گهڻو پري رکيل آهي مان هن ٻال کي حڪم ڪندس ته اهو پاڻ مرادو ٽپو ڏئي ان پڃري ۾ هليو ويندو."

ماڻهن کي يقين نه پئي ٿيو. ته ڪو ائين به ٿي سگهي ٿو. مداري آسمان ڏي نهاري، ڪنڌ کي لوڏيو ۽ وري سڌو ٿي چپن ۾ ڪجھ منتر پڙهڻ لڳو ۽ وڏي هڪل ڪندي ٻال کي چيو، "پڃري ۾ وڃ."

پر ٻال ساڳي جاءِ تي موجود رهيو ان ۾ ڪا حرڪت پيدا نه ٿي. ماڻهن وڏا ٺهڪ ڏنا جن مداري کي پئسا ڏئي شيون ورتيون هيون تن جي دلين ۾ ڌهڪو ٿيو. ۽ پريشان ٿي ويا. پر جن کي پهريائين ڪجھ شڪ هيو تن وڏا ٺهڪ ڏنا ۽ پاڻ کي سمجهدار محسوس ڪيو. انهن جا ڳاٽ، ڪجھ اُڀا ٿي ويا. مداري ڦڪائي محسوس ڪندي وري ٻيهر ڪوشش ڪئي پر ٻال پنهنجي جاءِ کان نه چريو. انبوھ مان هڪ فل سوٽ، ٽاءِ پاتل، گنجي همراھ وڏو ٺهڪ ڏنو ان جي ڪلهي تي وڏو بيگ هيو ۽ هٿ ۾ بريف ڪيس هيس ماڻهن ان ڏانهن ڏٺو ته ان چيو، "هي مداري ايڏو قابل ڪونهي. هن وٽ ايترو علمي قوت ڪونهي جو ٻال کي پڃري ۾ داخل ڪري سگهي."

مداري ان همراھ ڏانهن ڪاوڙ مان نهاريو ۽ چيائينس، "جيڪڏهن مان ايترو اهل نه آهيان ته پوءِ تون هي ڪري ڏيکار."

فل سوٽ پاتل گنجي همراھ پنهنجي ٽڪڻ کي ڪنهيو ته ماڻهن ۾ وري ٺهڪڙو مچي ويو. ماڻهو هاڻي هنن ٻنهي جي طرف متوجه هئا. فل سوٽ پاتل گنجي همراھ چيو، "هي ته منهنجي ڪٻي هٿ جو ڪيل آهي. پر مان تو کي پنهنجي قابليت ڏيکارڻ جو هڪ موقعو ٻيو ڏيڻ ٿو چاهيان. تون وري ٽيين ڪوشش ڪري ڏس جيڪڏهن نه ڪري سگهين ته پوءِ مان هن عوام سان وعدو ٿو ڪريان ته اهڙو ڪمال مان انهن کي ڪري ڏيکاريندس."

ماڻهو هاڻي هنن جي گفتگو تمام گهڻي دلچسپيءَ سان ٻڌي رهيا هئا، مداري ٽيين ڪوشش ڪندي منتر پڙهيو پر ٻال پڃري ۾ نه ويو. ماڻهو مسڪرائيندڙ چهرن سان فل سوٽ پاتل گنجي همراھ ڏي ڏسڻ لڳا. گنجو همراھ انبوھ جي وچ تي اچي بيٺو. بريف ڪيس ۽ بيگ زمين تي رکيائين ۽ پوءِ هٿ ٻڌي وجداني انداز ۾ ڪجھ دعائون پڙهيائين ۽ وڏي غرور واري مُرڪ چپن تي آڻيندي هڪ ڀرپور نظر ماڻهن جي چهرن تي ڊوڙايائين، ۽ ٻنهي هٿن کي اڳيان ڪري جوڙي وري هڪ دم کوليندي رڙ ڪندي ٻال کي چيائين، "وڃ."

ٻال جهٽڪي سان هڪ دم پڃري ۾ هليو ويو. ماڻهن جي وات مان دانهن نڪري وئي. سڀ حيران ٿي ويا. مداري شرمسار ٿي ويهي رهيو. فل سوٽ پاتل گنجي همراھ ماڻهن جي چهرن تي فاتحانه نظر ڦيرائي جيڪي ڪيس حيرانيءَ مان ڏسي رهيا هئا.

فل سوٽ پاتل گنجي ماڻهوءَ مداريءَ کي چيو، "تنهنجو علم ۽ اهليت ايتري هئي جيتري تو هتي اڳ ۾ پيش ڪئي. پر ماڻهن جا مسئلا گهڻا پيچيده ۽ ڏکيا آهن جيڪي تنهنجي وس جا نه آهن. تو وٽ ايترو علم ۽ اهليت ڪونهي پر مان اهڙو ماڻهو آهيان جنهن تمام گهڻا چلا ڪييا آهن. ۽ وڏيون جفاڪشيون ڪندي تمام گهڻو علم حاصل ڪيو آهي. مان ئي اهڙو اهل آهيان جيڪو ماڻهن جا سڀ مسئلا حل ڪري سگهان ٿو. تون پنهنجا هاڻي ٽپڙ ويڙهه ته وڏيڪ عوام جا اهنج مان دور ڪيان."

پوءِ مداري شرمساريءَ سان پنهنجا ٽپڙ ويڙهڻ لڳو ۽ فل سوٽ پاتل همراھ بيگ کولي برنيون ڪڍيون، خالي بريف ڪيس کولي عوام جي اڳيان رکيو ائين پوءِ پهرين مداريءَ کان پوءِ ٻيو مداري ماڻهن کي نوان ڪرتب ڏيکاري ساڳيون ئي هريڙان، ننڍا ڦوٽا، وڏف، معجون، جڙي ٻوٽيون ۽ سٽيون، ڦڪيون ڏيڻ لڳو. رات جو جڏهن ماڻهو گهرن ڏانهن موٽيا ته انهن جي کيسن ۾ اُميد جون هريڙان، سُٽيون ڦڪيون ۽ پراڻا معجون هئا ۽ مدارين

جا بريف ڪيس، سڪن ۽ نوٽن سان ڀريل هئا.

ڪراڙي استاد شاگردن جي منهن ۾ نهاريندي چيو، ”اسان جي ملڪ جي سياست مدارين جي تبديلي کان سواءِ ڪجهه نه آهي. هڪ کان پوءِ ٻيو اچي ٿو ۽ ساڳيون ئي دلاسن ۽ دوکن جون هريڙان ڏئي، پنهنجا بريف ڪيس ڀري هليو وڃي ٿو.“

# ولي محمد...

”ولي محمد جي ڏي خبر؟“

”ولي محمد ڏاڍي محنت ڀيو ڪري. چوي ٿو پڙهي آفيسر ٿي قوم ۽ ملڪ جي خدمت ڪندس.“

”واهه واهه واهه ڏاڍو ڀلو.“

”ولي محمد جي ڏي خبر؟“

”ولي محمد سي.ايس.ايس پاس ڪري آفيسر ٿي ويو آهي. نوجوان آفيسر آهي.پروبيشنري پيرڊ اٿس. ڏاڍي ايمانداريءَ سان نوڪري ڪندي نالو ڪمائي رهيو آهي. غريب غربي جي داد رسيءَ ۾ رڌل ٿو رهي. صحافين، دانشورن ۽ اديبن سان دوستيون اٿس.سماج جي بهتريءَ لاءِ ٿيندڙ پروگرامن ۾ تقريرون به ڪري ٿو.“

”واهه واهه واهه ڏاڍو ڀلو.“

”ولي محمد جي ڏي خبر؟“

”ولي محمد سائين ضلعي جو آفيسر ٿي ويو آهي. سڄي ضلعي جي ڊولپمينٽ جا ڪم ان جي صحيءَ کان سواءِ چرن ئي نه ٿا. ضلعو آفت سٽيل قرار ڏنو ويو آهي.ٻوڏ ماڻهن جا حال وڃائي ڇڏيا آهن. عوام امداد لاءِ ٻاڪاري پيو. سموري امدادي ڪٽڪ، سامان ۽ پيسو ورهائڻ جو اختيار هن وٽ آهي. سڀ ڪٽڪ محمد خان ڀلاوٽي وٽ وڪڻي ڇڏي اٿائين. چالاڪ زير دست ڪامورن جي مدد سان غريبن جي ڀلائيءَ جا پيسا ڪيرائي ويو آهي.سيني ترقياتي ڪمن ۾ صاحب جو حصو مقرر ٿيل آهي.ڊفينس ۽ ڪلفٽن ۾ جدا جدا بنگلا پيا ٺهنس. عوام کي ڄٽ ٿو سمجهي. چوي ٿو اهي سڌرڻا ئي ڪونهن. منسٽرصاحب جي بنگلي تي شراب ۽ ڇوريون سرڪاري گاڏيءَ ۾ ٿو پهچائي. چوي ٿو، ’سرڪاري ڪاروهنوار پرائيويٽ انداز ۾ پيو هلايان جنهن سان محڪماتي آئوٽ پٽ ۾ اضافو ٿيندو ۽ محڪمو سرڪاري هوندي به پرائيويٽائيزشن تحت پيو هلي.‘-“

”ولي محمد جي ڏي خبر؟“

”سائين، ولي محمد هاڻي رٽائر ٿي ويو آهي. خير سان ڏن تائين ڊگهي سونهاري رکي اٿائين. نيڪ نمازي پرهيز گار سدائين پيو نندي وڏي کي سڌي بيهاري تبليغ ڪري ته بابا دنيا داريءَ ۾ ڪجهه ڪونهيوَ سڀ دوکو ۽ ڪوڙ آهي. اکين جو ڏئو اٿوَ. بس اڳتي لاءِ سوچيو ته ڪا الله عاقبت چڱي ڪري. ٿوري ٿوري ڳالهه تي روئي ٿو ويهي. زبان تي الله جي ذڪر کان سواءِ ٻيو ڪو نالو ڪونهيس.“

”واهه واهه واهه ڏاڍو ڀلو.“

”ڀلا جيڪو مال ڪمايو هئائين ان جو ڇا ٿيو؟“

”اهو پٽن ۽ ڌيئرن ۾ ورهائي ڇڏيو اٿائين. انٽريسٽ تي ڏنل پئسن مان هر سال حج تي ويندو آهي ۽ سال ۾ ٻه ٽي عمرا به ڪري ٿو.“

”واهه علي محمد تنهنجا ڀاڳ.“ ■

# زندگي...

## فوزيه ناز

زندگي مري رهي هئي. ڪيس بچائڻ لاءِ جلدي هاسپيٽل پهچڻو هو. پر رستي ۾ ٽريفڪ جام هئڻ جي ڪري رڪشا رڪيو رڪيو پئي ويو. پل ۾ ٻيٺو ٿئي ته جڏهن ٽرئفڪ سُري ٿئي ته رڪشو به ڇُريو ٿئي. ايتري ۾ هڪ ننڍو ٻار جنهن جي هٿن ۾ گلن جون مالهائون، گلدستا ۽ هار هئا. بيحد معصوم انداز ۾ رڪشا آڏو اچي چيائين، ”سائڻ، گل وٺو. هي مالها وٺو.“ هٿن ۾ نازڪ گل ڪڻڻ وارو هي ٻار جنهن جي پنهنجي نازڪ زندگي ڪنڊن تي سفر ڪرڻ جي برابر هئي. سندس پيليون اکيون، ڪمزور جسم، ساهه ۾ بيماريءَ جي تار وڄي رهي هئي- ڦاٽل ڪپڙا، پٺي لڳل پيٽ، تتل سج هيٺان اگهاڙا پيرءِ اگهاڙو مٿو. ڪيس ڏسي دل ۾ درد جو بيابان اڀري پيو. درد جڏهن مرڪ بڻجي چپن جي دهليز تي ايندو آهي ته اها مرڪ ڪارن لڙڪن کان به وڌيڪ ڪاري لڳندي آهي. مان ان ٻار کي اهڙي مرڪ آڇيندي چيو، ’نه نه ڪپي. مهرباني.‘ وري چيائين، ’هڪڙو هار ته وٺو. صبح کان ٻڪ تي آهيان.‘ سندس التجا من ۾ درد کي وڌائي ڇڏيو.

مونکي زندگي کي بچائڻ لاءِ موت جي فرشتي کي معاوضي جي صورت ۾ پئسا ڏيڻا هئا، هونئن ته هڪ رپيو به مون لاءِ قيمتي هو. پر الائي ڇو مون انهن مان ڪجهه پيسا ڪڍي ان ٻار کي ڏنا. جنهن ڪري سندس چهري تي خوشيءَ جي مرڪ ٽڙي آئي.

اڃا هاسپيٽل ٿورو پريرو هئي ته هڪ نوجوان عورت اگهاڙا پير، اگهاڙو مٿو، ڪليل وار، پويان چولو اڌ ڦاٽل، ڊوڙندي اچي رڪشا ۾ چنبڙي. ڏاڍي ڊنل هئي. سندس دل جي ڌڙڪڻ جو آواز ۽ ساهن جي رفتار تيز ٻُڌجي رهي هئي، هوءَ ڄڻ ڪنهن شڪاريءَ جي چنبي مان ڦٽڪي، پاڻ ڇڏائي نڪري آئي هئي.

تڪڙ ۾ ان کي هٿ ڏئي رڪشا ۾ ويهاريم. ۽ رڪشا ڊرائيور کي رڪشا تيز هلائڻ لاءِ چيم. عورت جي ارڪاٽن ۽ هيسيل چهري مان سندس سموري روئيداد ٻڪي رهي هئي . آئون حيرت زده هئس. ان ڪري ڪائنس ڪجهه به ڪڇي نه سگهيس. اندر ۾ درد جو سمنڊ ڇُلڪي رهيو هو. ايئن ٿي لڳو ڄڻ اسان رڍن جي ان ڌڻ وانگر هجون جنهن جو ڪو به ڌڻي سائين راکو نه هوندو آهي. جنهن کي ڪو به گدڙ يا بگهڙ جنهن مهل به چاهي شڪار بڻائي سگهي ٿو.

”هاسپيٽل اچڻ واري آهي. اوهان کي ڪٿي لهڻو آهي؟“ مون اکين ئي اکين ۾ پڇيو. ”بس هتي ئي لاهي ڇڏيو. پر منهنجا ڪپڙا؟“

آئون سندس ليڙون ٿيل ڪپڙا ڏسي سمجهي ويس ته هي تن ڍڪڻ ٿي چاهي. ۽ مون وٽ اهڙي ڪائي چادر وغيره نه هئي جو ڪيس اوڍائي سگهان. بس رئي جي پلوو ۾ ڪجهه پيسا ٻڌل هئا، جن کي مون زندگي بچائڻ لاءِ سنڀالي رکيو هو . مون چيو، ’معاف ڪجو. مون وٽ في الحال ڪو اوڇڻ ناهي. جو اوهان جي تَن کي ڍڪي سگهي.‘

”هي سامهون ريڙهي تي اڌ- اوراڻا ڪپڙا پيا آهن.“ هن خاموشي سان ريڙهي ڏانهن اشارو ڪيو.

مون هڪ اڻ ڇُهيل جذبي هيٺ ڪجهه ڏوڪڙ پوتي جي وَرَ مان ڪڍي سندس تِري تي رکي ڇڏيا.

رڪشا جيئن ئي ٽرن ڪيو ته ڪجهه ماڻهو وچ روڊ تي بيٺل هئا. ۽ ڪنهن جي رڙين ۽ دانهن جو آواز پئي آيو. رڪشا واري بريڪ ڏئي رڪشا کي بيهاري ڇڏيو. ۽ رستي جو هجوم هڪ پوڙهي شخص جي مٿان بيٺل نظر آيو. جيڪو روڊ جي حادثي ۾ رتو رت ٿيو پيو هو. شايد ڄنگهه ۽ ٻانهن به ڀڳي پيا هئس. هو ليلائي ليلائي چئي رهيو هو، ’بچايو، مون کي بچايو، مونکي الله ڪارڻ بچايو، منهنجي واهر ڪريو. آئون مرڻ نه ٿو چاهيان. مون تي رحم ڪيو.‘

آئون ڏکن کان چور تڙپندڙ پوڙهي جي اها حالت ڏسي نه سگهيس. ويتر سندس واسطن ۽ قسمن منهنجي دل ۾ رحم پيدا ڪيو. آئون رڪشا مان لهي ڪيس ڪڻي اچي رڪشا ۾ ويهاريو.

ڊرائيور ڪرائي کان علاوه پوڙهي جي ملم پٽيءَ لاءِ وڌيڪ پيسا گهريا. آئون ان کي پيسا ڏئي پنڌ ئي پنڌ اسپتال وڃڻ لڳيس- هاڻي مون وٽ زندگي بچائڻ لاءِ ايترا پيسا نه هئا جيترا موت جي فرشتي کي گهربل هئا. ”هاڻي آئون پنهنجي پياريءَ ’زندگي‘ کي ڪيئن بچائيندس؟ ڇو ته ان ڏينهن هسپتال ۾ موت جي فرشتي لاءِ معاوضو جمع ڪرائڻو هو. جنهن کانپوءِ شام جو ڇئين وڳي زندگيءَ جو آپريشن ٿيڻو هو.“

”هاڻي ڇا ٿيندو؟ معاوضي جا پيسا ته رستي ۾ ئي ختم ٿي ويا!“

اهو سوچيندي سوچيندي آئون اسپتال پهتس. وارڊ جي دروازي تي ڊاڪٽر ۽ ٻه نرسون مليون. موت جي فرشتي چيو، ”جلدي ڪاؤنٽر تي معاوضو جمع ڪرائي وٺو. ٽائيم بلڪل گهٽ آهي.“ رستي جي سڄي روئيداد آئون انهن کي ايترو جلدي ٻڌائي نه ٿي سگهيس. ڇاڪاڻ ته وٽن ايترو ٽائيم ئي نه هو.

”سر، في الحال هي ڪجهه پيسا گڏ ڪري سگهي آهيان. بقايا سڀاڻي جمع ڪرائيندس.“ مون عرض ڪيو.

”جيڪڏهن توهان وٽ معاوضي جي رقم نه هئي ته پوءِ اجايو اسان جو وقت ڇو برباد ڪيو؟“ موت جي فرشتي اکيون ڦوٽاري پڇيو.

”سائين، ائين نه ڪيو. سائين ائين نه ڪيو.“ مون ليلاڙ ڪيا.

موت جو فرشتو چپ چاپ مون ڏانهن نهاريندو رهيو. ائين لڳو ڄڻ ته هن جي احساس جون اکيون ٻلا ڪائي ويا هئا جنهنڪري هو منهنجي مجبوري ۽ جذبات جي شدت کي سمجهي نه سگهيو. مون خاموش اکين سان ڪيس گهوري چيو،

”توهان نه ٿو ڄاڻين ته تون هڪ مسيحا آهين. ۽ توکي قدرت اهو مقام انسانن جي زندگي بچائڻ لاءِ ڏنو آهي. نڪي معاوضي جي گهٽ وڌ هئڻ جي ڪري. زندگي کي موت جي غار ۾ اڇلائڻ لاءِ تنهنجو ڪم ناهي. جيڪڏهن تون پنهنجي مقدس فرض ۾ دولت جي حوس کي شامل ڪرين ٿو ته ڄڻ پنهنجي مقام تان ڪريو پوين ٿو. تون مٽي جي پيدائش آهين. تونِ جا خوارڪ ۽ پاڻي وا پرائين ٿو. اهو هن مٽي جي سيني جو اپراسو آهي. ۽ ها جنهن لباس سان تو پنهنجو تن ڍڪيو آهي، اهو به هن مٽي جي پيدائش آهي. انهن حقيقتن کان انڪار معنيٰ پنهنجي وجود جو انڪار ٿو ڪرين.“

منهنجي خاموش اکين جو مقالمو ٻُڌي هو چپ ٿي ويو . ۽ ڪاوڙ مان مونڏي نهاري چيائين، ”معاوضي جي رقم ڪيسي ۾ نه هجي ته پوءِ اسان ڏانهن ڌڪا کائڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي. ڪنهن خيراتي اسپتَال ڏانهن وڃو ها.“ ائين چئي هو تڪڙن قدمن سان هليو ويو.

مون زندگيءَ جي وارڊ ۾ اچي ان کي لاچار اکيون کٽي ڏنو، جا بيڊ تي آخري پساهه کٽي رهي هئي. سندس اکيون ڇت ۾ کتل هيون ۽ ساهن جي ڏور آهستي آهستي ڊرڪي رهي هئي. آئون ٿڪل قدمن سان سندس سيرانديءَ کان آيس. هن آخري نگاهن سان مون ڏانهن نهاريو. سندس اکين ۾ معاشري جي بي حسي جو درد جُهلڪي رهيو هو. مون پنهنجا هٿ سندس زرد ۽ سرد چهري تي ڦيريا. مون کي لڳو ڄڻ ساهه جو پکي پڙڪو ڏئي اڏامي چڪو هو. ■

# اطمينان...



ذوالفقار گاڏهي

جڏهن هو چنبڙ شاخ جي ڪاٽيءَ واري ڪم تي هو ته سندس ڊرائيور هڪ ٽيلي پرنٽر ميسيج کيس آڻي ڏنو. ميسيج ڇا هو؟ حيرتن جو ڪُن هو جيڪو سوچن جي پاتال ۾ ڪٽي ويو هوس. پنواٽيون اچي ويون هئس. هُن ڪاٽيءَ جي مشين آپريٽ ته ڪئي پئي. پر ڊرائيونگ سيٽ تي جڻ هئو ئي ڪونه. سمورو خيال ميسيج ڏانهن هئس. هڪ اٽڪاتل درد جي لهر هڪ سلعت ۾ اندر مان اپريس ٿي ته ٻئي لمحي ان کي جهٽڪو ڏئي ذهن مان ڇنڊي پئي ڇڏيائين. من جي مونجهه ۾ ملڪائي کيس ڪم ڪرڻ نه ڏنو. ۽ هو مشين، ڊرائيور حوالي ڪري ڪئمپ جي خيمي ۾ موٽي آيو.

صبح جا يارنهن ٿيا هئا. هن بورچيءَ کي چانهه آڻڻ لاءِ چيو. ۽ کيسي مان ميسيج ڪڍي ڌيان سان پڙهڻ لڳو. جيڪو سينٽرل جيل سکر جي ڦاسي گهاٽ مان ڪوري نالي هڪ قيدي ڪيو هو. جنهن کي ٻن ڏينهن ڪانپوءِ ڦاهي جي سزا اچڻي هئي. هن ڦاهيءَ کان اڳ ساڻس آخري ملاقات جي خواهش ظاهر ڪئي هئي.

هن ذهن تي گهڻو زور ڏنو. پر کيس ان نالي وارو ڪو ماڻهو ياد نه آيو. جنهن سان سندس ايترو ويجهو ته ڇڏيو پر ڪو پري جو به تعلق به نه هو. ان نالي سان سندس ڪو مِٽ مائٽ يا نئون پراڻو دوست به ته ڪونه هو. پوءِ آخر ڪهڙو تعلق هو. جنهن جي آڌار تي زندگي جا آخري ڳڻتيل ساهه ڪٽيندڙ هڪ قيدي ساڻس ملاقات جي خواهش رکي ٿو. ڪو واسطو ۽ تعلق ته ضرور آهي؟

تڏهن ته... نه ته ڪنهن کي آخر ڪهڙي ڳتي پئي آهي، جو جيل مان ميسيج اماڻيندو؟ هن پڇارن ۾ پنهنجي من ۾ اٿندڙ سوالن جا پاڻ ئي جواب پئي ڏنا.

’ائين به ته ٿي سگهي ٿو، ته ڪنهن تنگ ڪرڻ لاءِ مذاق ڪيو هجي؟‘ هن جي ذهن ۾ تيزي سان ٻيو سوال ابريو. هن کيسي مان ميسيج ڪڍي ٻيهر پڙهيو ۽ کيس پنهنجي ان خيال کي به رد ڪرڻو پيو. انڪري جو ميسيج جيل انتظاميا جي طرفان اماڻيل هو.

بورچي چانهه جو ڪوپ کڻي آيو ۽ سندس آڏو رکيو. هن چانهه جي سُرڪ ڀري ڪوپ رکيو ته ڪنوڻ جي چمڪي جيان نئون سوال ذهن جي پڊر تي وارد ٿيس. جنهن کيس ويتر پريشان ڪري وڌو.

”موت جي سزا آيل قيديءَ سان ڦاهيءَ واري رات گهر ڀاتي ۽ ويجها مٽ مائٽ آخري ملاقات ڪندا آهن. پر هي ڪهڙو قيدي آهي، جيڪو مٽن مائٽن بدران مون سان آخري ملاقات ڪرڻ ٿو گهري، جيڪو کيس سڃاڻي به نٿو؟“

منڌل سٽ جهڙي سوال کيس منجهائي پريشان ڪري وڌو. ذهن منڌل ڌاڳن جيان منجهي پيو هئس. فيصلو نه پئي ڪري سگهيو ته وڃي يا نه وڃي؟ دل ۾ آيس پئي،

”جنهن ماڻهوءَ سان ڪا ڏيٺ ويٺ ئي ناهي. ڄاڻ سڃاڻ نه آهي. ان سان ملڻ لاءِ وڃڻ ڪهڙي عقلمندي ٿيندي؟ ٿي سگهي ٿو ته ڪو پاڳل هجي.

ٻي دل چيس پئي، ”پاڳل هجي يا سياڻو کيس نالي ۽ ايڊريس جي ڪهڙي خبر؟ هونءَ به مرڻ واري جي خواهش کي پنئي نه ڏجي. ڪو تعلق نه سهي، پر انسانيت جي ناتي، ڪنهن کي ٿورڙي خوشي به پهچائي سگهجي ته اُن ۾ خرابي ڪهڙي آهي؟“

هُن موڪل ورتي ۽ تيار ٿي نڪري پيو. ڊرائيور گاڏي ڪڍي هن کي خيرپور ناٿن شاهه تائين ڇڏڻ آيو. جتان ميهڙ ۽ پوءِ لاڙڪاڻي پهتو ۽ سکر جي وين ۾ چڙهي پيو. سڄي واٽ هن جو ذهن مانڌاڻيءَ وانگر ولوڙجندو رهيو. هن ننڍپڻ کان وٺي جواني ۽ جواني کان وٺي موٽيل وهيءَ تائين ماضيءَ جا سمورا پاسا اٿلائي ڏٺا. پر ڪؤڙي نالي سان ڪوبه ماڻهو ذهن ڦرهيءَ تي نمودار نه ٿيو هئس. حيرت ۽ تجسس هو، جيڪو وڻ ويڙهي جيان وجود کي وڪوڙي ويو هئس. ذهن ۾ ايندڙ هر خيال، سوال جي نشاني بڻجي پئي ويس.

وين جڏهن خيرپور جي حدن ۾ داخل ٿي، تڏهن ڪجين جا باغ ڏسي، هن جو ذهن پندرهن سال پوئتي ماضيءَ جي ايوان ۾ داخل ٿي ويو. کيس ’گلابي‘ چهرو ذهن تي تري آيو. معصوم صورت واري من موهڻي گلابي، جنهن کي هن پنهنجي حصي جون سموريون چاهتون ارپيون هيون. ۽ موٽ ۾ گلابيءَ به پنهنجي مٽن مائٽن ۽ رشتن سان ناتا ٽوڙي، سندس محبت جي موٽ ڏني هئي، ٻئي شاديءَ جي ٻنڌڻن ۾ ٻڌجي ويا هئا. هن گلابيءَ جي رولاڪ جيون کي عزت ڀريو جياپو ۽ مٽي چاڻ ته ڏني هئي، پر مٽن مائٽن ڪانئس ناتا ڇني ڇڏيا هئا. گلابيءَ جي پيار کيس وڏي آزمائش ۾ وجهي ڇڏيو هو. پر پوءِ به هو خوش هو.

کيس گلابيءَ سان گڏ ارڙهن ورهين جو ڳُڻ چور منو به ياد اچڻ لڳو. جنهن کي هن غريب، يتيم ۽ لاوارث سمجهي، کهل کائي، پاڻ وٽ روزگار سان لڳايو هو. شڪل صورت جو سهڻو سيبتو هو. چار ڏوڪڙ کيسي ۾ آيس ته ڪپڙي لٽي به ماڻهپي ۾ اچي ويو. کيس گهڻو ڀائيندو هو. گهر ڀاڄي ڀُتي ۽ سوڌو سامان وٺي ڏيڻ لاءِ مني کي گهر موڪليندو هو. ۽ پوءِ هڪ ڏينهن هو ڪم تان جلدي واندو ٿي گهر موٽيو هو. ته هن جا تاڪ لڳي ويا. جڏهن هن مني ۽ گلابيءَ کي اهڙي حالت ۾ ڏٺو. جنهن لاءِ هن ڪڏهن تصور ۾ به نه سوچيو هو. هن سندس گهر جي چُلهه تي هٽ پئي سيڪيا. گلابيءَ سندس اڻ مئي پيار ۽ مني سندس اعتماد ۽ ڀاٻوهه جو قتل ڪيو هو. هن جو پيار نفرت ۾ پلٽجي پيو. پيار جي جاءِ تي ٻُڇاڻ ۽ ڪروڌ جون ڀاونائون وڪوڙي ويون هئس.

هن جوش بدران هوش کان ڪم ورتو ۽ ’ڪني اڱر وڃي چڱي‘ واري چوڻيءَ تي عمل ڪندي گلابيءَ کي طلاق جا ٽي پتر ڏئي، گهران ڪڍي ڇڏيو. گلابيءَ مني سان پرڻو ڪري ڇڏيو. ۽ هو پنهنجن ۾ موٽي آيو.

مائٽن، ’ٻلي ٻلي ڀاڻ آئي، سا به نه ٻلي‘ وانگر، کيس چاتيءَ سان لائي ڇڏيو. هو پنهنجي مگ سان پرڻو ڪري خوش رهڻ لڳو هو ۽ گلابيءَ جي يارن کي دل تان ڪرڙي ڪڍي ڇڏيو هو.

”گلابي الائي ڪهڙي حالت ۾ هوندي؟“ هن دل ئي ۾ چيو.

”جنهن پيار جي لڄ نه رکي، ان جي ڪهڙي پڇار ڪبي؟“ هن ڪراهت مان دريءَ مان ٽڪ ٻاهر اڇلائيندي دل جي سوال جو دل ۾ جواب ڏنو.

*

هو سکر پهتو ته شام ٿي وئي هئي. وين اسٽاپ تان رڪشا ڪري شهر آيو ۽ هوٽل انٽر پارڪ ۾ ڪمرو بڪ ڪري لت ڪوڙي سمهي پيو. ٿڪل هو، انڪري ننڊ ورائي ويس. اڪ ڪليس ته رات جا ڏهه ٿيا هئا. بت جو چوڪڙو لهي پيو هئس. ۽ تازو توانو ٿي ويو هو. هوٽل کان ٻاهر نڪري آيو. شهر جو چڪر ڏئي، ماني ٽِڪي کائي موٽيو ته رات جا ٻارنهن ٿيا هئا.

صبح تيار ٿي ناشتو ڪرڻ ويٺو ته سکر جو پراڻو دوست بشير منگي ياد آيو. کيس فون ڪيائين. هو ڪلاڪ کن ۾ هوٽل تي اچي نڪتو. هن سڄي ماجرا بشير سان ڪئي. سينٽرل جيل عملي ۾ سندس ڄاڻ سڃاڻ وارو هو. ٻئي رڪشا ۾ چڙهي سينٽرل جيل پهتا. معلوم ڪرڻ تي بشير جي ان دوست کين ٻڌايو ته ڪورو نالي خيرپور جو نوجوان آهي. جنهنکي زال ۽ آشنا کي قتل ڪرڻ جي ڏوهه ۾ اڄ رات ڦاهيءَ تي چاڙهيو ويندو. پيار جو پرڻو ڪيو هو ٻنهي ۽ پوءِ ٻن سالن ڪانپوءِ، هن پنهنجي زال کي ٻئي مرد سان ڏٺو. جوش ۾ اچي ٻنهي کي قتل ڪري ڇڏيو.

هو بشير سان گڏ سينٽرل جيل جي ملاقات وري ڪمري ۾ پهتو ته سنتري کين ويهاريو. هو بيچينيءَ سان ڪوري جو انتظار ڪرڻ لڳو. ڪجهه دير ڪانپوءِ سنتري هڪ هٿ ڪڙيون ۽ ڏنڊا ٻيڙيون لڳل نوجوان کي وٺي ڪمري ۾ داخل ٿيو. نوجوان جو منهن اڇي چادر سان ڍڪيل هو. هُو اچڻ سان هن جي پيرن تي ڪري پيو ۽ اوڇنگار ڏئي چيائين،

”سائين ڪبير صاحب، آئون اوهان جو ڏوهي آهيان. مونکي معافي ڏيو.“

”تو منهنجو ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي؟“

ڪبير حيرت مان کيس ڏسندي وراڻيو، ”سائين ڏوهه معافي جهڙو ڪونهي. پر هاڻي جڏهن حياتيءَ جا ٽوراپل وڃي بچيا آهن. معافي ڏيندؤ ته مرڻ مهل ضمير تي ڪو بار نه هوندو. موت آسان ٿي پوندو.“ هن روئي ڏنو.

”پر منهن تان چادر ته هٽاءِ. ڏسان ته سهي، تون آهين ڪير؟“ ڪبير جو تجسس برقرار هو.

”نه سائين، پهرين معافي ملي.“ هن اوڇنگار ڏئي چيو.

هو سوچ ۾ پئجي ويو. نيٺ ٿڌو ساهه کڻي، اهو سوچي ته مرڻ واري سان ڪهڙا حساب؟ وراڻيو، ’ٺيڪ آهي، مون توکي سڀ ڏوهه گناهه بخش ڪيا.‘

نوجوان امالڪ منهن تان چادر پري ڪئي ۽ ڪبير کان ڇرڪ نڪري وئي.

”اڙي منا تون، پر تون مني مان ڪوڙو ڪيئن ٿئين؟“ هن حيرت مان پڇيو.

”سائين، ڪؤڙا به ڪڏهن منا ٿيا آهن؟ مائٽاڻو نالو اٿم. مونکي وڻندو ڪونه هو، ان ڪري منو سڏائيندو هئس.“

هو اٿي بيٺو ۽ سنتريءَ سان گڏ وڃڻ لڳو. هن جي موت ڪائيندڙ وک ۽ چهري تي اطمينان هو. ■

# راز...



ساٿي محبوب زنگيجو

”ابا گل.“
”جيءُ بابا.“
ابا سپاٽي رئيس جاڻ خان رازا ۽ مزدور موڪليندو جيڪي سائين واڏل جي مزار ڪٽندا. سو پٽ...“
”بابا، توهان کي ڪيئن خبر پئي ته رئيس جاڻ رازا ۽ مزدور موڪليندو؟“ پيءُ جي ڳالھ اڌ ۾ ڪٽيندي گل پڇيو.
”پٽ، رئيس پاڻ ڪالھ سائين جي تربت تي حاضري ڀرڻ آيو هو. ۽ مون کي سڏي اهو ٻڌايو هئائين.“
”بابا، اها ته سٺي ڳالھ آهي هونئن ته سائين ويچارو اس ۾ پيو آهي ڇانورو ٿي پوندس.“
”نه پٽ نه، مزار ته ناهي اڏائڻي نه.“
”ڇو بابا؟“
”بس پٽ، مون چيو نه...“
”ايئن ڪيئن بابا؟“
”انهيءَ ڳالھ تان لهي وڃ.“
”نه بابا نه، مون کي ٻڌائڻو پوندءِ.“
”ڇڏ انهيءَ قصي کي. توکي جيئن چيو اٿم تيئن ڪر ۽ مزار کهڙي به صورت ۾ ناهي اڏائڻي.“
”بابا، آخر مزار ۾ حرج ڪهڙو آهي. زائرين اچن ٿا. زيارت لاءِ ڏوران ڪهي ۽ هتي پري پري تائين ڪٿي به نه وڻ آهي ۽ نه ڪرڙ نه ڪانديرو. بلڪل لس (رڻ پٽ) لڳي پئي آهي. سڄي علائقي ۾ هڪڙو ئي وڻ آهي اهو به اسان جي گهر ۾؟“
”پٽ.“
”بابا، زائرين کي ڇانوَ ملي پوندي. ۽ سائين کي پڻ.“
”...“
”بابا، ڏسو ٿا جون جو سج ڌرتي کي تپائي ٿامونءَ ڪري وڌو آهي. پکي ويچارا ڇانوَ جي تلاش ۾ هيڏي هوڏي اڏري رهيا آهن. ۽ ڪُتا ڪِنن ڌبن مان پنهنجو پيٽ ۽ ڇاتي آلي ڪري پٽين جي پاڇي ۾ سهڪي رهيا آهن ۽ مائرون جهولي ڪان ٻچڻ لاءِ ڪپڙو پسائي ٻارڙن کي لک کان بچائين ٿيون... بابا، سائين جي پنيءَ تي هٿ رکي ڏسون ته خبر پوندي. پٽي آهي يا باھ تي رکيل توبي!!“
”ها، اهو صحيح آهي پر...“
”پر ڇا بابا؟“
”پٽ تون نٿو ڄاڻين.“
”مان اهوئي ته ڄاڻڻ چاهيان ٿو جيڪو توهان ٻڌائڻ پسند نٿا ڪيو.“
”نه مڙندين؟“
”جيستائين حقيقت جي خبر نه پوندي اوستائين منهنجو ساڳيو ئي سوال هوندو. ۽ مون کي سمجھ ۾ نٿو اچي ته هي ڪهڙو راز آهي مان جيڪي به ٻُنيون ڏنيون آهن ته انهن تي ڏاڍيون سهٽيون. ڇٽ ساليون ٿيل آهن. اُهي مزارون ويراني نه پر رونق بخشينديون آهن. ۽ هڪڙو سائين واڏل جيڪو هن ڪاڙهي جهڙي گرمي ۾ پيو آهي. توهان کي ڪو احساس ئي ڪونهي. توهان ڪهڙا مجاور آهيو.“
”نٿو مڙين ته ٻڌ.“
”منهنجو ڏاڏو خدن فقير جيڪو تنهنجو پڙڏاڏو ٿئي. اهو سائين واڏل جو تمام پيارو فقير ۽ خدمتگار هو. هڪ ڏينهن سائين واڏل بيمار ٿي پيو. ۽ بچڻ جي ڪا اميد نه رهي ته ڏاڏي کي سڏي چيائين، ’خدن فقير، لڳي ٿو ته پنهنجو ٻيڙو پرجي يو آهي. ان ڪان پهريان مان هي دنيا ڇڏي وڃان تنهن ڪري مان هڪڙي وصيعت ڪرڻ چاهيان ٿو.‘
”ڪهڙي مرشد؟“ خدن ڏاڍي عاجزي مان چيو.
”خدن فقير مون سان وعدو ڪر.“
”جي جي. مرشد سائين، واعدو.“
”خدن فقير، ڏس منهنجو هتڙي ڪوبه اهل و عيال ڪونهي. جنهن کي مان ڪجھ چوان. منهنجو اهل و عيال به تون آن ۽ خدمتگار به تون. مان الائي ڪير ۽ ڪٿان آيس تو عزت ڏني خدمت ڪئي سو...“
خدن فقير سوچن جي سمونڊ ۾ غوتا پائڻ لڳو ته مرشد الائي ڪهڙي وصيعت ڪندو مان اها پوري ڪري سگهندس الائي نه. فقير انهيءَ ٻڏتر ۾ هو ته مرشد چيو،
”خدن فقير، او خدن فقير، ٻڌين ٿو نه؟“
”ها ها قبلا سائين، توهان فرمايو.“
”جيڪڏهن مان مري وڃان...“
”ڪهڙيون ٿا ڳالهيون ڪيو مرشد سائين!!“
”ها خدن فقير ها، موت برحق آهي. قرآن شريف ۾ نه پڙهيو اٿئي ته ’هر نفس کي موت جو مزو چکڻو آهي.‘ سو اهو مزو مون کي به چکڻو آهي. ۽ توکي به رهڻو ڪنهن کي به ناهي. هي دنيا فاني آهي.“
”بيشڪ مرشد سائين، بيشڪ.“
”خدن فقير جي مان مري وڃان ته منهنجي مٿان مزار نه اڏائجان. ۽ جيڪڏهن ڪوئي اڏڻ جي ڪوشش ڪري ته تون ان کي جهلجانءِ. جي نه مڙي ته رات جي پوئين پهر ۾ ڊاهي ڇڏجانءِ. ۽ اهو هُلائي ڇڏجانءِ ته سائين واڏل ڏاڍو ڏِنگو سيّد آهي. ۽ پاڻ تي قبو اڏائڻ نٿو ڏئي. ائين ڪرڻ سان منهنجو قدبت مرڻ ڪانپوءِ به اجان وڏيڪ وڌندو ۽ تنهنجي ٻچڙن جو به گذر سفر ٿيندو.“
”نيڪ آهي مرشد سائين، جنهن ۾ اوهان راضي.“
ٻن ٽن ڏينهن ۾ سائين واڏل لاڏاڻو ڪري ويو. ۽ ڏاڏو خدن وڏو فقير هو. تنهن ڪري مجاور ٿي گادي تي ويهي رهيو.
”پٽ، چوندا آهن، هاٿي جيئرو ته لک ۽ مري ته به لک.“
سو سائين واڏل تي روزانو پڙ ۽ خير خيراتون ٿيڻ لڳيون. ۽ ڪنهن سرنديءَ واري جي من جي مراد پوري ٿيندي هئي ته اهو مزار اڏائڻ جي ڪوشش ڪندو هو. ۽ ڏاڏو ڪين جهليندو هو. پر مڙندا نه هيا ۽ ڏاڏو رات جي پوئين پهر ۾ اٽي پٽيون ڊاهي ڇڏيندو هو. جڏهن رازا ۽ مزدور پٽيون ڊٺل ڏسندا هئا ته حيران ٿي پڇا ڪندا هئا،
”هي پٽيون ڪنهن ڊاٺيون آهن؟“
ڏاڏو ڏاڍي ڦڙتي مان جواب ڏيندو هيو،
”سائين واڏل.“
”سائين واڏل؟ اهو ته مري ويو آهي. اهو پٽيون ڪيئن ڊاهيندو؟“
پڇڻ واري جو وات پٽجي ويندو هو.
”توبھ ڪر توبھ. ڇو پيو پنهنجي قبر ڪاري ڪرين؟ سائين واڏل ولي آهي. ۽ الله جا ولي جيئرا هوندا آهن.“
ڏاڏو سائين ائين نفسياتي ڌڪ هڻي ماڻهن جا وات بند ۽ ڪري ڇڏيندو هو. مون ته اوهان کي ڏاڍو روڪيو پر توهان ڪونه مڙيا.
سائين جو قول آهي، ’مون تي مزار نه اڏجو.‘
سو سائين پنهنجي قول ۾ پڪو آهي.

*

”پوءِ اهي سرندي وارا ڏاڍي خدن کي سرون، سيمينٽ ۽ ٻيو سامان ڏئي ڇڏيندا هئا. هي حويلي جنهن ۾ تون ۽ مان آسائش وٺون ٿا. اها به ڏاڏي جي چالاڪي جو نتيجو آهي. ۽ تون سٺين گاڏين ۾ چڙهين ٿو اها به انهيءَ جي مهرباني آهي. نه ته اسان به ڏاگيل شاھ جي فقيرن وانگي گودڙي ڪلهي ۾ ڪٽيو پيا هلون ها.
سو پٽ، اهو هڪ راز آهي، جيڪو ڏاڏي بابي کي ٻڌايو. بابي مون کي ۽ مان توکي ٿو ٻڌايان. جيڪر هي راز فاش ٿي پيو ته اسان جا هي نٽ ٺانگر ختم ٿي ويندا.“
”...“
”ٻڌين ٿو نه پٽ؟“
”ها بابا.“ ■

غزل



گل خاصخيلي

اسان کي اڌ ٽڪڙو
انا کي ڇڏ ٽڪڙو
مصيبت جي گهڙي ۾
ورائي سڏ ٽڪڙو
اچي پيو منهن ڏسڻ هو
نه پوريو هڏ ٽڪڙو
نه ڪندئي معاف ڌرتي
او ويري لڌ ٽڪڙو
سو ئي ڪرندو، جو ٻي لئه
ٿو ڪوٽي ڪڏ ٽڪڙو
وڇوڙي ماس روڙيو
بدن ٿيو هڏ ٽڪڙو
اڪيلو چنڊ ’گل‘ سان
هلي پيو گڏ ٽڪڙو.

گل محمد خاصخيلي کي سالگره مبارڪ

# لڪير...



شوڪت لوهار

**جيتوڻيڪ** ڊاڪٽر جي ڪمري ۾ اي سي هلي رهيو هو، تنهن جي باوجود هن جي نرڙ تي پگهر جون بوندون نروار نظر اچي رهيون هيون. هو سخت پريشان ۽ ڳڻتي ۾ ورتل هو، هن کي ڪجهه به سمجهه ۾ نه اچي رهيو هو ته هو ڇا ڪري ڪاڏي وڃي ڪنهن کي ڇئي.

”توهان هي دوائون وٺي اچو ته پوءِ وڌيڪ ڳالهايون ٿا.“ ڊاڪٽر صاحب دوائن جي هِڪ وڏي لسٽ هن جي حوالي ڪندي چيو ۽ پاڻ فون تي ڪنهن سان مصروف ٿي ويو.

هن پرچي کنئي هن کي پرچي ايڏي ڳري محسوس ٿي رهي هئي ڄڻ هو دوائن جي پرچي نه بلڪه ڪو ڳرو پٿر کڻي رهيو هجي. لاچار هن پرچي کنئي ۽ ڊاڪٽر جي ڪمري مان ٻاهر نڪري آيو. پريشاني وچان هن جي نڙي ۾ ٿوهر لهي آيا هئا. هو پنهنجو پاڻ کي هِڪ اونهي کن ۾ ٻڏندي محسوس ڪري رهيو هو.

اسپتال ۾ ماڻهن جي تمام گهڻي پيهه هئي. ماڻهوءَ جيڪي پنهنجن پيارن کي وٺي آيا هئا. ڪنهن کي ويل چيئر تي ڪنيو پئي ويو، ڪو ڊرپ لڳل مريض ايمرجنسي ڏانهن پئي ويو. هو ڪجهه ساعتون اتي بيٺو رهيو ۽ اِهو ياچ وارو منظر ڏسندو رهيو. ”جڏهن انسان کي هي جهان ڇڏڻو ئي آهي ته پوءِ هي وٺ وٺان، زندگي بچائڻ جي هِي ڊُڪ ڊوڙ ڇا لاءِ؟ زندگي جڏهن ڪنهن اڏوهي ورتل سڪل ڪاٺي جيان ٻڄجي ويندي آهي تڏهن ان مان مزو ختم ٿي ويندو آهي.“

پر مون کي ائين نه سوچڻ گهرجي، مون کي ڪيئن به ڪري عاشي لاءِ هي دوائون وٺڻيون آهن.“ هو وري ان ڪمري ۾ اچي ٿو، جتي سندس گهرواري عاشي کي منهن تي هٽرادو ساهه کڻائڻ وارو گئس ماسڪ پاتل آهي. هو ڏسي ٿو عاشي جون اکيون جيڪي ايڏي اعتماد سان بند پيون آهن، ڄڻ هنن کي ڪا پريشاني به ڪونه هجي. هن جي اکين جو اعتماد روحل جي دِل کي جهير ڏئي ڇڏي ٿو. هو اندران ئي اندران ائين پڄي پري پئي ٿو جيئن ڪنير جي آوي ۾ پيلا ٿانوَ پڄي پري پوندا آهن.

روحل ۽ عاشي پاڻ ۾ سڳا سؤٽ هئا ۽ هِڪ ئي يونيورسٽي ۾ تعليم حاصل ڪيائون، ڪلندي ڪلندي شادي ٿي وئي. هنن جو وقت مسرت ۽ خوشي جي هندورن ۾ جهوليندي گذريو. هر ڏس ۾ خوشي هئي، روحل کي هر طرف عاشي جا ٺهڪ ٻڌندي محسوس ٿيندا هئا. هر گهڙي هن جي اکين ۾ عاشي جو چهرو رقص ڪندو هو. روحل کي هڪ اين جي او ۾ نوڪري ملي وئي، پوري ساري پگهار، پوءِ به هن ان کي غنيمت سمجهيو ۽ پر اعتماد ٿي ڪم ڪندو رهيو.

هن پنهنجي زال کي لاڏ ڪوڏ ۾ گهر ۾ ئي رهڻ لاءِ چيو. عاشي جو هونئن به پڙهائي سان بس امتحانن پاس ڪرڻ تائين جو واسطو رهيو، ان ڪانپوءِ هن لاءِ سڀ ڪجهه سندس وَر روحل ئي هو. هو طرح طرح جا طعام تيار ڪندي هئي. هر وقت پنهنجي ور تان وهلور پيئي ويندي هئي. شادي جي ڪجهه عرصي بعد عاشي کي الٽيون ٿيون، سيني کي خوشي ٿي، سيني سمجهيو ته اِها خوشي جي ڳالهه آهي. روحل خوشي ۾ سموئي نه سمائجي. الٽيون وڌي ويون، الٽيون رت جي الٽين ۾ تبديل ٿي ويون، عاشي کي دورا پوڻ شروع ٿي ويا. روحل عاشي جي اهڙي عجيب حالت تي حيران و پريشان ٿي ويو. ڊاڪٽرن سان مشورا ڪيائون، آخرڪار ٽيسٽون ڪرايائون ۽ ٽيسٽن ۾ عاشي کي ڦڦڙن جي ٽي بي جي بيماري تشخيص ٿي. روحل جي روح جا موتي ڪنهن قيمتي مڙئي جيان ٽٽي وکري ويا. روحل جي دنيا ويران ٿي وئي. هن کي اِها اميد نه هئي ته زندگي ساڻس ايڏو وڏو مذاق به ڪري سگهي ٿي، پر اِها حقيقت هئي. ڪڏهن ڪڏهن حقيقتون ڏاڍيون پوائتيون ۽ خوفناڪ هونديون آهن. روحل پنهنجي حال سارو عاشي جو گهڻو ئي علاج ڪرايو، دوستن کان قرض کڻي اين جي او کان اوڌيون وٺي نيٺ هو ٿڪجي پيو. عاشي جي بيماري ۾ تر جو فرق به ڪونه آيو. هن جون سڀ ڪوششون رائيگان ويون، روحل هار نه مڃي. روحل سوچيو ته هن ڪائنات ۾ هن جو عاشي ڪانسواءِ ٻيو ڪير آهي. ان جي بدلي ۾ جي سندس جان هلي وڃي ۽ عاشي ٺيڪ ٿي وڃي تڏهن به هو اِهو سودو ڪرڻ لاءِ تيار آهي. پر اهڙا سوداگر صرف تصوراتي دنيا ۾ ملندا آهن. روحل تصوراتي مهاڀارت ۾ ڪرشن بڻيو رهيو. روحل پنهنجي ساهن کي تلوار جي نوڪ تي اپو ڏنو. هن کي مجبوري جون اجگر بلائون سانت سانت چڪي رِهيون هيون. بيوسي ۽ ڪجهه نه ڪري سگهڻ واري ڪُن ۾ ٻڏندي هن جي اکين جا بند پڄي پيا ۽ هو عاشي جي ساهن جي واري مُٺ مان واري جي وهڪ پنهنجي اکين سان ڏسندي پڄي ۽ پُري پيو. هنن دوائن ڪانپوءِ عاشي جو آپريشن ٿيڻو هو، جنهن لاءِ روحل کي ڪٿان به ڪري پنجن لکن جو انتظام ڪرڻو هو. روحل مجبوري جي هن رساڪشي جنگ ۾ پنهنجو پاڻ کي رسو محسوس ڪري رهيو هو. هن چاهيو ٿي ته ڪٿان به ڪري پئسا اچن، پئسن جو انتظام ٿي سگهي ۽ عاشي جي زندگي بچي سگهي.

*

”اوهان دوائون وٺي آيا“ ڊاڪٽر هن کي وڏي اسپتال جي ڪوريڊار ۾ مِليو.

”نه ڊاڪٽر صاحب.“ روحل بيوسي وچان وراڻيو.

”ڇو؟“

”هي دوائون هٽ نه آهن؟“

”ڇا؟“

”روحل صاحب هي ته عام دوائون آهن، هي ٻاهر واري فارميسي تي ملي وينديون.“ ڊاڪٽر ڪلندي اطمينان سان چيو.

”نه ڊاڪٽر صاحب هي دوائون خبر ناهي ڪٿي ملنديون، زمين تي يا آسمان تي؟“

اوهان ڇا پيا ڳالهايو؟“ روحل ڊاڪٽر جي سڏ تي پريشانين جي غفائن مان نڪتو.

”اچي هي پاڻي جو گلاس وٺو.“

”ڇا ڳالهه آهي؟“ ڊاڪٽر روحل جي وشال خوبصورت چهري تي مجبوري جي ريکائن کي پڙهي ورتو.

”نوجوان گهبرائبو ناهي، همت ڪريو.“

”ڊاڪٽر صاحب هاڻ همتون جواب ڏئي ويون آهن. توهان سان سڌي ڳالهه آهي، پئسا ناهن، آئون عاشي جي علاج ۾ پورو ٿي ويو آهيان، اوهان ڊاڪٽر آهيو، ڊاڪٽر ماءُ پيءُ جيان هوندا آهن، اوهان کان کهڙو لِڪ. آئون هڪ اين جي او ۾ ملازمت ڪيان ٿو، جنهن مان گهر مشڪل سان هلي ٿو.

"I see"

”پر توهان کي ڪيئن به ڪري اوهان جي گهرواري جو آپريشن ڪرائڻو پوندو. اڃان مرض ابتدائي شڪل ۾ آهي، هِڪ مهينو ٻي دير ٿي ته...“

”نَہ ڊاڪٽر ائين نه چئو.“

”چئبو ته اوهان پنهنجي وني سان بيحد محبت ٿا ڪريو، Good هر ور کي ائين اوهان وانگر ئي سوچڻ گهرجي.“

”اوهان هِي دوائون وٺي اچو.“

ڊاڪٽر دوَائن جي پرچي تي ڪجهه لکي ڏنو.

”مگر ڊاڪٽر صاحب؟“

”ڪا ڳالهه نه آهي.“ ڊاڪٽر مسڪرائيندي هن کي جواب ڏنو.

هو دوائون وٺي آيو. ڪجهه ضروري انجيڪشنون ۽ ڊرپون هيون. ڪجهه سيرپون ۽ گوريون.

”منهنجو نالو ڊاڪٽر ظهير احمد آهي، آئون هن ميڊيڪل سينٽر جي هن شعبي جو انچارج آهيان. هي منهنجو ڪارڊ آهي. اوهان شام تائين آپريشن جي پئسن جو بندوبست ڪريو، جي ٿي وڃن ته ٺيڪ نه ته شام جو منهنجي گهر اچجو پوءِ هِڪ ’ڊيل‘ ڪنداسين.“

”ڊيل“ روحل پنهنجِي گهرين اکين ۾ سوال پريا؟

”جي ها ڊيل.“ ڊاڪٽر ڪنهن بزنيس مين جيان ڪيس جواب ڏنو.

”ڪهڙي ڊيل؟“ روحل پنهنجي خوبصورت هٿ سان سواليه پڪي ٺاهيا.

”اِها ڊيل تڏهن پڌري ٿيندي جڏهن اوهان کان پئسن جو بندوبست نه ٿئي؟“

”ٺيڪ آهي.“

”ٿئنڪ يو.“

”ٽيسٽائين اوهان پنهنجي وائيف وٽ رهو ۽ ها ڪمري جي چارجز وغيره لاءِ مون چئي ڇڏيو آهي، اوهان بي اونا ٿي وڃو.“

"So many thanks dr .sb"

روحل ڊاڪٽر جي وڃڻ ڪانپوءِ شام تائين سوچيندو رهيو، هو بار بار عاشي جي چهري کي تڪيندو رهيو. روحل سوچن جي سنگهرن ۾ جڪڙجي اِهو معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو ته آخر ڊاڪٽر ظهير ڪهڙي ڊيل ڪرڻ چاهي ٿو.

”ڪٿي هو؟“

”ها آئون عاشي کي بچائڻ لاءِ هر جائز ناجائز ڪم ڪرڻ تيار آهيان. عاشي ته بچي پوندي نه، منهنجو خير آهي. هو به مون کي مليل منهنجي زندگي عاشي جي

امانت آهي.“ روحل کي ڊيل بابت سوچن جا ڳاڙھاڻيو ڏنگيندا رهيا.

شام جو آخرڪار مجبوري اڳيان هار مڃي روحل ڊاڪٽر جي ڏسيل گھر جي ائڊريس تي وڃي بيل وڄائي. ھھڙو عاليشان گھر، گاڏي. روحل کي حيرت ڪونہ ٿي. هن کي صرف ۽ صرف اِها ڳالهہ مٿي ۾ وينڌل هئي تہ ڪيئن بہ ڪري عاشي بچي. ان جي بدلي اگر هن کي ڪو غير قانوني ڪم ڪرڻو پوي تڏهن بہ هو ڪندو.

دروازو کولي چوڪيدار هن کي ڊرائنگ روم تائين رسايو.

”اوهان اچي ويا؟ ويھو ويھو.“ روحل ڊاڪٽر ظهير کي ملندي چيو.

”جي ڊاڪٽر صاحب.“

”مون کي اوهان ڊيل بابت ٻڌايو.“ روحل لنوائڻ لڳو.

”ڏسو آئون اوهان کي ڊيل بابت ٻڌايان ٿو پر جيڪڏهن اوهان کي اِها ڊيل پسند نہ اچي تہ ان جو ڪنهن ٻئي سان ذڪر نہ ڪجو. اوهان ماشاءَ الله نوجوان آهيو، حسين آهيو ۽ سمجھدار پڻ.“

”جي ڊاڪٽر صاحب“، ”اوهان خاطري ڪريو. اوهان جي مسز عاشي جو آپريشن ٿي ويندو، سڀ خرچ آئون پريندس، ان جي ٺيڪ ٿيڻ تائين. چاهي ان لاءِ اسان کي پرڏيهہ مان علاج چو نہ ڪرائڻو پوي. سڀ ڪجهہ منهنجي ذمي.“

”تہ پوءِ مون کي ڇا ڪرڻو پوندو؟“ روحل سوال ڪيو.

”ڏسو روحل صاحب زندگي ۾ ڪڏهن ڪڏهن اهڙا عجيب موڙ اچي ويندا آهن جو ماڻهو جي لاءِ فيصلو ڪرڻ مشڪل ٿي پوندو آهي تہ هو ڪهڙي واٽ وٺي؟“

”جيڪڏهن اوهان کي منهنجي ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي تہ اوهان هي سودو ڪريو جي نہ تہ پوءِ جيئن اوهان جي مرضي.“

”پر آخر مون کي ڇا ڪرڻو پوندو؟“ روحل هاڻ بيتاب ٿي ويو.

”اوهان کي منهنجي ڌي سان شادي ڪرڻي پوندي.“

”ڇا! پر آئون تہ اڳ ۾ شادي شده آهيان.“

”پوءِ ڇا آهي ماڻهو چار چار شاديون ڪندا آهن پيو اِهو تہ منهنجي ڌي ڪنزا جيڪا پڻ ڊاڪٽر آهي. پر هو ٻنهي ٽنگن کان معذور آهي.“

”ڇا؟“

”جي ها.“

”۽ هو اوهان کان عمر ۾ ڪجهہ وڏي پڻ آهي.“

روحل پر ۾ پيل پاڻي جو گلاس سڄي جو سڄو پي ويو. ۽ ٻئي هٿ پنهنجي مٿي تي ڏئي سوچڻ لڳو.

”مون ڊاڪٽر ڪنزا جي اڪائونٽ ۾ 50 لک رکرائي ڇڏيا آهن ۽ هي گھر بہ ان جي نانءَ آهي.“

”هاڻي اوهان سوچي وٺو تيستائين آئون تيار ٿي ٿو اچان.“ ڊاڪٽر اندر هليو ويو.

روحل زندگي ۾ پهريون ڀيرو پنهنجو پاڻ کي مجبوري جي پلصراط تي هلندي محسوس ڪيو ۽ هو ان جي هيٺان باهہ جو درياهہ هو. ڊاڪٽر جي ڇڏي وڃڻ واري وقت ۾ هو شيڪسپيئر جي ناٽڪ هيملٽ جي خود ڪلامي هُجي يا نہ هجي "Tobe or not tobe" جي دلدل ۾ لهي ويو.

هِڪ طرف عاشي جو معصوم چهرو، هن جون لڙڪون هن جي هٿن جا لمس، ٻئي پاسي عاشي خاطر عاشي کي ورهائڻ هن لاءِ هن ڪرب جو مقام هو.

”جي روحل صاحب؟“

”تہ پوءِ اوهان ڇا فيصلو ڪيو؟“ ڊاڪٽر ٺاءِ جي ناٽ ٻڌندي روحل کان پڇيو.

” آئون راضي آهيان.“

”هڪ ڀيرو وري سوچيو؟“ ڊاڪٽر وارننگ ڏني.

”جيڪو سوچڻو هو سوچي ڇڏيو، ڊاڪٽر صاحب عاشي جي خاطر آئون ڪجهہ بہ ڪري سگهان ٿو.“

”ان جو مطلب تہ اوهان ان کي تمام گهڻو چاهيوٿا.“

”جي ڊاڪٽر صاحب.“

"Very good"

”پٽ ڪنزا!“

”السلام عليڪم.“

”وعليڪم السلام.“

”هي منهنجي ڌي ڊاڪٽر ڪنزا آهي. هي پيدائشي معذور آهي.“

هي ننڍڙي هئي تہ هن جي ماءُ هن کي ڇڏي هلي وئي. پر مون هن جي پوري تربيت ڪئي آهي ۽ ماءُ جي ڪمي کي ڪنهن حد تائين گهٽايو آهي.“

”بابا جو ٻي شادي نہ ڪرڻ ئي مون لاءِ وڏي قرباني آهي.“ ڊاڪٽر ڪنزا چيو.

روحل ڏٺو تہ پاڻ کان 10 سال وڏي عورت، جنهن جي عمر هاڻ پوئين واري خوابن جي نگر کان اڳتي نڪري چڪي آهي. روحل کي ڊاڪٽر ڪنزا ڪو اهڙو جزيرو محسوس ٿي جتان ڪوبہ مسافر جهاز لانگهاهو نہ ٿيو هجي. هن جون وشال اکيون جن ۾ صدين جي صدا ۽ هن سماج طرفان مليل ڌڪار واضح نظر آئي. پر روحل کي انهن سڀ ڳالهين جي پرواهہ ڪونہ هئي. هن جي حالت ڪنهن انڌي فقير جيان هئي، جيڪو رستي ۾ ايندڙ هر رڪاوٽ ۽ ٺڏي کي پنهنجو مقدر سمجهي ٺڙجي ٿاٻڙجي وري سنڀلجي ويندو آهي.

ڪجهہ ئي ڏينهن ۾ هِڪ مولوي کي سڏائي روحل جي سادگي سان ڊاڪٽر ڪَنزا سان شادي ٿي وئي. ان سان گڏ ڊاڪٽر ظهير روحل کان ڪجهہ ضروري ڪاغذن تي معاهدا بہ سائن ڪرائي ورتا. هن سڄي ماجرا کان عاشي کي بي خبر رکيو ويو. عاشي جو آپريشن ڪامياب ٿي ويو. هو ڪجهہ ئي ڏينهن ۾ چاڪ چڱي ڀلي ٿي وئي. روحل نہ چاهيندي بہ عاشي کي هي خنجر جي خبر ٻڌائي، جيڪا عاشي تي وڄ جيان ٿي ڪري. عاشي روحل کي چيو، ”تون ڀل مون کي مرڻ ڏين ها تو ائين ڇو ڪيو؟“

”آئون مجبور هئس.“

”عاشي آئون توسان بيحد پيار ڪيان ٿو. پر آئون ڇا ڪريان مون کي ٻي ڪا واهہ نہ سجهي رهي هئي. مون وٽ ڪجهہ بہ ڪونہ هو، آئون قرض ۾ ٻڏي ويو هئس، توکي بيماري جي واڳون وات ۾ ويندي ائين ڏسي ڪونہ ٿي سگهي. پليز منهنجو يقين ڪر.“ روحل جي اکين ۾ پاڻي اچي ويو.

عاشي جي لڙڪن جون لارون روحل جي روح کي تيرن جيان ٿي لڳيون. عاشي هن ٿوهر جي ڪنڊن جهڙي سچ کي پنهنجي نڙي ۾ لاهيندي تمام گهڻو درد محسوس ڪيو. هن جي ساهن جي ڏوڙي تيز ٿي وئي ۽ روئي روئي نيٺ هو چپ ٿي وئي.

عاشي کي ڪنهن بہ قيمت تي اِها ڳالهہ منظور ڪونہ هئي تہ هو روحل کي ڪنهن سان ورهائي ٿي سگهي!

مجبوري ۽ هن لاءِ روحل جي ڪيل قرباني ڪنهن ساعت هن جي دِل کي سوا گهڙي لاءِ ٿڌو ڪنديون هيون، پر هِڪ عورت هجڻ جي ناتي هو هميشہ انهن سيني ڳالهين کي نڪرائي ڇڏيندي هئي. پوءِ روئيندي روئيندي بيهوش ٿي ويندي هئي.

روحل اين جي او ۾ اڳتي ترقي ڪري ورتي. ڊاڪٽر ڪنزا معذور هوندي بہ روحل جي مجبوري کي آساني سان سمجهي ٿي سگهي. صبح سان ئي گهر ۾ ئي ڪلينڪ تي مريضن کي چڪاسيندي هئي. هفتي جي هِڪ ڏينهن تي هو مريضن کان ڪائي فيس نہ وٺندي هئي. شايد هو مجبوري جي بخت مليل روحل لاءِ صدقو سمجهي ائين ڪندي هئي. عاشي انهيءَ بيماري کان ٺيڪ تہ ٿي وئي هئي، پر ڊاڪٽر ڪنزا کي پنهنجي پهاج جو تصور ڪري هن کي دورا پئجي ويندا هئا ۽ هو گهر جا ٿانوَ ڀڃندي هئي. آهستي آهستي هو هِڪ عجيب نفسياتي مرض ۾ مبتلا ٿي وئي، جنهن ۾ هو تمام گهڻو وقت روئيندي هئي ۽ باقي وقت بيهوش رهندي هئي. پر زندگي جيئڻ تہ پهريون سبق امتحان وٺندي آهي ۽ پوءِ سبق سيکاريندي آهي، ان ڪري هو بہ هوريان هوريان هن غم کي پنهنجي سيني جي سمنڊ ۾ لاهي ڇڏيو. روحل جي زندگي بس هِڪ مجبور انسان جيان گذري رهي هئي. هو راتين جو دير تائين جاڳندو ۽ سگريٽ پيئندو هو. ۽ سگريٽ جي دونهاٽيل ڇولين ۾ عاشي ۽ پنهنجو پاڻ کي مشڪريون ڪندي ڏسندو هو. ڪوهہ مري جي برف ۾ گذاريل هني مون جا اهي ڏينهن هن جي اندر ۾ وڍ وجهي ڇڏيندا هئا. برف جا بال ٺاهي هِڪ ٻئي کي هڻڻ وري انهي دونهاٽيل درياهہ ۾ جڏهن ڪَنزا اچي ويندي هئي تہ روحل جو تصور ڪا قيمتي آرسي جيان هٿن مان ڪري پوندو هو ۽ هو پنهنجو پاڻ کي آرسي جي ٽوٽن ۾ پهچي وکريل وجود جا ٽوٽا ڳولهيندو هو.

رات جو وقت هو، روحل حسب معمول پنهنجي ڪمري ۾ سگريٽ پي رهيو هو، ڊاڪٽر ڪنزا ويل چيئر تي ويٺي ٽيريس تان دور دور سمنڊ جي اڇل ڪائيندڙ ڇولين کي پئي ڏٺو. ڇوليون جيڪي چنڊ جي ٿڌي چانڊاڻ جي ڪري بيتاب هيون ۽ چنڊ سان ملڻ لاءِ اڄ موجن ۾ الائي ڪٿان جي مستي لهي آئي هئي. ايتري ۾ عاشي هن موقعي کي غنيمت سمجهيو ۽ پنهنجي پهاج کان هميشہ هميشہ لاءِ ڇوٽڪارو وٺڻ جو سوچيو. هن کي خيال آيو تہ جيڪڏهن هو ان کي هتان ڌڪو ڏيندي تہ ڪوبہ شڪ ڪونہ ڪندو ۽ هرڪو سمجهندو تہ هي پاڻ ڪري پئي آهي. عاشي جي ڪنڌ تي موت جا فرشتا سوار ٿي ويا. هو اڳتي وڌي پير پير ۾ ڏئي جيئن ڊاڪٽر ڪنزا کي سنڌس پيرن جو سرباٽ نہ ٿئي.

هو وڃي ان معذور جي ويل چيئر وٽ پهتي، سمنڊ جي لهرن ۾ ويتر تيزي اچي وئي هئي، هوا تيز ٿي وئي هئي، عاشي جا هٿ ڏڪي رهيا هئا. هن ڪنبندڙ هٿن سان معذور ڊاڪٽر ڪنزا جي ويل چيئر ۾ جيئن ئي هٿ وڌا تہ ڊاڪٽر ڪنزا هن ڏانهن ڪنڌ ورائي ڏٺو، عاشي بہ هن ڏانهن ڏٺو، وري عاشي جون نظرون هن جي جهولي ڏانهن هليون ويون. ڪنزا جي جهولي ۾ ننڍڙي تختي وارو پاڪ ڪتاب هو، جيڪو هو پڙهي رهي هئي. عاشي پاڪ ڪتاب کي ڏسي ڊاڪٽر ڪنزا جي ويل چيئر کي هيٺ ڪرڻ کان بچايو ۽ اچانڪ هن جو پير ٿڙڪي ويو هو ڌٻڪي سان اچي فرش تي ڪري ۽ هن جي مٿي مان رت ڪنهن نانگ جيان وهي سرڪڻ لڳو. روحل عاشي وٽ وڄ جيان پهتو، عاشي اکيون کولي هِڪ ڀيرو روحل کي ڏؤ ڪري ڏٺو ۽ هن جي چهري تي پنهنجي هٿ سان لڪير ڪيندي پنهنجون اکيون بند ڪري ڇڏيون.

lohar_shoukat@hotmail.com

# پلاند...

ايس. سرمد

ڳوٺ کان شهر ويندڙ بس ۾ معمول کان وڌيڪ رش هئي. ماڻهو هڪ ٻئي مٿان سٽيا پيا هئا. گرمي ۽ ٻوسٽ سبب ساهه کڻڻ مشڪل هو. ننڍڙن ٻارن ريهون پئي ڪيون. بس جو منشي جنهن جون ڳاڙهيون اکيون پڇن سان پريون پيون هيون، مسافرن جا پير لتاڙيندو ۽ پاسا هٽندو، ٻارن کي ڇڙٻيون ڏيندي، ڪرائي جي اوڳاڙي ڪري رهيو هو.

بس جي پوئين سيٽ کان اورتي ٻچل ٽن ماڻهن جي گهيري ۾ ويٺي سعودي جي ڳاڙهي رومال سان پنهنجي ڇهري تان پگهر پئي اگهيو. سندس حالت بس جي ٻين ماڻهن کان ڪنهن به صورت گهٽ نه هئي. جون جي گرمي سبب پگهر ۽ ٻاهران ڪچي رستي جي بس جي دري مان ايندڙ ڌوڙ سندس ڇهري کي ميرانجهڙو ڇڏيو هو ۽ سندس نوان ڌوتل ۽ استري ٿيل ڪپڙا گهنججي ويا هئا.

جڏهن منشي اچي ٻچل واري سيٽ تي پهتو ته سوڙهه سبب ٻچل کي پنهنجي سٿڻ جي ٻاڏاٽي واري کيسي مان پئسا ڪڍڻ ۾ ڏکيائي ٿيڻ لڳي. منشي جون ڳاڙهيون اکيون اڃان وڌيڪ ڳاڙهيون ٿي ويون.

”هيڏيون وڏيون اکيون اٿئي، ڏسو به ٿا ته ڪرائي جي لئي اڃان ٿو ته ڪرايو هٿ ۾ ڪري نٿا رکو. بدافعالا ماڻهو.“

”منشي، بشنين جو آزار وڌي ويو آهي، ان ڪري پئسا اتي رکيا اٿم، ٻيو مان ڪاڏي ڀڄي ته ڪون ٿو وڃان جو توکي تڪڙ لڳي آهي.“

”چڱو هاڻي چڱو گهڻي ديگهه نه ڪر، ڪرايو ڏي.“

ٻچل 10، 10 جا چار ڪليل پراڻا نوٽ ڪڍي منشي کي ڏنا.

”باقي 10 روپيا ڏي، رات پيٽرول چڙهيو آهي، ان ڪري ڪرايو به وڌايو آهي.“

”وري ڇا ٿيو پيٽرول کي؟ ٽيون ڏينهن ته 40 روپيا ڪرايو هو.“

”حڪومت جي مرضي آهي جيئن وڻيس ڪري، گهڻا سوال جواب نه ڪر، 10 روپيا ڏي.“

”پيٽرول لهي ٿو ته ڪرايو گهٽ ته نٿا ڪيو. چڙهي ٿو ته هڪ ڏينهن به صبر نٿا ڪيو. اگهه وڌائي ٿا ڇڏيو.“

”اهي ڳالهيون وڃي پنهنجي ايم.پي. اي نواب صاحب سان ڪر. مونسان ناٽڪ نه ڪر. 10 روپيا ڏي نه ته لهه بس مان.“

زهر جو ڍڪ پيئندي ٻچل ٻاڏاٽي مان 10 روپيا ڪڍي منشي کي ڏنا، جيڪو ٻڇڙو منهن ڪري پوئين سيٽ وارن کان ڪرايو وٺڻ لڳو.

اڌ ڪلاڪ ڪانپوءِ جڏهن بس شهر جي اسٽاپ تي بيٺي ته ٻچل کي سوڙهه ڪري چيلهه ۾ ور پئجي ويو. هن چيلهه کي هٿ سان مهٽيو ۽ لهي شهر جي شاهي بازار ڏانهن وڌيو.

*

جبار سيٺ، سلان ماليڪم.“

”ماليڪم سلام.“ جبار سيٺ گراڪن جي پيهه ۾ ٻڇڙو منهن ڪري بيزاريءَ مان سلام ورايو.

”ڪمهلو ڪيئن اچڻ ٿيو؟“ سيٺ ساڳئي ٻچان مان پڇيو.

”پئسن جي ٻاڙائي تي پئي آهي. پاڻ وڻٽو آهي. ڪجهه اوڌر ملي وڃي ته...“

”نه ٻچل، ڏنڊو ئي ڪونهي. ڪٿان کان اوڌر ڏيان. اسين پاڻ پيا ٻاٽون جهليون.“ سيٺ ٻجلي نه هئڻ ڪري پاڻ کي هٿ جو ونجڻو هڻندي ڪروڌ وارو منهن ٺاهيندي چيو.

”سيٺ سائين، تونکان سوا اسان جو ڪير آهي؟ ابن ڏاڏن کان وٺي توسان ۽ تنهنجي پيءُ سان واسطو رهيو آهي، تنهنجا پئسا ڪڏهن اسان ڪائي ويا آهيون ڇا؟ غريب آهيون پر ٻئي جو حق ڪڏهن ناهي کاڌو. ڪپڙا لٽا سدائين توکان کڻندا آهيون. ڏکي وقت ۾ سدائين توهان ئي ڪم آيا آهيو. اڄ به مون مسڪين سان وهي وڃو.“

”ابا، چيم ني، گنجائش ئي ناهي.“

”سيٺ سائين ڇو ائين ٿيو آهين؟ اسان ڪڏهن توکي ڪا تڪليف ڏني آهي؟ فصل لهڻ سان ئي توکي تنهنجا پئسا ڏئي ويندا آهيون.“ ٻچل نرمي ۽ هيڻائين ورتي.

”وقت تي پئسا ڏئي ويندا آهيو ته مون تي ڪو احسان ته نه ڪندا آهيو نه. هن وقت مان پنهنجو گهر هلائڻ ۾ پورو آهيان، تون جي پنهنجو گهر ۽ ٻني نٿو هلائي سگهين ته وڃي ڪنهن کڏ جو پاسو وٺ.“

سيٺ جون ڳالهيون ٻڌي ٻچل جو ڇهرو ڏيئي جان وسامي ويو، کيس سيٺ مان اهڙي اميد نه هئي. سندس دل گهريو ته هانوءَ ڦاڙي رڙيون ڪري روئي. ڏک ۽ ذلت جي احساس کان سندس اکيون پرجي آيون.

”سيٺ سائين، مون غريب تي رحم ڪر، توکان سوا ٻيو ڪير آهي جيڪو منهنجي مدد ڪندو؟ ٻن ڏينهن جي اندر جي زمين کي پاڻ نه مليو ته منهنجو وڏو نقصان ٿي ويندو. مان غريب سڄو سال ڪئين گذارو ڪندس؟ منهنجا معصوم ٻچڙا بک مري ويندا، خدا جو واسطو اٿئي ائين نه ڪر.“ ٻچل سيٺ کي پرچائڻ جي آخري ڪوشش ڪئي.

”يار، چيم ني- ڏوڪڙ ڪونهن. جند ڇڏ، ڏنتو ڪوٺي نه ڪر.“

سيٺ جي آخري جملن کان پوءِ ٻچل مئل جذبن سان سيٺ جي دڪان تان هيٺ لهي ويو.

*

ٻچل جي ذهن ۾ ڌماڪا ٿي رهيا ها. کيس سمجهه ۾ نه پئي آيو ته هاڻي ڪاڏي وڃي. ڪيترن ئي سالن کان واسطو هجڻ ڪري سيٺ جبار مان کيس وڏيون اميدون هيون، ڏکي وقت ۾ کيس ڪم ايندو هو، ٿوري گهڻي بي عزتي ضرور ڪندو هيو پر مدد ڪرڻ سان گڏ، پر اڄ ته...

پريشاني وگهي سندس اڌ مٿي جو سور شروع ٿي ويو. ڪڙڪ چانهه جي طلب ۾ هڪ هوٽل جي ٻاهران رکيل بينچ تي ويهي رهيو. بيري کي هڪ سٺي چانهه ۽ پاڻي جي گلاس جو آڊر ڏئي پنهنجي سوچن جي دنيا ۾ هليو ويو.

”زال جا زيور چونه گروي رکي ڪم ٽپايان.“ پر وياج جا پئسا لاهڻ جي تصور کان ئي ڏڪي ويو.

*

”ابا، هي چانهه آهي، يا ڪوسو ٽُتو پاڻي؟“

”ڪوسو پاڻي ڇو آهي!! چانهه اٿئي چانهه.“ بيرو واپس موٽي آيو ۽ سندس اڳيان چيلهه تي رکي هٿ ٻڌي رهيو.

”هيئن چانهه ٿيندي آهي؟ ڪير ذري به نه اٿس.“

”اهڙو شوقين آهين ته ڳوٺان مينهن ڪاهي اچين ها، اسان وٽ اهڙي ئي چانهه آهي.“

”ابل، هن چانهه پيئڻ کان ته بهتر آهي ته ميونسپالٽيءَ جي نلڪي تان ڪوسو پاڻي پئي ڇڏيان.“

”ته پوءِ وڃي ڪوسو پاڻي پئي، اٿ هتان، هلندو ٿي... تون جهڙي واندي جي اسان کي ضرورت ناهي.“

بيري جي دڙڪي تي ٻچل جي دل هڪ ڀيرو وري وسامي وئي. زهر جو ڍڪ پنهنجي اندر ۾ لاهي. پنهنجي ذهن تي ويٺل چانهه پيئڻ جي خواهش جي پوپٽ کي ڪاوڙ جي ڦوڪ ڏئي اڏائي ڇڏيائين.

ڳوٺ جي بس شام ڌاري هلڻي هئي. ۽ ٻچل شام تائين، هتي-هتي، شاهي باغ ۾ ڌڪا ڌوما جهليندو رهيو. بس آئي ته ڇاڳري ٻير جيان ٽندري پئي هئي. اصل پير رکڻ جي به واهه نه هئي. خالي پيٽ سان بس جي لوڏن هٽي همراهه جا ترا ئي ڪڍي ڇڏيا. جهڙو صفا اڌمئو.

*

سڄ پوئين پساهن ۾ هيو ته ٻچل گهر پهتو. سندس زال صدوري چُلهه تي چانور ٺاهي رهي هئي ۽ پرسان سندس ٻارڙا ڪيڏي رهيا ها. سڄي ڏينهن جو ٿڪل ٽٽل ٻچل اڱر تي رکيل کٽ تي پاڻ ڇڏي ڏنو. سندس ساهه هيٺ مٿي ٿي رهيو هو.

”رن، موت اچني، پاڻي ڍُڪ ته ڏي، ساهه ٿو نڪري. ڏسين پئين. سمجهين نه ٿي؟“ ٻچل ٽپندي چيو.

”ٻه منٽ صبر ڪر، ديگڙي ۾ چانور وجهي لاٿان ٿي.“

”منهنجو هُتي اُڃ ۾ ساهه ٿو نڪري ۽ توکي وري چانورن جي لڳي آهي. اُتي پاڻي ڏي ته نه وڃهان ٿو پادر ۾ هٿ.“

ٻچل جي ڳالهه ٻڌي صدوري چپ چاپ چانورن کي اتي ئي ڇڏي مٽ کي پاڻي جو گلاس ڀري ڏنو.

”ڏينهون ڏينهن تنهنجا نخرا وڌي رهيا آهن. گهڻا ڏينهن ٿي ويا اٿئي جو هڏ سڌا نه ڪيا آهن تنهنجا، تڏهن ايڏا نخرا ٿي ڪرين.“

صدوري بنا ڪجهه چوڻ جي چُلهه جي طرف هلي ته ٻچل ڪاوڙ مان پنهنجي چپل کڻي سندس پويان اڇلايو جيڪا سندس پٺي ۾ لڳي. پوءِ به صدوري بنا ڪجهه چوڻ جي پنهنجي ڪم سان لڳي وئي، ڇو ته کيس خبر هئي جي ڪو جواب ڏينم ته اڃان به...

زال کي پادر هڻن ڪانپوءِ ٻچل کٽ تي رکيل وهاڻي کي ٺاهي سڌو ٿي سمهي پيو. کيس ائين لڳو ڄڻ هُن بس جي منشي کي لتر هنيو.

ٻچل، کٽ تي اڃا اهليو ئي مس ته سندس ٻئي ٻار ڪنهن ڳالهه تي پاڻ ۾ آپڙجي پيا. سندن گوڙ تي ٻچل سڌو ٿي ويهي رهيو.

”انسان جي اولاد ته آهيو ئي نه- نه ڏينهن جو آرام ٿا ڪرڻ ڏيو نه رات جو. ڪُتن وانگي سڄو ڏينهن پاڻ ۾ اٽڪيا پيا آهيو. منهنجو وس هلي نه ته ڪاتي کڻي ٻنهي مان جند آجي ڪرائي ڇڏيان.“

ٻارڙن پيءُ جي دڙڪي کي ڪنايو ئي ڪين. ۽ ٻئي هڪ ٻئي سان گانديا پيا هئا. پنهنجو ٻيو پادر کڻي ٻارن ڏانهن پڳو. ٻارن جو کيس ايندو ڏٺو ته هڪ ٻئي کي ڇڏي وٺي الڳ الڳ طرفن ڏي ڀڳا. وڏي ٻار کي ٻچل پادر اڇلائي هنيو ۽ ننڍي کي پڪڙي منهن ۾ ٻه ٽي ٺاهوڪيون ٺڦون وهائي ڪڍيائين. ننڍو روئڻ لڳو. وڏو ٻار جيڪو گهر جي دروازي کان ٻيٺو اڌ گهر جي اندر هو ته اڌ ٻاهر، ان کي ڏسي ٻچل اکيون ڦوٽاريون.

”گڏهه جا پٽ، تون اڄ اندر ته مان تنهنجا هڏ گڏُهڪ ٿو ڪيان. توهان سمجهو ڇا ٿا پاڻ کي؟“

وڏو پٽ معصوميت سان ٻچل کي ڏسندو رهيو.

ٻچل واپس وري اچي کٽ تي ليٽيو. کيس ائين محسوس ٿيڻ لڳو ته ڄڻ هن هوٽل جي بيري کان پنهنجي بي عزتي جو بدلو ورتو هجي.

ڪجهه وقت گذريو ته بک وري ٻچل کي ستائڻ شروع ڪيو. چُلهه ڏي نظر ڪيائين ته چانور دم تي هيا ۽ صدوري پٽاٽا کٽي رهي هئي.

”مان تہ تو ڏوڏي مان اچي ڦاٿو آهيان. پويان ڪو مالڪ بہ نہ اٿئي نہ، جنهن کي وڃي ڏئي اچان توکي. سيني کي جيئري ئي کائي وئين. ان بس جي حادثي ۾ تون نہ مئين نيا ڳي رن؟ تون مان جان ڇٽي پئي ها. اڙي ڇلور پڇي رهيا ها تہ پٽاٽا چلي ڇو نہ رکئي؟ جيستائين اُهي نهي تيار ٿين ها. پر خدا توکي عقل ڏنو هجي تہ استعمال بہ ڪرين نہ؟“

صدوري بچل جي پٽڪن کي ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري پنهنجي ڪم سان لڳي رهي. ڇليل پٽاٽن کي ديگڙي ۾ وجهي، باهہ ۾ بہ ٽي ڪاٺيون وڌيڪ وجهي ڇڏيائين تہ جيئن جلدي پٽاٽا نهي وڃن.

”اڙي منهنجو بک ۾ ساهہ ٿو وڃي تنهنجا اهي ڇلور ۽ پٽاٽا ڪڏهن نهندا. چانور جيئن نهيا آهن ڪٽي آ ۽ پنهنجي ڪنهن پٽ کي هي 10 روپيا ڏي تہ وڃي ٽڪڙو پڪوڙا وٺي اچي.“ بچل سٽڻ جي ابداٽي واري کيسي مان 10 روپيا ڪڍي صدوري ڏي اڇلايا.

صدوري اڇلايل پئسن تي ڌنو ئي نہ. ۽ در تي بيٺل پٽ کي اکين جي اشاري سان پيءُ لئہ پڪوڙا وٺي اچڻ جو چيائين. پٽنهس ڪنڌ سان انڪار ڪرڻ لڳو. ڪيس پوءَ هيو تہ اگر جي پيءُ جي ويجهو ويندو تہ پٽنهس ضرور ڪيس مار ڏيندو.

صدوري ڇُلهہ تان پٽ کي 10 روپيا ڪٽي ڏنا ۽ هوءَ ائين وٺي پڳو ڄڻ ڪا بلا سندس پويان پئي هجي.

صدوري چانور ڪٽي اچي بچل جي اڳيان رکيا تہ سندس پٽ بہ پڪوڙا وٺي اچي پنهنجي ساڳي جاءِ تي بيٺو. صدوري پٽ کان پڪوڙا وٺي بچل جي سامهون رکي، ڪم ۾ لڳي وئي.

بچل چانورن جا بہ ٽي گرهہ کاڌا تہ ڪيس چانور ڪچا پڪا لڳا. رڙ ڪري صدوري کي سڏ ڪيائين،

”اڙي، هي چانور نهيا اٿئي؟ سڄا ڪچا لڳاپيا آهن. هاڻي ئي پيٽ ۾ سور پئجي ويو آهي. تون منهنجو سُر ڪٽي پوءِ سڪ جو ساهہ ڪٽنديئن نياڳي.“

”توکي جو بک لڳي هئي تڏهن جلدي ۾ چانور ڪٽي آيم نہ، ڪجهہ انتظار ڪرين ها تہ چانور پچي وڃن ها.“

”اڙي مونکي بک لڳي هئي تہ تون مونکي ڪچا چانور کاراءِ. مان تہ تو رن مان اچي ڦاٿو آهيان. الائي ڪڏهن تون مان جان آجي ٿيندي؟“

”ٽڪڙ بہ پاڻ ڪريئن ۽ وري لفذ بہ ڪيين؟“ صدوري پنهنجو جملو اڃان پورو ئي نہ ڪيو تہ بچل اٿي ڪيس وارن کان ورتو.

”ڪني رن، مونسان زبان ٿي هلائين. تنهنجي تہ...اڄ ڏسان ڪير ٿو توکي مرڻ کان بچائي.“ بچل صدوري کي وارن کان وٺي گهلي ڪٽ تي اڇلائي، چلهہ طرف ڀڳو ۽ چلهہ ۾ ٻرڻ لاءِ رکيل ڪاٺين مان ڪاٺي ڪٽي اچي صدوري کي ڪٽڻ شروع ٿي ويو. صدوري پنهنجي نازڪ ۽ ڪمزور هٿن سان بچل کان پاڻ بچائڻ جي ڪندي رهي. در کان بيٺل پٽ ماءَ جي حالت ڏسي وٺي ٻاهر ڀڳو، ننيو پٽ اندر ڪمري ۾ ڀڃي وڃي لڪيو.

جيئڻ اُٺ پتڻ تي ڪٽبو آهي، صدوري ائين ڪٽجڻ لڳي. بچل وحشين جيان صدوري جي جسم تي لٺيون وسائڻ لڳو. وحشي پٽي جي بچل جي لٺ صدوري جي مٿي ۾ لڳي. ۽ هوءَ سڄي ڏينهن جي ڪمن جي ٿڪل ۽ ڪمزور عورت بيهوش ٿي وئي.

صدوري بيهوش ٿي تہ فرسٽريشن جي ماريل بچل، لٺ پاسي تي اڇلائي ڪٽ تي اچي ويٺو. ائين محسوس ڪيائين، ڄڻ هن سيٺ جبار جي بي قياسيءَ جو پلاند وٺي ڇڏيو هجي!! ■



# حسين جاگيراڻي جا غزل

ڪاري ڏرتي جي آسمانن مان
آءٌ گذران ٿو امتحانن مان
سارو سودو سڙي ويو آهي
دونهون نڪري پيو دڪانن مان
هي بغاوت پسند خاموشي
رت ٽِمي ٿي پئي زبانن مان
هاڻ ٿيون ڪو جهان ڏي ترتيب
هن پراڻن ٻنهي جهانن مان
وصل جو ئي چگو زمانو هو
عشق جي مختلف زمانن مان
ڪنهن بہ خاني ۾ ڪابہ شيءِ ناهي
زندگي جي هزار خانن مان
ايئن لڳي ٿو خدا بہ خوش آهي
چند مخصوص خاندانن مان
لامڪاني جي خبط ۾ وٺجي
خلق نڪري وئي مڪانن مان

❊

پندُ سارا ٽڪ لاهي جيڪڏهن
جستجو آرام چاهي جيڪڏهن
لحظي ۾ ٿاهي ڇڏي منهنجو جنون
ڪوئي گهر ڪنهن جو بہ ڍاهي جيڪڏهن
حالتن تي عقل جو آهي مدار
ڪابہ اهڙي ڳالهہ ناهي جيڪڏهن
لذتن جي پوءِ ڪهڙي اهميت
درد جو احساس آهي جيڪڏهن
مون کي ڪوئي ڪونہ هوندو اعتراض
هوءَ پنهنجا سڙهہ سنباهي جيڪڏهن
سچ جو ڇا پوءِ ڪو مطلب نہ هو
سچ چڙهي ها ڪين ڦاهي جيڪڏهن
ڪير آهي حال پنهنجي ۾ 'حسين'
ڪوبہ ناهي، ڪوبہ ناهي جيڪڏهن

❊

بي مطلب ڳالهين تي ڳالهايون ويٺا
۽ مطلب هڪٻئي کي سمجهايون ويٺا
هڪٻئي جي حالت کان ٻئي ٻاهر ويهي
هڪٻئي جي اندر ليئا پايون ويٺا
ڪو ايندو ۽ هٿ وٺي پهچائيندو
ڪوبہ نہ ايندو ليڪن واجهايون ويٺا
شروع کان هڪ سُلجهيل مَسئلي کي هوءَ ۽ مان
پُوري دانائي سان سلجهايون ويٺا
هن کي هن کي هوءَ مڃيندي آ اڪثر
هن کان هن کان هن کي چورايون ويٺا
پنهنجي ڳالهہ نٿي پهچي تو تائين، سو
تنهنجون ڳالهيون توکي پهچايون ويٺا.

❊

ماڻهن ڪکر وسايا اهڙا بہ ڏينهن آيا
سينا اسان پُسايا اهڙا بہ ڏينهن آيا
ڪپڙا بہ ڪيترائي ڇهرا بہ ڪيترائي
هڪ رات ۾ مٽايا اهڙا بہ ڏينهن آيا
لمحي جي لئہ نہ سوچيو، جيڏانهن ڏٺي سي ڪاهي
تيڏانهن قدم وڌايا، اهڙا بہ ڏينهن آيا
درياهہ جا ڪنارا ۽ آسمان ڌرتي
موهي اسان ملايا اهڙا بہ ڏينهن آيا
هڪ ڳالهہ کي مروڙي ڪيئي قصا گهڙياسين
۽ خلق ۾ اڏايا اهڙا بہ ڏينهن آيا
عاقل هئاسين ليڪن سرمست ٿي خرد کي
تالا ڪٽي لڳايا اهڙا بہ ڏينهن آيا
تنهنجي حضور ۾ پي آسائتا رهياسين
مايا او منهنجي مايا اهڙا بہ ڏينهن آيا.

❊

تون نہ ساڳي تنهنجو ساڳيو ئي حُسين
تون پلي ٻي تنهنجو ساڳيو ئي حُسين
زندگي ۾ ڪيڏا آيا انقلاب
انقلابي تنهنجو ساڳيو ئي حسين
جنهن ڪڏهن مطلب جي ناهي ڳالهہ ڪئي
بي مطلبي تنهنجو ساڳيو ئي حسين
نوجواني تنهنجي ڪٿ رهجي وئي
او ڪراڙي تنهنجو ساڳيو ئي حسين
تون ئي هيروئن رهينءَ جنهن جي عظيم
شاعري جي تنهنجو ساڳيو ئي حسين
ڪوبہ ماڻهو ناهي ڪنڌرا شهر ۾
جنهنجو ثاني تنهنجو ساڳيو ئي حسين
آ طبيعت جنهن جي ساڳي ئي اڃا
شاعراڻي تنهنجو ساڳيو ئي حسين
تنهنجو خادم تنهنجو ساڳيو ئي حسين
منهنجي راڻي تنهنجو ساڳيو ئي حسين
ڪٽڪ رنگو، بي سُرو ۽ ها گنوخ
'جاگيراڻي' تنهنجو ساڳيو ئي حسين. ■

حسين جاگيراڻي کي سالگره مبارڪ




آئون وڏيڪ ڪجهہ بہ چئي ڪونہ سگهيس. داد محمد ۽ غازي اندر گهر هليا ويا ۽ ٿوري گهڙيءَ ڪان پوءِ جيئندي کي ٻاهر ڇڪي آيا. ان وقت داد محمد مون کي چيو، ”پنهنجي گهر واريءَ کي چئو تہ ڇوڪري کي پاسي تي وٺي وڃي ۽ ماءُ کي بہ چئو تہ هوءَ بہ ڪيڏانهن پاسي ٿي بيهي.“

مون سندس چوڻ موجب ائين ڪيو. جيئندي جڏهن منهنجو ڳالهاءُ ٻڌو تہ رڙ ڪري چيائين، ”ادا، مون کي بچاءِ. هنن کي جهل تہ مون کي قتل نہ ڪن.“

ان وقت سندس منهن ڇرهي ويو هو. ۽ نهايت خوفناڪ ڏسجي رهي هئي. سندس آواز ۾ ڪتي جي وات ۾ آيل سهڙ وارا ڪيڪراٽ معلوم ٿي رهيا هئا.

مان ڪيس بچائڻ لاءِ اڳتي وڌيس. غازيءَ ۽ ٻين ماڻهن پنهنجي هٿن ۾ ڪهاڙين کي اُڀو ڪيو.

داد محمد رڙ ڪري چيو، ”سائين رکيا، چريو تہ ڪونہ ٿيو آهين؟ تون هن لعنتي ڇوريءَ جي عزت پير سائين جي عزت ڪان وڌيڪ ٿو سمجهين؟ شايد تو پنهنجي مريدي وساري ڇڏي آهي. اسان توکي تہ قتل ڪرڻ ڪونہ ٿا چاهيون. اسان پنج ڇهہ ڄڻا آهيون ۽ تون اڪيلو آهين. اسان کي ائين ڪرڻ ۾ ڪو ڏوهہ ڪونہ آهي. اهو تنهنجي مٿان فرض آهي تہ تون جيئرو رهي، پير سائين جي مقصد واسطي ڪم ڪندو رهين. پر هن کي پنهنجي ڏوهہ شريڪ ڇوڪري جيان قتل ٿيڻو آهي. تنهن ڪري تون بيوقوف نہ ٿيءُ ۽ هڪ سچي مريد جيان ماٺ رهہ. جنهن جي اسان کي توقع آهي.“

ان ڪان پوءِ هن ٻن فقيرن کي اشارو ڪيو. جيڪي منهنجي ۽ جيئندي جي وچ تي هلڻ لڳا. اسان ان جاءِ ڏانهن وڌي رهيا هئاوسن جتي قتل ٿيل ڇوڪر جو لاش پيو هو.

مان ڇا پئي ڪري سگهيس؟ مون کي ايتري سگهہ هئي جو هنن مان هڪ يا ٻہ تہ مان بہ ڊاهي سگهان پيو.پر ڇا ڪجي جو اهي حر هئا ۽ مون کي سندس چوڻ مطلق عمل ڪرڻو هو. جيڪڏهن ائين ڪريان بہ ها تہ ٻين ڪان جيئندي جي جان آجي ڪرائي ڪونہ سگهان ها. هن هڪ ٻہ ڀيرو وري بہ رڙيون ڪيون. پر هو ڪيس اڳتي گهيلندا هليا. جڏهن سندس نظر ڇوڪري جي لاش تي پئي تہ پوءِ هن هلڻ ۾ اڙي ڪانہ ڪئي. مان سندس اصلي ۽ فطري آواز ۾ هي لفظ ٻڌا، ”هي ڇوڪرو تہ ويچاروبي ڏوهو ۽ معصوم هو. مان بہ بي ڏوهي ۽ معصوم آهيان. جيڪڏهن مون کي پير سائين جي عزت خاطر قتل ٿو ڪيو وڃي تہ مان حاضر آهيان. آئون اوهان کي ڪا بہ تڪليف ڪانہ ڏينديس.“

ان وقت داد محمد هوريان چيو، ”ڏسو ڳالهہ صاف ظاهر آهي.“

”اسان کي ڪٽي ڪم اڪلائڻ ڪپي؟“ غازيءَ پڇيو.

تنهن تي داد محمد وراڻيو، ”هن لاش کي واهہ جي ڪناري ڪٽي هلو ۽ سارو ڪم اتي مڪمل ڪرڻو پوندو. پر سائين رکيا، بهتر آهي تہ تون پوئتي موٽي وڃ.“

اها ڳالهہ ٻڌي جيئنديءَ رڙ ڪري چيو، ”ڀاءُ ائين نہ ڪجانءِ. جيستائين مان زنده آهيان. هي وحشي ماڻهو منهنجي جسم کي هٿ لڳائي نہ ٿو سگهي. مري ويس تہ ڪنهن تي ميار ناهي. مان تنهنجي هٿن ۾ مرڻ چاهيان ٿي. مان ائين آرام سان مري سگهنديس. ڀاءُ اچ مان مرڻ لاءِ بلڪل تيار آهيان.“

مان سندس اها ڳالهہ ٻڌي ڄڻ وساري ويس. پوءِ فقيرن هڪ ٻئي ڏانهن ۽ مون ڏانهن ڏٺو ڄڻ تہ اهي بہ چوندا هجن تہ هن ڇوڪري کي قتل تون ڪر. ان وقت جيئنديءَ رڙ ڪري چيو، ”سائين رکيا، تو مون کي بي انتها پيار ڪيو آهي. مان توکي ڀاءُ ڀيڻ واري ان سچي پيار جو واسطو ٿي وجهان تہ خدارا تون مون کي پنهنجي هٿن سان قتل ڪر. ها، مون کي بابي جي صدقي ۽ پير سائين سردار جي صدقي تون پنهنجي هٿن سان قتل ڪر ۽ جهٽ ڪر.“ مون ڏانهس نهاريو. ان وقت هوءَ مون کي ڏاڍي سهڻي لڳي. ڄڻ بهشت جي حور. مان ڏڪي ويس ۽ ٿاڪرو ڪانءَ جيان ڪرڙ ڪرڙ ڪري چيم تہ مان هي قتل ڪري نہ ٿو سگهان.

تنهن تي جيئنديءَ گجگوڙ ڪري چيو، ”جيڪڏهن توکي مون کي قتل ڪرڻ جي همت ڪانہ آهي تہ منهنجي موت جي ڀچاڙيءَ واري لعنت تنهنجي مٿان وسندي رهندي.“

ان وقت غازي بہ ڏاڍا اتاولا ٿي ويا ۽ چوڻ لڳا، ”ڪيس قتل ڪر يا اسان ڪيس قتل ڪري ڇڏينداسون.“

مون جيئندي کي ڀٽڪندي چيو، ”گهٽ ۾ گهٽ تون منهن تہ ٻئي پاسي ڪر.“

پوءِ هن مون ڏانهن آخري ڀيرو نهاريو. سندس نظرون هر احساس ڪان خالي هيون. پوءِ هن پوتيءَ سان منهن ڍڪيو ۽ ڪنڌ جهڪائي چيو، ”هاڻي.“

پوءِ منهنجي ٻہ هٿڙي ڪهاڙي پوري سگهہ سان سندس ڪنڌ مٿان لٿي ۽ پوريءَ جاءِ تي لڳي. مان ٿيڙ کائي ان ٻيٺل جاءِ تان پري ٿي ويس ۽ ڪنڌ ورائي ڪونہ ڏٺم تہ ڇا ٿيو ڇا نہ ٿيو؟ ائين نڪتو هليو آيس.

*

جنهن وقت آئون مڪيءَ ۾ تڪڙو تڪڙو داخل ٿي رهيو هوس تہ ان وقت اونداهي ڇانئجي چڪي هئي.ٿڪا ۽ ٿيڙ ڪائيندي منهنجو مٿو ڪيترا ڀيرا وڃي وڻن سان لڳو هو ۽ ڪنڊن وارين ٽارين ۾ لڳڻ ڪري منهنجو سارو منهن ڳوڙهيون ڳوڙهيون ٿي پيو هو. پر جيڪڏهن ڏينهن هجي ها تہ بہ مان ائين ٿڙندو ٿاٻڙندو هلان ها. مان خطرناڪ ڏوهہ ۽ ظلم ڪرڻ ڪري آپي ۾ نہ هوس. ائين ڀانئجي رهيو هو ڄڻ مان رات جي اوٿاري ۾ گهمي ڦري رهيو آهيان. جيئنديءَ جو بي انتها خوبصورت منهن ۽ سندس خوفناڪ قتل، ان ڪانپوءِ ڏائڻ جهڙو خوفناڪ مهانڊو منهنجي آڏو نچي رهيو هو. مان بار بار دل ۾ چئي رهيو هوس تہ اي مرشد سائين، مان اهو سارو ڪيس ڦهر پنهنجي عزت ۽ احترام خاطر ڪيو آهي. پوءِ مون ڪهاڙيءَ ڏانهن ڏٺو تہ اها حقيقت آهي يا سپنو. منهنجي ڀيڻ جو رت سڪڻ شروع ٿي ويو هو. هن ڪهاڙيءَ کي بابو تہ تمام گهڻو چاهيندو هو. وفات وقت بہ سندس هٿن ۾ هيءَ ڪهاڙي جهليل هئي. سندس مئي ڪان پوءِ هن ڪهاڙيءَ جي ڳن مان هن جا

هٽ بہ مون ڇڏايا هئا. ان وقت مون کي پانواٽي اچي وئي ۽ الٽي اچڻ لڳي. پر اچي نہ سگهي هئي. خبر نہ هئي تہ ڪيڏانهن وڃي رهيو آهيان. بس انڌن جيان ائين اڳتي وڌي رهيو هوس. ان ڪان پوءِ پانيم تہ ڪنهن ڪپر تي چڙهي رهيو آهيان. منهنجي اڳيان ناري جو لڙيو پاڻي وهي رهيو هو، مون زور سان کهاڙي اڇلائي جيڪا وڃي وچ ناري ۾ ڪري. ان رات جو وڏو حصو ڊوماڻون ڪائيندي لنگهي ويو. صبح جو بک لڳي تہ پنهنجي غازي سائين ڏانهن هليو ويس. ڪين پيرائتي خبر اڳيئي پهچي چڪي هئي. هنن مون ڏانهن نماڻن نيڻن سان نهاريو ۽ مون سان ڳالهايو ٻولهايو ڪونہ. ٿوريءَ گهڙيءَ ڪانپوءِ نورو وساڻ مون وٽ آيو ۽ چيائين،

”سائين رکيا، توکي هيانءُ هارڻ نہ گهرجي. تو تہ هڪ سچي حر جيان ساري جماعت تان ڪارنهن جو لينگهو لاهي ڇڏيو. اها ڳالهہ ٿي وئي، چئي، تنهنجو فقير جماعت ۾ نالو مٿانهون آهي. اها ڳالهہ هاڻي وساري ڇڏ تہ اها لعنتڻ چوري ڪڏهن ڄائي بہ هئي. تنهن جي هٿن ڪان ڪي وڏا ڪم ٿيڻا آهن. اڄ ۽ رحيم هنگوري سان مل. توکي خبر آهي تہ ٿيون ڏينهن چونياري لاڙي واري ڪاروائي هن ڪئي آهي. ڪلهہ رات اسان وري ڪپري واهہ کي ڪنڌ هنيو هو. سانگهڙ ڪان اوپر رهندڙ ماڻهن کي جلد ئي پتو پئجي ويندو تہ انهن علائقن ۾ سرڪار پنهنجو اختيار وڃائي چڪي آهي. تون جڏهن اهو سارو احوال ٻڌندين تہ تنهنجو هيانءُ سڌير ٿي ويندو.“

منهنجا ڪن انهن ماڻهن جي ڪلڻ ۽ اجائي ڳالهائڻ ڏانهن ڪڙا ٿي ويا. سمجهہ ۾ ائين اچي رهيو هو تہ اهي اچل ڏئي مون تي ڪل ۽ ٺٺول ڪري رهيا هجن، چڻ تہ اهو ڪو ڪلهوڪي ڳنپير وايومنڊل جو پڙاڏو هجي. مون رحيم هنگوري کي بہ ٿي پيرا ڏٺو هو. جيڪو زميندار، پئسي ڏوڪڙ وارو ۽ پريو پاڳيو هو. مکيءَ جي اوپر سندس مال چرندو رهندو هو. پر هن بہ ٻين سچن مريدن جيان پنهنجي مڏيءَ ملڪيت کي ٽوڪُنا چئي اچي مکي وسائي هئي. ان سان گڏ فقيرن جي هڪ ٽولي بہ ٺاهي ورتي هئائين. جنهن ۾ گهڻو ڪري سڀ ماڻهو سندس ذات وارا هئا.

قد جو بندرو هو. چوڪرين ڪان فوٽ سوا ڏگهو




هو . منهن ننڍڙو گول، اکيون تيز ۽ منهن تي سدائين مرڪ رهندي رهيس. هي پڙهيل بہ گهڻو هو. عام ڳالهہ مشهور اها هئي تہ هيءُ پنهنجي ماءُ کي سندس هنگوري مڙس مان نہ هو. پر سندس پيءُ سانگهڙ جو ڪراڙو مکي هو. هو هندو ضرور هو. پر پير سائين جو مکيہ ماڻهو هو جيڪو حر عورتن سان عشق بہ ڪندو هو. حر جماعت ۾ سندس ڏاڍو مان مرتبو هو. ڪيس سمجهيو بہ حر ويندو هو، پر اندر ۾ حر نہ هو. سندس پٽن کي بہ حر سمجهيو ويندو هو، جيڪي فقيرن کي اهم معلومات سان گڏ ڪارتوس بہ ڏيندا هئا.

رحيم هنگوري سان منهنجي واقفيت نوري وساڻ ڪرائي ۽ ڪيس چيائين تہ پنهنجي ڪاروائيءَ جي ڳالهہ سائين رکئي کي ٻڌاءِ، پر اها ڪاروائي نوري جي اڳواڻيءَ ۾ ٿي هئي.

ان ڪانپوءِ هن ڳالهہ ڪرڻ شروع ڪئي، ”واهہ جي ريگيوليٽر پرسان ٺهيل ڪوارٽرن مان هڪ ۾ ماڻهو سمهيو پيو هو. جيڪو واهہ جي ريگيوليٽر جي سنڀال ڪندو هو. اسان در تي ٺڪ ٺڪ ڪري ڪيس وڃي ننڊ مان جاڳايو ۽ چيو تہ اسان پير سائينءَ جي سرڪار جا ماڻهو آهيون ۽ اسان کي ريگيوليٽر جي ڦاٽڪن کي هيٺ لاهي ڇڏڻ جو حڪم ڪيو ويو آهي. اسان جي ڳالهہ ٻڌي هو ٽبيءَ ۾ پئجي ويو. تنهن ڪري اسان چاٻيون ڪنيو ۽ پاڻ وڃي ريگيوليٽر جا ڦاٽڪ هيٺ لاٿاسون. جيڪي نئين نموني جا هئا ۽ هيٺ ڪرڻ ۾ ڪا ڏکيائي محسوس نہ ٿي. نہ تہ پراڻي قسم جا ڦاٽڪ هيٺ لاهڻ ۽ مٿي چاڙهڻ ۾ ڏاڍا ڏکيا هوندا هئا. واقعي مان سچ ٿو چوان نہ نورا؟ پوءِ اسان واهہ جي ڪپ کي ٿورو وڍ ڏنو ۽ پاڻيءَ جو لنگهہ ٺاهيو. ڦاٽڪن جي هيٺ لهڻ ڪري پاڻيءَ جي سطح ۾ چاڙهہ ايندو ويو تہ پاڻي ان هلڪي ڪنڌ منجهان زور سان وهڻ لڳو. سرڪار جا تيار ڪيل بئريج وارا هاڻوڪا واهہ ٺاهيل اهڙا آهن جو زمين جي مٿاڇري ڪان گهڻو مٿي وهندا آهن ۽ اسان جي مقصد جي عين مطابق آهن. اسان هاڻي سمجهي چڪا آهيون تہ اهڙن واهن کي ڪنڌ هڻڻ ڄڻ اڪ مان اکي لاهڻ آهي اسان اهڙا ڪنڌ ساري ملڪ ۾ هڻي سگهون ٿا.

اهو ڪم اڪيون ٻوٽي انڌن جيان ڪرڻو نہ آهي ۽ نہ وري اٻهرائيءَ ڪان ڪم وٺبو. اسان کي اهو ضرور ڏسڻو پوندو تہ پرپاسي واريون ٻنيون دوستن جون آهن يا دشمن ڌر جون. اهڙي ساري رٿابندي محبت فقير کي ڪرڻي آهي.

تون پنهنجي خيال ۾ صحيح آهي. پر جڏهن مان ريگيوليٽر جي ڦاٽڪن ڏانهن ڏسي رهيو هوس تہ مون کي هڪ ڳالهہ ڌيان ۾ آئي. مون ريگيوليٽر واري ماڻهوءَ کي چيو، ”مان پنهنجي سوچ ويچار ۾ صحيح آهيان نہ؟ ريگيوليٽر جا مٿي ڪنيل ڦاٽڪ فقط هڪ تارن جي ورت جي آڌار تي بيٺل هوندا آهن. جڏهن مون ان ورت کي ڌڪ هنيو تہ يڪتاري جي تار جيان وڄڻ لڳي. تمام گهڻي ڇڪيل هئي. ان کي جيڪڏهن ڪاٽ ڪپڻ واري اوزار سان زورائتا ڌڪ هڻبا تہ ڦاٽڪ ڇڄي وڃي هيٺ ڪرندا. جيڪڏهن اسان وٽ ڦاٽڪن کي هيٺ مٿي ڪرڻ وارا هٿيار، اوزار نہ هوندا تہ بہ پنهنجو ڪم ائين بہ ڪري سگهجي ٿو.

جڏهن اسان ڏٺو تہ پاڻي پاڻ ئي اسان جو ڪم ڪري رهيو آهي تہ مون نوري کي صلاح ڏني تہ ڇو نہ ڪا خوشي ملهايون. تنهن تي چرئي ميرڻ ڇا ڪيو جو ريگيوليٽر جي نگران کي عورت جا ڪپڙا پارائي ڪيس چيائين تہ حيدرآبادي ڪدڙن جيان جهمر هڻي. ان ڪان پوءِ هو نچڻ لڳو ۽ اسان تاڙيون وڄائڻ شروع ڪيون. ناري پار وارو هڪ پٽ چوڪرو بہ اتي موجود هو. اهو تمام گهڻو ٽلهو هو. مون اهڙو مزو ساريءَ زندگيءَ ۾ نہ ڏٺو هو.

ميرڻ مري منهنجو پراڻو يار، مون جيان اهنڊ هو. اسان ٻئي ڍُنا چور هئاسون. ڍڳي چويءَ ۾ بہ نالي چڙهيل ۽ جهٽ هئاسون. هو ڪلندو اچي منهنجي پرسان ويهي رهيو. مون ڪانئس پڇيو تہ هن اوهان سيني کي سڃاڻي ورتو هوندو. تنهن تي ميرڻ چيو تہ جيڪڏهن سڃاتو هوندائين بہ تہ ڇا ٿيندو. هن هيٺا ڪم ڪندڙ مزدور ۽ ٻيڙائت سڀ حر آهن. انهيءَ جوءِ ۾ ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ کي اهڙي نوڪري نہ ملندي آهي. سو انهن ماڻهن جي هوندي اسان مٿان چغلي هڻي نہ سگهندو. پر اسان ڪيس جيئرو ڇڏيو هو. اهو ڪو مٿس گهٽ ٿورو نہ هو. هونءَ بہ هو واڻيو آهي سهي جي ڪل.

الائي ڇو هيءَ تڇ ڳالهہ منهنجي ڪک ۾ ڪنڊي جيان هري رهي هئي. ميرڻ جي هلت چلت ۽ رحيم جي ٻي گوندرائيءَ ڪري، مون کي ڄڻ هيانءَ ۾ ولهوڻا پوڻ لڳا . جيترو وقت بہ مان اڪيلو ويٺو رهيس تہ مون کي چنتا وڪوڙي وئي هئي تہ هنن ائين ڪري چڱو ڪونہ ڪيو هو. پر مان پنهنجي پر ۾ خوش هوس تہ مون پنهنجو فرض نڀاهي سچي حر هجڻ جو ثبوت پيش ڪري ڇڏيو هو. پر پوءِ بہ منهنجو اندر ڪاڏل هو ۽ ڪي شڪ شبها منهنجي هيانءَ کي ڄڻ پٽي رهيا هئا.

جڏهن مان سيني ڳالهين تي ويچارڻ لڳس تہ مون کي محسوس ٿيڻ لڳو تہ جيئندي ڪنهن سازش جو شڪار ٿي وئي هئي. پهرين ڳالهہ تہ ڪهڙن ماڻهن مٿس ڪارنهن جو ٺڪر ڀڳو هو؟ داد محمد انهن ٻن نظاماڻين مان هڪ هو جنهن لاءِ سندس پيءُ جيئنديءَ جو سڱ گهريو هو. داد محمد اسان جي گهر ايندو ويندو ۽ جيئنديءَ کي ڏسندو رهندو هو ۽ ساڻس شادي ڪرڻ جو ڏاڍو خواهشمند هو. جيئنديءَ جي جيڪڏهن ڪنهن ٻئي حر سان شادي ٿي بہ وڃي ها. تہ بہ هو ڪيس پنهنجي محبوبہ طور ضرور رکي ها. پر جڏهن هوءَ پير سائين جي انڻي ٿي وئي تہ هن جي پهچ ڪان پري ٿي وئي هئي. مون کي پڪو ويساهہ آهي تہ داد محمد اهڙين ڳالهين ڪري گهائجي پيو هو. تنهن ڪري هن پنهنجي نيڻهن جي ناسور کي هميشہ لاءِ ختم ڪري ڇڏڻ جي ڪوشش ڪئي، تہ نہ هو جيئنديءَ کي ڏسندو، نہ وري هن جي محبت جا سٽل سور جاڳندا. هن سازش ۾ پير سائين جي بنگلي تي رهندڙ ڊگهي غازيءَ پنهنجو اهو ڪردار ڇو ادا ڪيو؟ پير سائين سردار جڏهن پويون پيرو گڙنگ واري بنگلي تي آيو هو تہ هي ڊگهو غازي منهنجي ڦڙتيءَ ۽ چالاڪيءَ ڪري ڏاڍو شرمندو ٿيو هو. ان وقت جنهن نفرت وچان، هو مون ڏانهن گهوري رهيو هو سا مون کي چڱيءَ ريت ياد آهي. محبت ۽ ٻين اهم فقيرن مون کي مبارڪون بہ ڏنيون هيون، تنهن ڪري هو اجا بہ وڌيڪ ڪامي پڄري ويو هو. پنهنجي فرض ڪان لاپرواهہ هجڻ ڪري، پير صاحب ڪيس شايد سزا بہ ڏني هئي . هن مون ڪان اهو پلاند جيئنديءَ جي ڪارنهن ۽ قتل وسيلي ورتو.

(هلندڙ)

جي سوچ بہ ساڳي هئي- ۽ قبيلي جي ٻين 'جزن' جيان بلوچيت موجب هو خدا کي، اصطلاحاً، ڀاءُ ڪري ليکيندو هو.

مهاتما ٻڌ لاءِ چيو وڃي ٿو تہ هن پنهنجي لگن ۽ جستجو ذريعي 'قديم چمڪيلو دڳ ڳولهي لڌو- ۽ ان تي آخر تائين پنڌ ڪندو رهيو هو.' هن پنهنجي آخري ويا ڪياڻ ۾ پڪشوئن کي تلقين ڪندي چيو هو، 'پنڌ ڪندا رهو، پنڌ ڪندا رهو.'

خانہ بدوشانہ فڪر مطابق مور تي پوڄا، فن سان لڳاءُ 'شهري جيوت' جا ٻچيل گناهہ آهن. جيڪي انسان کي فطرت کان ڏور ڪريو ڇڏين ٿا. انهن جو بنياد تهذيب جي چمڪ ۽ تجلي تي ڪڙو ڪيل آهي. اگر 'پراڻي عهدنامي' جو پيغمبر اسان کي مورتي پوڄا ڪندو ڏسي ها تہ ڪڙڪندي چوي ها، 'انهن اڳيان سيس نہ نوايو. اهڙي ليائيندڙ وستوئن کان پري ڀڄو.' قديم اسرائيل جا نبي ڪاري رنگ وارن سادن خيمن ۾ زندگي بسر ڪندا هئا، سندن دولت 'سون چاندي يا فن جا شاهڪار' ڪونہ هئي بلڪہ رڍن جا ڌڻ هوندي هئي جيڪي موسمي سفر دوران سندن چراگاهن تي چرندا رهندا هئا. اهوئي ڪارڻ هو جو هنن پنهنجي مخصوص اخلاق جي تقاضا تحت 'بال' (Baal) جا مندر ڍاهيا. ڇو جو سندن متو هو تہ 'مورت' انسان کي خدا کان پري ڪريو ڇڏي ٿي. ۽ اهو ڪڏو عمل ٽانئينڪي زندگي جي ڪک مان اپريو هو.

'سوني وڇڙي' (Golden Calf) کي 'پوڄڻ' انهن ڪمزور ذهنن ۾ اپريو هو جيڪي مصر جي شان شوڪت کي ياد ڪندا هئا. ان ڪارڻ پيغمبرن عسائيهاءِ جرميها 'قديم ماضي ڏانهن موٽ' ۽ بت شڪني جي بار بار تلقين ڪندا نظر اچن ٿا. دنيا جي هر تهذيب 'فني شاهڪار، دولت، مادي آسائش،' جي چمڪيلي لباس ۾ نظر ايندي رهي ٿي. ۽ قديم غير تهذيبي عهد ان کي سخت رد ڏيندو ڏيکارجي ٿو.

انهن ٻنهي ڏيکن ۾ خير ۽ شر جيان نہ ختم ٿيندڙ ازلي جنگ جاري آهي.

ٿر جي سرزمين تي 'انساني ٻوٽو' ٻي ڪنهن بہ ڌرتي جي پيٽ ۾ وڌيڪ شڪتي، شادابي- ۽ جهجهائي سان اُسري ڦهلجندو پکڙجندو ۽ مالٿس جي جاميٽري واري نظر ئي آبادي' کي سچو ثابت ڪندو رهي ٿو. سڄي سنڌ جا هندو هڪ طرف ۽ ٿر پوءِ بہ وزن، تعداد ۽ ڳياڙي ۾ ان مٿان غالب ۽ ڀاري آهي. ٿر جي ڌرتي کي، ويهن سالن تائين ڪيسو نووا، فرئنڪ هيرس، شيخ اياز، وڪٽر هيوگو، راسپوتين ۽ مهاراجا ڀوپيندر سنگهہ پٽيالوي جي حوالي ڪري ڇڏ. ۽ نتيجي ۾ موجوده پاڪستان اندر پنجاب جي جاءِ تي 'ٿر' وڏو ڀاءُ (Big Brother) بڻجي پوندو.

ٿر اندر، نرواڻ جا چوٽڪاري جي راهہ انسان ذات جي خدمت ۽ ڀلائي واري متي ۾ مجتا واري اصول تي قائم ڪونهي. پر، ڌرمي رسمن رواجن جي سختي سان پيروي ڪرڻ ۾ پوشيده آهي. ٿري تجربي ۽ ڌرمي وشواس جي آڌار تي ڄاڻي ٿو تہ دنيوي خوشي صرف پنهنجي 'جنسي جذبات' جي آسودگيءَ ۽ نتيجي ۾ ڪثرت اولاد ذريعي هاصل ڪري سگهجي ٿي. ۽ 'آسماني آنند' جو انعام مذهبي رواجن، ڪرم جي پابندي وسيلي پلئہ پوندو.

اهوئي ڪارڻ آهي جو ٿر جو اڪثر وچولو طبقو، هيٺيون وچولو طبقو- ۽ خاص 'هيٺيون طبقو' مدرسائي ملن جيئن، 'ڌرم جو ٺيڪيدار' نظر ايندو رهي ٿو- ۽ ان ڪلاس جو هڪ حصو 'شهري جيوت' اندر وڏن ماڻهن جو 'دم ڇلو' يا هنن جي گهرن ۾ نوڪرن، نوڪرياڻين جي ويس ۾ داخل ٿي ان اوچي ڏنڌوڙي يا ڪاموري طبقي جي 'جسماني ضمير' سان ڇيڙخاني ڪندي ان کي پنهنجي حق ۾ لاڙيندو ڏيکاري ڏئي ٿو.

سندن جيوت ۾ اهو 'ناڪاري ڦيرو' ان وقت کان شروع ٿيو هو، ۽ جاري آهي. جڏهن هنن 'خانہ بدوشانہ جيوت' جي 'مهذب شهري زندگي' سان غير مقدس 'سنگم' (Cross Breed) جي ابتدا ڪئي هئي. ان سنگم سندن فطري معصوميت، ابوجهائپ، انسانيت ۽ آدرش کي هميشہ لاءِ ڀڃي ڀورا ڀورا ڪري ڇڏيو.

هتي هڪ پراڻي ياد تري آئي آهي. سنہ 1980ع جي شروعات ۾ سکر، حيدرآباد ۽ بلوچستان جو انڪم ٽيڪس ڪمشنر (ايم ايس لعل) منهنجو هڪ بي تڪلف قسم جو دوست هو. مان ڪوئٽا مان سکر آيل هيس. هڪ ڏينهن صبح جو فون ڪري منجهند جي ماني ڪائڻ جي نيند ڏنائين ۽ ڀچڻ تي ٻڌايائين تہ ڪوئٽا جو انڪم ٽيڪس آفيسر، پي داس مهيشوري، جيڪو اصل ۾ مٺي جو رهاڪو 'ٿري' هو سو آيل هو. هو هميشہ ڪوئٽا جي دوري دوران سندس بيحد خدمت ڪندو هو. ۽ ذڪر ڪيل 'مانجهاندو' سندس اعزاز ۾ جهليو ويو هو.

ماني شروع ٿيڻ کان ڪجهہ وقت اڳ مان وٽس پهچي ويس. ۽ ڊرائنگ روم ۾ مختلف مسئلن تي اسان جي گفتگو جاري هئي. ڪن پلڪ ڪانپوءِ 'ٿري' همراهہ پنهنجي ٻارن سميت اندر داخل ٿيندو نظر آيو.

اسان جي حيرت جي حد نہ رهي جو هن جي پٺيان سندس ٻارن جي قطار ريل گاڏي جي گاڏن جيان اڻ ڪٽ انداز م داخل ٿيندي رهي. اٺ يا ڏهہ ٻار ڳڻڻ بعد اسان ڳڻپ بند ڪئي سون. هن مون کان سرگوشي ۾ پڇيو هو، 'شيام، ڇا هيءَ همراهہ ڪوئٽا اندر ان ڪانسواءِ ڪوئي ٻيو ڪم ڪين ڪندو آهي؟'

هينئر اهو 'ٿري' همراهہ عمر جي ستين ڏهاڪي ۾ داخل ٿيڻ جا سانپاها پيو ڪري. پر، بدقسمتي سان پاڻ ۽ سندس گهر واري سنڌن جي سور واري موذي مرض ۾ ايڏو تہ ونجي ويا آهن جو خاص ڪري سندن ٽنگون وراڪا ڪائي هاڪيءَ جيان ڏڪَ ڏينديون رهن ٿيون. ۽ چال 'نظرياتي' بڻجي. بي توازن ٿي ويئي اٿن. يعني هلڻ وقت ڪميونسٽن ۽ مولوين جيان ڪڏهن 'ڪاٻي' ۽ ڪڏهن 'ساڄي' پاسي لڏڪٽي وانگر جهڪندا رهندا آهن. ان کان علاوه ٻيا سنڌ بہ وراڪن ۾ وڪوڙجندا نظر ايندا اٿن. ٻڌڻ ۾ آيو آهي تہ تازو ڳوڏن جون ڍڪڻيون بدلارائي آيا آهن.

پر، اچرج جي ڳالهہ اها آهي تہ هيءُ همراهہ هاڻي بہ- هن سنگين دردشا ۾- هميشہ ڀڳوان (ڊاڪٽر) پروشتم جو در جهليو بيٺو رهي ٿو ۽ ڪانئس 'شڪتي يوڳ ڪئپسول' عرف 'معجون سليماني' وٺي- بقول ڀڳوان پرشوتم- 'للي پوتين' جهڙا 'پتڪڙا' ٽپا ڏيندو رهي ٿو. ۽ سمجهي ٿو تہ جڏهن 'پراڻي عهدنامي' جي ڪنهن پيغبر پنج سو ورهين جي عمر ۾ اولاد پيدا ڪئي هئي تہ هو بہ اهو ڪارنامو ورجائڻ جو اهل ٿي سگهي ٿو.

ڀڳوان جو رازداڻي انداز ۾ چوڻ آهي تہ جيڪڏهن هو ان عمل کان جلد باز نہ آيو تہ قوي تر امڪان آهي تہ ترت ڄاهي جيان وڪوڙجي سڪوڙجي ڪينهون بڻجي سڄاڻپ کان بہ ڏور هليو ويندو.

مون کي هن مهيشوري همراهہ ۽ پنهنجي، اڳ ئي ڄاڻايل لوهاڻن 'للي پوتين رشتيدارن' (جن تي هن وقت الائجي ڪيئن 'موٽواڻي' مارڪو لڳي چڪو آهي؟ ۽ فخر سان پنهنجي 'خانہ بدوشانہ' اجري ۽ شفاف 'لوهاڻي' جيوت وساري، مٿي ڄاڻايل جڙتو، مصنوعي ۽ گاسليٽي 'موٽواڻي' مارڪي ۾، جيڪو 'شهري زندگي' جي عياري پاکنڊ دغا ۽ ڪوڙ جي علامت آهي. گد گد ٿيندي ڪا ضميري ڇُهنڊي محسوس نٿا ڪن.) تي حيرت لڳندي آهي تہ ڌرم جو پرچار، گيتا جو پاٺ ۽ ان جي سکيا ۽ پرچار- خاص طور هيءُ ٽولو- 'نيم' انوسار ڪندو رهي ٿو. پر، رشوت ڪائڻ، ڏنڌي وهنوار ۽ سنبنڌن ۾ بي ايماني ويساهہ گهاتي ڪرڻ، دوکي ۽ ڪوڙ ڳالهائڻ ۾ بہ 'نيم' کي ڪين تياڳيو اٿن. اهو آهي موجوده typical ٿري ڪلچر ۽ ڪردار- ڌرم ۽ ڪرم جي نڀاهہ جو پراسرار 'سنگم'

هتي مون کي منهنجو جهونو ساٿي، ڪامريڊ شفيع ڪرد- هينئر ڊائريڪٽر ٽيليفونس ڪوئٽا- يادن مان نڪري ڄڻ سامهون بيٺو اٿم. هيءُ يار تحريڪ جي اوج وارن ڏينهن ۾ نهايت مخلص، ايماندار ۽ 'ايماني قوت کان عاري' ڪارڪن هو. ان بعد جڏهن سرڪاري نوڪري ۾ گهڙيو تہ جلدي ترقي ڪري مٿانهين ڏاڪي تي وڃي پيڙو ٿيو. ڪنهن مشترڪہ دوست رازداراڻي لهجي ۾ ٻڌايو هئم، 'هوءَ ڏُم تي رشوت وٺندو رهي ٿو.' اهو ٻڌي افسوس ٿيم ۽ ڪيس ملڻ لاءِ نياپو بہ موڪليم. جڏهن ملڻ آيو تہ ڪيس پنهنجي ڏُکائتي هجڻ کان آگاهہ ڪيم.

منهنجي ڳالهہ ڏيان سان ٻڌي نهايت پيار ۽ ڪليءَ دل سان وراڻيو هئائين، 'ڪامريڊ، دين يعني غير مادي دنيا کان تہ اڳي ئي توهان نرو هيو ۽ هميشہ لاءِ ڏور ڪري ڇڏيو آهي. پر، هاڻي هن مادي دنيا جون ڪجهہ تہ موجون ماڻڻ ڏيو.'

ڪيڏي نہ سچائي، بي باڪي ۽ خلوص هو سندس انداز ۾. پر 'ٿري' بحيثيت مجموعي، ڪيڏي نہ نرلڄائي، پاکنڊيپڻي، بي ايماني سان 'ٻنهي جهانن' تي ڏاڪو ڄمائيندا ڦرندا رهن ٿا (ضمير جي ڇُهنڊي ۽ ملامت کانسواءِ)

پي داس آف مٺي کي ياد ڪندي هومر ذهني اسڪرين تي اپري آيو اٿم.

منهنجي خيال ۾ ماڻهو جي بر شرمي، سڀ کان اول، سندس اکين مان پڌري ٿيندي آهي. اسان وارو مهيشوري همراهہ يا لوهاڻا عرف موٽواڻي رشتيدار، جيتوٽيڪ ڪٽر وئشنو (سبزي خور) آهن. پر، مهيشوري پي داس جي ڄاڻ اٿم تہ شراب پيئڻ بعد سندس چهرو ۽ لهجو دئيت جيان ڀاسندو آهي. ۽ ان نڪتي تي سوچيندي ئي هومر جي اليڊ (Illiad) جو مشهور تاريخي يوناني قول ياد پيم جيڪو مٿئين حوالي سان دلچسپي کان خالي ڪونهي.

"You drunken sot with eyes of dog."

"ڪتي جهڙين اکين وارا- او، بدمست شرابي."

*

ڪارل مارڪس تاريخي ڪيڏبازي تي تبصرو ڪندي لکيو هو، "تاريخ پهريون ڀيرو 'المئي' جي روپ ۾ پاڻ کي ورجائيندي آهي. ۽ ٻيو ڀيرو 'ٺٺولي ۽ دولاب' جي سروپ ۾ دهرائيندي آهي.' ۽ ٽيون ڀيرو جيڪڏهن اڄوڪي دور ۾ جيئرو هجي ها ۽ وڏيڪ اظهارڻ جو وقت مليس ها ته ڄاڻائي ها- 'پاڪستان' ۽ 'وجهه لچمي' جي شڪل اختيار ڪري ها.'

'چچ نامي' سان واسطيدار تاريخ ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته لوهاڻن ۽ جاٽن جي بدنيتي ۽ بدسيرتي سبب سنڌ جي راجا چچ (662-662ع) جو مٿانئن اعتبار ئي کڄي ويو هو. انڪري سندن مٿان سخت پابنديون وجهڻيون پيون هئس. جيڪي هن ريت آهي:

- هو ڪڏهن به سخت لوڙهه ڪانسواءِ هٿيار پنهوار ڪونه ڪڻندا.
- پنهنجو اندريون ٻاهريون بدن کُهرن ۽ اوني وسترن سان ڍڪيندا.
- اطلسي ۽ ريشمي ڪپڙن جي ويجهو به نه ويندا.
- مٿي تي صرف ڳاڙهي ۽ ڪاري رنگ جا سادا سوٽي پٽڪا ٻڌندا.
- گهوڙي سواري سنجن کان بغير ڪندا.
- مٿو ۽ پير اڪثر اگهاڙا رکندا.
- گهر يا شهر کان ٻاهر وڃڻ مهل پاڻ سان ڪتو ساڻ ڪڻندا.
- جيئن سندس اصلوڪي سڃاڻپ سولائي سان ٿي سگهي.
- وقت جي حاڪم لاءِ ٻارڻ جون ڪاٺيون گڏ ڪندا رهندا.
- حاڪم لاءِ جاسوسي ۽ سونهپ فرمانبرداري ۾ گذاريندا.
- ڪنهن ٻاهرين دشمن جي ڪاهه مهل حاڪم سان مڪمل سهڪار ڪري ساڻس گڏ هلندا رهندا.

ياد رهي ته ساڳي صدي يعني ستين صدي عيسوي ۾ سنڌ ۽ پنجاب هڪ ئي حڪومتي مالها ۾ پوتل هئا، جنهن ۾ بلوچستان جو اولهندو حصو ارابيل (موجوده لسٻيلو) ۽ ڪشمير جو ڪجهه حصو به ان جي اثر هيٺ هئا.

ان ڪانسواءِ راجا چچ هڪ لوهاڻي حاڪم کي شڪست ڏئي هن جي وڏوا زال سان شادي جي ٻنڌڻ ۾ به جڪڙيو ويو هو. ۽ شايد ان شاديءَ ڪارڻ سندس 'براهمڻ' گهرائي ۾ ڏار پئجي ويو هو. (۽ شايد ٿر جي اهڙي ئي لوهاڻي سان مِٽي ڳنڍڻ سبب اسان جي گهراڻي ۾ به ڏارَ پئجي ويا آهن) ۽ جنهن جو انت محمد بن قاسم هٿان راجا ڏاهر جي هار سبب سنڌ جي سندور کي ڏهاڳ جو روپ ڏئي ويو.

هن لوهاڻي مائي جي ٽن وڏن مائٽن تي نظر پوندي اٿم ته ائين پاسندو آهي ڄڻ شيهه زُور (Shih Tzu)، بوشُو (Beshu) ۽ چيهُو هاهُوئا (Chihuahua) نسل جي اهڙن ڪتڙن کي پسي رهيو هجان جن کي چچڙ وچڙي ويا هجن.

پر، پؤ اٿم ته ايندڙ وقت ۾ ليبريڊور، السيشن ۽ باڪسر جو روپ اختيار ڪري وڃندا جيڪو اسان ۽ سنڌ سماج سان وڏو انياءُ ٿيندو ڇو جو 'ان نسل' ۾ اڳتي هلي، يقيني طور سر آرٿر ڪانن ڊائل جي 'هائونڊ آف دي باسڪر ويلس' جا سيئي انسان ڪش اوَگڻ ڇٽائي سان پڌرا ٿيندا رهندا.

اڄوڪي يگ ۾ سائنس، ٽيڪنالاجي جي ميدانن عقل چرخ ڪندڙ گيان، ڄاڻ جي اڪٿ ڦهلاءُ انساني شعور کي ڄڻ، ظاهري طور، پٽڪڙو ٻڻائي ڇڏيو آهي. ۽ اسين ٽڪرن ۾ ڦهليل سچاين کي مڪمل (absolute) سچائي' ميڃڻ لڳا آهيون. سوچ جو اهو رخ انسان جي اخلاقي روحاني، ۽ ڪائنات جي اڪٿ ڏڄا اندر حيثيت ۽ اهميت کي ناڪاريندي هڪ عظيم المئي ڏانهن وڌندو ڏيکاري ڏئي ٿو. ان تلخ حقيقت مان پڌري پٽ ظاهر ٿئي ٿو ته انسان 'عدم' کي ميسارڻ بجاءِ پاڻ ان جو ٻڪ ٿيندو نظر پيو اچي. حيات جي ان لايانيت ۽ بيهودگي ڪارڻ انسان کي پنهنجي 'بي بنياد' - 'بڻياد' ڏانهن موٽ ڪائيندو پسي سگهجي ٿو.

انسان جي لاڳيتي پوڳڻا- اخلاقي روحاني ۽ جسماني ڏسائن ۾- سندس وشواس ۽ عقيدي جي بنياد تي کوکلو ٻڻائي ڪمزور ڪري ڇڏيو آهي.

هن اونداهي يگ ۾ زندگي جيئڻ ائين پيو پاسيم ڄڻ جاڳرت حالت ۾ نوڙين سان ائين ٻڌل آهيان جيئن گُليوَر للي پٽَ ۾ رسين سان جڪڙيو ويو هو.

انَ ڪٿ پيڙا جو ڪارڻ ان ڪؤڙي حقيقت ۾ پوشيده آهي جو پنهنجي ذاتي آدرشي ضابطي ۾ پختو رهندي سدائين بدلجندڙ انساني اُتم قدرن جي ڦهلاءُ جو ڪانڪي رهندو پئي آيو آهيان. ۽ ان ڪانسواءِ سياسي جوڙجڪ ۾ به اُتم يوٽو پيائي آدرش کي لاڳو ڪرڻ جي جتن ڪان ڪڏهن ۽ ڪنهن حالت ۾ منهن ڪين موڙيو اٿم. ۽ نتيجي طور پوڳڻائون ۽ وجود هم معنيٰ ٻڻجي ويا آهن.

ذهني يا مادي پسماندگي ۽ سڪٽائپ ماٺهوءَ ۾ وجودي فلسفي موجب اخلاقي نيچپٽو، پاکنڊ ۽ ڪمينگي جو باعث ٻڻبي آهي.

اهو ويچاريندي هتڙي آمريڪا جي رياست اريزونا جو ڏاکڻو حصو سندس ٿر جي وسيع علائقي ۾ ماني ساگر (Pacific Ocean) جيان ڦهليل آهي. ۽ ڏاڍو ياد پيو اچيم. ان جي سيني تي قسمين قسمين ٿوهر جا وڻ ۽ ٻوٽا ڪنهن نازنين جي حسين دلڪش جسماني ونگن ۽ رنگن جيان من ۾ ڪتڪتائي پيدا ڪري موهت ڪندا رهن ٿا. بنان ڏٺي! ان نوٽ ۽ تتل واريـاسي ڏر تي ٿي ڦهليل خشڪ نوڙها ۽ پنهنجي شاندار قامت ۾ گهيريل اوچا جبل ذهن تي وقار، دهشت ۽ عجب ۾ ٻُڏل انڻ مٽ تاثر ڇٽيندا رهن ٿا. انهن جي قربت ۽ ڏوري ٻئي وواهت ۽ غير وواهت جيون وانگر ڏنگيندڙ آهن. اهو علائقو به پنهنجي 'سڪٽائپ' ڪارڻ 'نيچ پٽي' ۾ گهٽ ڪونهي. ذهني ڪنڊ ۾ سنڌ جو ٿريلو علائقو نانگ وانگر ڪُنڊلي هڻي وينو اٿم.

انساني وصف، گڻ يا خوبي تاريخ جي گردش جي ضرورت پٽاندڙ پنهنجو چهرو، افاديت ۽ ڪارج بدليندي رهي ٿي. جيڪڏهن هڪ هنڌ بيٺل هجي ته اوس ٻڏاس جو ڪارڻ ٻڻبي. جيڪڏهن ان 'گردش' جي وهڪ اڳوتري ۽ چاڙهه ۾ رهندي ته ٻهري، افاديت ۽ ڪارج تي نکار ۽ جوبن قائم رهندو. پر موٽ ۽ لاهجي صورت ۾ ڪوجهي ۽ انڻ لاپائتي سدا ڊُونڌَ جهڙي ٻڏاس ڏيندي رهندي.

نفرت جو شديد احساس هڪ 'اُلي' جيان ٿئي- چاهي اُها برحق ڇونه هجي. اها اُنَ وجود کي، ان جي 'جوهر' کي به جنهن مان اُيري ٿي اُڏوهي جيان لاڳيتو چَٽُ ڪندي ساڙيندي رهي ٿي، ڄڻ چڪيا تي ڪو لاش سڙندو هجي.

نر مادي جي صورت ۾ موجود ٻن ڪُروپي آتمائن مقصد جي حصول لاءِ ٻڏاس ڏيندڙ، سامونڊي ڇتين لهرن جهڙن غير انساني طريقن، سچ ۽ پيار کي ابليسي لتاڙ ۾ ميسارجندو پسي من اندر هڪ قسم جي نرالي اُبرندڙ تپرس ۽ اچرج جي ڪيفيت پيدا ٿي هئي. جيڪا ڪنهن وهڪ جيان جاري آهي. ذهن آڏو الائجي ڪٿان ماتا هري ۽ مير جعفر جا ڪردار اُڀري آيا اٿم.

هنن ٻنهي جي روحن ۾ موجود ڇل ول، پاکنڊ خارج مان ورتل ملمعي جيان ڪونه آهي بلڪ اهو سندن وجود ۾ فطري ۾ قدرتي طور ڳوهيل آهي. اهي ٻئي خدا جي 'پورڻ نيڪي' (absolute goodness) وانگر پاکنڊ مٿيا ۽ ڪوڙ ۾ 'پورڻ ۽ اکنڊ' (absolute and adivided) آهن. ڪين ۽ اهڙين ڪجهه ٻين ڪوجهي آتمائن کي پروڙڻ ۽ پرکڻ بعد يقين (certainty) مان وشواس ٻاڦ وانگر وڪرجي ويو آهي. صرف غير يقيني (uncertainty) جي نئين ديوتا ۾ ايمان پختو ٿي ويو اٿم.

هن مهل، ميرانجهڙي سرمئي سنجها ٽاڻي، طبعي وجود تي جوڀن جي اوڍيل اطلسي چادر ليڙون ليڙون ٿي وئي آهي. ۽ ان حالت جو ڪو ڏک نٿم ڇو جو اهو عمل/ سپاويڪ ڪونهي. پر، ڪجندڙ ساهه ۾ به جوڀن ڪين رهيو اٿم. ۽ نظريم ٿو ته اهو به ڪنڊيءَ جي سُڪل ڏانڊي وانگر سنهڙو سيپڪڙو ٿيندو پيو وڃي. انهن ٻنهي صورتن جي وجودي حالت دنيا جي سخت اُتت ۽ تپت ۾ نوٽ ٿي، تيزي سان پوني جي صورت اختيار ڪندي پئي وڃي.

موقعه پرست دانشور طبقو يا عام 'سوار ٿي' انسان ڪنهن به مهذب جوڙجڪ واري سماج اندر پاڻ تي 'ويسر' (forget fullness) جي حالت مڙهيندو آهي ته جيئن سندس ٺٺولي دولاب ڪوڙ ۽ منافقت پردي ۾ لڪل رهن. پر، اڄوڪي يگ جي 'تيز نگاهه' سندس ان 'ڪيڏ' کي پرکڻ ۾ ويرم ڪونه وجهندي آهي. هند ۽ سنڌ ۾ اهڙي قسم جي پنهنجي ۽ پرائي، 'ڪينئري فصل' سان اڪثر مهاڏو اٽڪندو رهيو آهي.

هي چوٽي، 'ديوتائون جنهن کي ناس ڪرڻ چاهيندا آهن انهن مٿان پهريائين 'چريائپ' جا ٻج ڇٽيندا آهن.' اهو مقولو ٻنهي جيون جي موجوده حالت سان ٺهڪندو ڏيکارجي ٿو.

ڪڏهن ڪڏهن ويجهڙي پنهنجائپ ڪارڻ تيز نگاهه تي وشواس جو ڏنڊ ڇانئجي ويندو آهي. ۽ 'پنهنجو' سدا سرگرم دشمن نگاهن کان صاف ترڪي ويندو آهي. ۽ پوءِ مارچ 2012ع واريون پونچاَلي حالتون پيدا ٿينديون آهن جيڪي 'ڏٻڻ' جي ڪناري پيڙو ڪرڻ لاءِ ڪافي اثرائتيون قرار ڏئي سگهجن ٿيون. آمريڪا جهڙو سُپر پاور به اهڙي 'وشواسي ڏنڊ' سبب 9/11 وارين تباهي مچائيندڙ حالتن مان لنگهيو هو.

ويسر جو هڪ ٻيو روپ به آهي: هر سوپاري تهذيب ڪلچر تاريخ جي ڪنهن اٽڄاتل به واٽي تي 'ويسر' جو شڪار ٿي ويندي آهي- ۽ ان جا ڪارڻ مادي ترقي، واپار ۾ حيرتناڪ واڌارو ۽ ماٺهن ۾ شانتي ڏانهن وڌندڙ لاڙو وغيره هوندا آهن. انهن ظاهري طور هاڪاري حالتن جي ڪک مان وشواس جا اُٺا سج جي ڪرڻن جيان ڦٽي نڪرندا آهن. ۽ اهڙي بي ڪئتي ۽ بي خيالي حالت ۾ اُهي

جيوَ جيڪي ’راند‘ جي مجيل قانونن کي ورانگهڻ جي سگهہ حرڪت ۽ همت سان جهنجهيل هوندا آهن. انسان ذات يا فرد جي سموري املهہ مڏي ۽ ميراث- مادي ۽ روحاني کي شِوَ جي ٽانڊوي انداز ۾ تباھہ برباد ڪندي ڪا ويرم ڪونہ وجهندا آهن. پهرين ۽ ٻين مهاڀاري لڙائي اهڙين ئي حالتن مان ڦٽي هئي. ذاتي طور مان بہ اهڙين ئي حالتن جو شڪار ٿيندو پئي رهيو آهيان:

ماڻهوءَ جي منورَ تي بدلي، ننهن کان وچڙيو ماس
ڪنهن جي من ۾ ’ميران‘ ايندي، ڪنهن جو ’ڪاليداس‘

آمريڪي دانشور لي هيرس (Lee Harris) پنهنجي مشهور ٿيسس ۾ ٽن قسمن جا دشمن ڄاڻايا آهن: هڪڙا اُهي جيڪي پنهنجي ’ذاتي مفاد‘ کي ساپيان ڏيڻ لاءِ ڪابہ اٽڪل بازي ڇَلَ وَلَ- ۽ طاقت جي استعمال کي ڪارائتو ٻڌائڻ لاءِ ڪنهن بہ حد کي اورانگهي سگهن ٿا. هِن انهن کي ’هٻڇي لالچي ۽ لچو‘ ڪوٺيو آهي.

ٻيا ٻيءَ صورت ۾ دشمن انهن کي ليکي سگهجي ٿو جيڪي پنهنجي ’برابري‘ واري حق جي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪجهہ بہ ڪري سگهڻ جي اهليت پيدا ڪرڻ واسطي جدوجهد ڪندا رهن ٿا. هُنَ انهن کي ’مظلوم‘ جي خاني ۾ ٺهڪائي فِٽ ڪيو آهي.

ٽيون قسم اهو آهي جيڪي عام ۽ سياويڪ قسم جي امن پسند انسان تي بدمعاشي ارهہ زورائي ۽ دهمان وسيلي ڪيس نيچو نوائي، آڻ مڃرائي پنهنجي ذاتي مفاد جي حصول لاءِ ڪنهن بہ ڪوجهي حد تائين ويندا آهن. هن ان قسم جي دشمن کي ’ڌهيسر‘ قرار ڏيندي انتهائي ڪمينو ۽ بي حس انسان ڪوٺيو آهي.

اهي ٻئي- نر ۽ مادو- بد روح منهنجي مشاهدي تجربي ۽ Paradigm موجب پهرين ۽ ٽين Category ۾ ٺهڪي اچن ٿا. ڇوجو ٻئي بدبودار قسم جي narcissti قسم جي خواهشن مان آپجيا آهن. هونءَ بہ ’مهانڊا‘ پنيلائي وراب ڏيندا رهن ٿا.

ٻالڪپڻ کان اڄ ڏينهن تائين دل- پنهنجي ۽ پرائي- کان پرايل درد پيڙا ۽ دک جو بوجهہ ڪٽندي بيحال ساٿي ۽ بي ڪئتي ٿي پئي آهي. ڪڏهن بہ ڪنهن پل بہ گُهہ ڪري ٻيهي سگهي ٿي- عدم ڇٽائي سان پسجي رهيو اٿم.

ويراني ۾ وڪوڙيل گهر جي چؤديواري ۾ گذاريندي، ۽ دريءَ مان ٻاهر ڏيوَقامت جبلن جي سلسلي کي پسيندي ۽ بي انت اُپ هيٺان اُجري فضا ۾ موجود ’پوتر ساھہ‘ مان ڏُک ڪري سرڪيون اوتيندي پاڻ کي مڪمل اڻ ورهايل ۽ Absolute محسوس ڪندو آهيان. پر ٻاهر پير ڌرڻ ڪانپوءِ نما شلم جو پکين جيان واپسي مهل پاڻ کي ڪُردي وانگر ڪن ڪن ٽڪر ٽڪر ۽ ڳيپي ڳيپي ۾ ورهايل پسيندو آهيان.

ڪڏهن ائين محسوس ٿيندو اٿم ڄڻ سمورو وجود پيڙا جي خمير مان جوڙيو ويو آهي. ۽ ان کي سدائين ڪو شڪاري عقاب پنهنجي شڪاري خونخوار چنبن ۾ جهلي چيريندو ڦاڙيندو رهي ٿو.

هن مهل تائين مان لڳ ڀڳ اَسي پيرا جُونڻ مٽائي چڪو آهيان. هر جُونڻ ڇڏڻ ڪانپوءِ منهنجي ناموجود ماءُ، موجود زال ۽ ٻارن جي دک جي حصي ۾ ڪتر ايندي رهندي محسوس ڪئي اٿم. ۽ اُن ’ڪتر‘ جي حصي ’منهنجي‘ دک ۾ واڌارو پئي آندو آهي.

منهنجي اڻ ڪٿ پيڙا مٿان منهنجي زندگي جو چتر ائين چٽيل آهي جيئن اسرويلي پڪيئڙا ولر ۾ اُڏامي ويندا آهن.

هن وجودي دنيا ۾ ’عدم‘ ۽ ’ناوجود‘ سان ڪير انسيت رکي ٿو؟ مان رکان ٿو، جيڪو مينهن واچ طوفان ۽ ڪُنَ ۾ ڦاٿل آهي. جيڪو سدائين ’موت‘ کي موتمار ويرانن ۽ اجڙيل آستانن ۾ ’جيئندو‘ پسيندو رهي ٿو.

ڌرتي ماتا ڪيڏي نہ بي ترس آهي. هوءَ هميشہ ماڻهن ۽ سندن محبتن کي شراب جيان ڇُڪي ڇُڪي ڪري پيئندي رهي ٿي- ۽ پوءِ ان نشي جي خمار ۾ ڪائنئس سڀ ڪجهہ وسريو وڃي ٿو.

شانتي جي الوپ ٿيڻ جو ڪارڻ بہ اهوئي آهي!!

ڪڏهن ائين محسوس ٿيندو اٿم تہ منهنجي اُٽي جيتري پيڙت وجود اندر سفيو، ميرا، جون آف آرڪ، قرة العين طاهره ۽ ائنا اخماتووا جي اپار پيڙائن جا ذرڙا بہ شامل ٿي ويا آهن- ۽ ان ريت ڄڻ سندين پوڳڻائون بہ پوڳي رهيو آهيان.

’ميداني ۽ ٽري‘ جيوت جي غير مقدس سنگم تي سوچيندي ارڙهين-اوڻويهين صدي ۾ منهنجي پنر جنمي همزاد شاعر جان ڪليئر (John Clare) شايدا ڳ ۾ ئي منهنجي درد شا جا پُرون پيا هئا- ۽ درديلو نوحو ڦٽي نڪتو هئس:

**اڪيلائي ۽ محبت**

مون کي جهڳڙالو ماڻهو جي آواز کان بہ ڪرپ اچي ٿي جنهن مون کي بيحد هاجو رسايو ۽ اجان رسائيندو رهي ٿو.

دنيا تياڳي پاڻ کي ڄڻ قيدي محسوس ڪندم
۽ صرف پنهنجو پاڇو سڳي ساٿي رهجي ويندم
۽ آڪاش منڊل مان صرف ڪرندڙ تارا پيو تڪيندس
۽ سمورو سال صرف فيصلن جي ڏوڪتو ڪان هوندي
اور ڪپال! مون کي ڪنهن تنها ڇپر ڇانوَ تائين رساءِ
اهڙو مقام جتي صرف سانت جو واسو هجي،
جتي سون ورنا توتاري نما گل پرمائيندا هجن،
۽ ساوڪ کان ڏور، ڪنهن سونهري سنسار سان ملائين.
اِي دلربا شاعري الوداع- صرف عزم جي آرزو اٿم،
پَلُ سمورو سنسار ڪٽي وڃو، ۽ منهنجي لاءِ صرف
ڪنهن دلربا جي سڪَ ۽ سنگيت ڇڏي ڏيو،
جيڪو من کي گدگد ڪري اُتساھہ بخشيندو رهي.

ٽانئيڪي زندگي لکڻ جي عمل مان جوهر، ست چوسي وٺندي آهي. نڪري خانہ بدوش وانگر سدائين ’حرڪت‘ ۾ رهڻ زندگي بخش عمل نظر آيو اٿم.

مان پاڻ کي صرف زنده ۽ خوش رکڻ لاءِ لکندو رهان ٿو. بنيادي طور ليکڪ ۽ پاٺڪ يا subject ۽ o bject پاڻ کي ئي سمجهندو آهيان. تخليقي عمل ۾ احساس جي شدت، جذبي جي گهرائي ۽ گيرائي اوليت ماڻيندي رهي ٿي- ۽ ان عمل ۾ ’عقل‘ سندس پرجهلو هوندو آهي. منهنجي تڪ تور مطابق ’لکت‘ يا ’لکٽي‘ ۾ مواد ۽ اسلوب يا شئلي اوچي جڳهہ والارين ٿا. ٻنهي جو درجو هڪ جيڏو آهي.

مان سموري ڄمار ڏنڍي ڏاڙي کان ائين وتئن ويندو رهيو آهيان جيئن سبزي خور انسان گوشت جي نانءُ کان بہ ڪؤ ڪائيندو آهي.

لکڻ جو عمل مون لاءِ ائين لازم ٿي ويو آهي جيئن ساھہ کڻڻ. ساڳي ريت ’ساڪرو‘ سار بہ سڳي جيان ساھہ سان پوتل آهي!! الائجي ڇو شروع کان ئي نماءُ کان چڙ رهندي آئي اٿم. سياءُ ۾ شرميلو- پڻ نِنڊيڙي ڄمار کان ڪنهن ڪنهن بيماري وانگر وچڙيل رهيو اٿم.

**سڪر جي وڻ وڪڙ گهٽين ۾ رُلندي پنندي**
**جيڪي سنڌوءَ جي وڻ وڪڙو هڪ جي پڪ تي آهن**
**هر ڇرندڙ جيوَ جي ڇهري تي محسوس ڪيم**
**اپار هيڊائي ۽ ڏک جون ريکائون**

**هر ماڻهوءَ جي هر رَڙ اِندر**
**هر ٻار جي پوءَ گاڏڙ ڪُوڪ اندر**
**هر اٿندڙ آواز، ۽ هر پِراتي اندر**
**سوچ اندر گهڙجندڙ ڪَڙين جو پڙلاءُ پيم.**

اڻ ٽر ڪائناتي ’لقاءُ‘ ۾ پوڳڻا ۽ سواد جا ڏڳ پُور وچوٽ تي هلندا رهن ٿا. وڪٽر هيوگو جي بدنصيب وانگر منهنجا پير پهرين ڏڳ تي ڪوڙيا ويا آهن. *(هلندڙ)*



**خليل عارف سومرو**

اڌورا خواب ٽڙپن ٿا، اندر ۾ ڪُجهہ ٽُٽي پيو آ
اکين ۾ لڙڪ اُپرن ٿا اندر ۾ ڪجهہ ٽُٽي پيو آ
اڳي وڻندا هئا جيڪي، سُٺا لڳندا هئا جيڪي
نظارا اڄ سي ٽوڪن ٿا، اندر ۾ ڪُجهہ ٽُٽي پيو آ
اکيون هر پل اُداس آهن عجب ڪا بيقراري آ
خوشين جا رنگ ڏنگن ٿا، اندر ۾ ڪجهہ ٽُٽي پيو آ
رهان ٿو گُم خيالن ۾ رهيو ڪو هوش ڪونهي ڪو
بدن مان چرڪ نرڪن ٿا، اندر ۾ ڪُجهہ ٽُٽي پيو آ
قِتل آ ننڊ نيڻن جي، ڪسيل آ چين ڏينهن جو
چريو ماڻهو چون ڪن ٿا، اندر ۾ ڪجهہ ٽُٽي پيو آ
ڪياسين وَس مگر عارف، لکي قسمت سگهيلسين نہ
غزل ۽ گيت لکجن ٿا، اندر ۾ ڪجهہ ٽُٽي پيو آ.

❋

عشق جي دنيا غم ڏي آياسين
پاڻ ڪاغذ قلم ڏي آياسين
ڊائري، گل، ڪتاب، تصويرون
دل ڪٽي پئي صنم ڏي آياسين
آخرت ۾ نجات وٺڻي هَئي
غازي تنهنجي علم ڏي آياسين
توڏي آياسين ائين لڳو ’عارف‘
سوجهري جي ڌرم ڏي آياسين. ■



عاشق منگي ۽ ٻين دوستن جي يادگار تصوير

آخري قسط

# لاڙ جي ماستري...



عاشق منگي

مان 1970ع ڌاري سيوهڻ جو ميلو گھمڻ ويو هوس. ميلو ڇا هو ڄڻ هڪ رنگارنگ ڪلئنات ڌرتي تي وڇائجي وئي. گھٽيءَ گھٽيءَ ۾ مختلف علائقن کان آيل ڳائڻيون، ڳائڻا ۽ ناچو ڇوڪرا رقص جون ڌماچوڪڙيون لڳايو ويٺا هئا. ائين پئي لڳو ته ڄڻ سُر ۽ ساز جا سمورا جلوا سيوهڻ جي گھٽين ۾ ڪيئي نوا رقص اُپاري رهيا هئا. غزل جي گونجار وجود جي رعنائين ۾ نوان رنگ ڀري ڇڏيا هئا. هلندي هلندي ۽ هيڏانهن ۽ هوڏانهن رولاڪيون ڪندي ماندو من ٽڪيو ئي نه ٿي. چل ولائين ۽ چاڳلين جا چوچ ماڻيو مَنَمستي جي افق تي وڃي پهتو هو. ڳائڻين ۽ ناچو عورتن جي رقص اُتي آيل وڏيرن ۽ رئيسن جي واڇ گودو ڪري ڇڏي هئي. ۽ انهن نوٽن سان ڀريل بريف ڪيس انهن جي ادائن تي گھوري نڇاور ڪري ڇڏيا هئا. ڏُڪڙ، باجي ۽ سُر جي گونجار سڄي سيوهڻ جي چوڌاري ڪڙو ڇاڙهي ڇڏيو هو.

آئون به موج ۾ هئس. ڏٺم ته هڪ همراهه نشي ۾ ٽُٻ دڦلي هٿ ۾ کڻي نچڻ ۽ ڳائڻ شروع ڪري ڇڏيو، ’نه ڪوئي بندا رها نه ڪوئي بندا نواز.‘

همراهه بدن ۾ ڀريل ۽ وهي ڪائي چڙهڻ وارو هو. سندس ڳايل ڳاني مان سُر سنگيت جو پتو پئجي رهيو هو. ۽ هن جي ناچ ۾ رقص جا ڪيئي انگ شامل هئا.

خبر پئي ته اهو ماتلي وارو رئيس، ۽ ماضي جي هندستاني فلمن جي هيروئن جو مڙس رئيس ڪريم بخش خان نظاماڻي هو.

رئيس ڪريم بخش خان نظاماڻي، گھڻو پوءِ سنڌي ادب کي پنهنجي آتم ڪٿا جي سِري هيٺ، ’ڪيئي ڪتاب‘ نالي به واليم عنايت ڪيا. رئيس جي اها آتم ڪٿا جن دوستن به پڙهي هوندي. تِن کي ڄاڻ هوندي ته سچ ڪيئن لکبو آهي. ۽ ماڻهو پاڻَ تان اوڇڻ لاهي خود کي ڪيئن نروار ڪندو آهي. رئيس نظاماڻي، ان وقت هڪ عجيب ڪيفيت هيٺ ڳائي ۽ نچي رهيو هو. ۽ ان سان گڏ ٻيون هلڪيون سلڪيون ڳائڻيون ۽ ناچو ڇوڪريون ۽ ڇوڪرا ناچ ۾ شريڪ هئا. هڪ عجيب مستي جو عالم هو.

رئيس نظاماڻي، بيخودي ۾ به سالمند هوش سان نچي ۽ ڳائي رهيو هو. نچندي نچندي مستي وچان هڪ خوبصورت ڳائڻي کي چيائين، ”هي ڏهه رپيا وٺ، ۽ اهو سامهون جيڪو اڇي پٽڪي سان رئيس ويٺو آهي لن جي مڇ جو وار پٽي اچ ته ٻيا ڏهه رپيا ڏيائين.“

ناچو ڇوڪري، رئيس جي مڇن ۾ ٻَڪ وڌا. ۽ ان سان گڏوگڏ کل خوشي جا ڌماڪا شروع ٿي ويا.

قلندر بادشاهه جي پِڙ ۾ عجيب رمز ڏيکارجي رهي هئي. نه ڊپ هو نه ڊاءُ هو. خوشي ۽ مستيءَ جو عالم هو. ڪٿي ’عمر مارئي‘ جو داستان پئي ڳايو ويو. ته ڪٿي وري ’دودو چنيسر‘ جو قصو. هر هنڌ ماڻهن جا وڏا انبوهه هئا. رقص ۽ سرود جو شام کان شروع ٿيل سلسلو رات جو 12 تائين جاري هو.

مان ٿڪجي پيو هئس. بُک به لڳي هئي. سو ماني ڪائي دعا گھرڻ لاءِ قلندر بادشاهه جي مزار ۾ داخل ٿيس. اندر چٽيءَ ۾ به راڳ هلي رهيو هو. هڪ خوبصورت رقاصا جنهن جو تعلق لاهور جي، ’حسن جي بازار‘ سان هو. اهو نغمو جهونگاري رهي هئي،

”توں نے جو مجھ کو زخم لگایا وہ سی لیا۔“

ڳائڻي پنهنجي ادائن سان سڄي ماحول تي ڇانئجي وئي. مان به ان گيت جي سحر ۾ جڪڙجي ويو هئس. قلندر شهباز جي عرس واري اها رات مونکي اڄ به ياد آهي. رقص، نغمي ۽ ڳائيندڙ جي عقيدت وارا جذبا اڄ به جڏهن ان واقعي کي ياد ڪندو آهيان. ته، ’مي رقصم‘ جو وجود اندر هڪ دؤر شروع ٿي ويندو آهي.

*

آئون پوءِ پنهنجي ماستري واري ماڳ ڏي موٽي آيو هئس. آئون اسڪول کان واندو ٿي پاسي واري جهنگ ڏي هليو ويندو هوس. جتي مور ۽ ڍيلون رقص ۾ مست هوندا هئا. آئون ڪٻڙن مان ڳاڌ جا پڪل پيرون پٽي پيو کائيندو هوس. پر ڪائڻ ڪانپوءِ وات جو ذائقو ڪجهه اور ٿي ويندو هو. ديوين جي چوڌاري وچ ۾ وڏو ميدان هو. جتي مور ناچ ڪندا هئا. مور نچندو هو ته ڪائنات جا سڀ رنگ منهنجي اکين ۾ جهرمر ڪندا هئا. منهنجو وجود ڪنهن اجنبي ڪيفيت ۾ وڪوڙجي ويندو هو. ۽ انهي ڪيفيت ۾ سج لهڻ ڪانپوءِ اوطاق تي موٽي ايندو هوس.

هڪ ڏينهن اوطاق تي آيس ته هڪ شاگرد ولي محمد ملاح چيو، ’سائين، ڳوٺاڻا چون ٿا ته توهان جو ماستر چريو ٿي ويو آهي.‘

پڇيو مانس، ”ڪيئن؟“

چيائين، ”اسڪول کان فارغ ٿي رات تائين پيو جهنگ جهاڳيندو آهي.“

مون چيو، ”تو جهنگ گھمي ڏٺو آهي؟“

”نه سائين، مونکي ڊپ ٿيندو آهي.“

چيو مانس، ”ڪڏهن جهنگ ۾ وڃي مورن جو ناچ ڏس ته توکي زندگيءَ جو لطف اچي ويندو. ۽ ذهن جو بند طاقون کلي پونديون.“

”...“

”۽ جڏهن جهنگ جي اُپ تي ڪارا ڪکر گجگوڙون ڪري ڇانئجي ويندا آهن. ۽ ٿڌي هوا ۾ مورن جون ڊيڄاريندڙ رڙيون وجود ۾ هڪ عجيب ڊپ ويهاري ويندون آهن. ۽ توکي اهو به ٻڌايان ته ڪکرن جي اوندهه ۾ مور فضا ۾ اڏامندا آهن. ۽ رڙيون ڪري ڪکرن کي وسڻ لاءِ وس ڪندا آهن.“

”...“

*

هفتي جي پڇاڙيءَ ۾ اسان چارئي دوست ڪپڙا ڌورائڻ ۽ استري ڪرائڻ لاءِ موڪل واري ڏهاڙي جهڏي ايندا هئاسين. ۽ باجماعت شربت پيئڻ جي ريت اسان جهڏي ۾ وڌي. ڳاڌ جو جيڪو همراهه اتان لنگھندو هو اسين ان کي به ڪوٽي شربت پيئاريندا هئاسين. صندل ۽ گلاب جو شربت ڏاڍو فرحت بخش هوندو هو. ۽ گرمي کي ماري ڇڏيندو هو. جهڏي جو شهر نئي ديري کان وڏو ۽ پسگردائي ۾ رتي ديري جيترو، انهن ڏينهن ۾ اتي وڏو تجارتي مرڪز هو. اڄ به هتي وڏو تجارتي مرڪز آهي.

ڳاڌ جي ڳوٺ جي اڌ آبادي پورهيتن تي ٻڌل هئي. جن ۾، شيدي، ميگھواڙ ۽ ڪولهي شامل هوندا هئا. ان علائقي ۾ ڪڏهن ڪو چوري چڪاڙي جي رپورٽ نه آئي. ۽ نه ڪو جهيڙي جهڳڙي جي ڪا خبر پئي.

اتي هڪ اترادي ماستر، ’احمد‘ وڏو نالو ڪڍيو. منهنجي ساڻس ڏيٺ ويٺ نه ٿي. پر چون ٿا وڏو برجستو ماڻهو هو.

لاڙ ۾ ٻين خوبين سان گڏ هڪ خوبي اها به آهي ته لاڙي ماڻهو ڪهڙي به حالت ۾ هجي، چور کي پناهه نه ڏيندو آهي. ماني ڪارائڻ يا ٽِڪائڻ جو ته سوال ئي پيدا ڪونه ٿو ٿئي. لاڙ ۾ فطري سوَنهن جا ڪيئي منظر آهن جيڪي اڄ به ذهن جي افق تي هڪ عڪس جيان چٽيل آهن.

گذريل ٻن سالن کان لاڙ وڃڻ جا سانباها ڪندو رهيو آهيان. پر حالتون اهڙيون ٿي پيون آهن جو هُن پاسي نڪرڻ ئي نٿو ٿئي. 2010ع کان سمنڊ جي اُٿل، آئوٽ ڊرين فال ۽ برساتن لاڙ ۾ ڏاڍي تباهي مچائي آهي. بيروزگاري وڌي وئي آهي. اهو سڀ ڪجهه وڃي اکين سان ڏسڻ ٿو چاهيان. پر جڏهن لاڙ جون هوائون گھرائين.

*

2009ع ۾ اتفاق سان جهڏي ۽ نئون ڪوٽ تان لانگھائو ٿيو هئس. ۽ پوءِ مٺي، اسلام ڪوٽ ۽ ڪارونجهر ويو هئس. ۽ اُتي لهي ڳاڌ به ويو هئس. پر مونکي اُتي اوپرائپ نظر آئي. رئيسن مان ته ڪوبه ڪونه هو. مايوس ٿي موٽي آيو هوس. حياتي آهي ته ويندس ۽ رئيس پوڙهي خان جي پٽن سان ضرور ملندس.

1981-82ع ۾ Bed لاءِ اپلاءِ ڪيو. اسٽڊي ليو منظور ٿي ۽ آسانيءَ سان ڪاليج آف ايجوڪيشن ۾ داخلا ملي وئي. سنڌ ۾ تعليم کاتي ۾ سکر ريجن جو واڌارو ٿيو هو. ڪاليج ۾ سيمسٽر سسٽم هيو. اتر سنڌ ۾ ڪاليج آف ايجوڪيشن ڪو ايجوڪيشن جو سڀ کان وڏو ادارو هيو، جتي نواب شاهه کان وٺي جيڪب آباد ۽ لاڙڪاڻي جا اسٽوڊنٽ ۽ ٽيچرس ٽريننگ وٺندا هئا.

هاسٽل ۾ رهڻ لاءِ ڪمرو مليو، ٻيا نئون ديري لاڙڪاڻي ۽ مدئجي جا SRTC جي وڏين بسن تي ايندا هئا. مان گذريل اٺ ڏهه سال سنڌي ۽ اردو ادب پڙهيو هو پر انگريزي ادب ۽ ڪتابن کي ٽائيم نه ڏنو- ان کوٽ جو احساس ته ٿيو پر پوءِ به محنت سان پڙهڻ شروع ڪيو.

*

لاڙ کان واپس اچڻ کانپوءِ، منظور علي جوڻيجو، اسان جي سنگت مان ڪاٽائي ويو. ان جي جاءِ تي عبدالڪريم ڏيروا اباڊهِ، رئيس نور محمّد خان مغيري (لالو رائڻڪ) مظهر علي تونيه، حاجن خان چنه، نوان ڳوٺ پناڻ- اگڙا- خيرپور، حاجي اڪبر علي عباسي، (لاڙڪاڻه) جي معرفت پانيڻ ڳوٺ وارن جلال ۽ هن جي ٻين مائٽن سان ڏيٺ ويٺ ٿي.

ٽولا ناهي، سڄي سنڌ ۾ جاڏي وٺندو هو تاڏي گهمندا ڦرندا هئاسي.

رئيس نور محمّد خان کي ٽيوٽا ڪرولا ڪار هوندي هئي، اوچتو مغيري صاحب، اسد الله ڪلهوڙي وٽ اچي پهچندو هو- اتان الاهي بخش وٽ رات رهي، ان کي ساڻ ڪٽي نواب شاهه جي پرسان رندن جو ڳوٺ هوندو هو، اتان جو سيد رئيس جو مرشد هوندو هو. ان وٽ پهچي دُعا به وٺبي هئي ته ٽڪ به لاهبو هو. وڏيون اوطاقون کٽون، هنڌ ۽ ڪچهريون، رات جو هڪ به تي ويندا هئا. ڪنهن جي سِڪ ئي نه لهندي هئي- ڪاڏا پيتا، چانهيون ۽ کير جا ڳالهه ڪبي سڀ کان قابل ذڪر ڳالهه امن امان بي فڪري، خلوص ۽ سچائي. ڪنهن ڪارَ زباني جي نظر لڳي وئي اسان جي معاشري کي، سلاءِ سچا ماڻهو الاهي بخش ۽ اسد الله ته پاڻ کي زور ڏياريندا هئا ۽ مون تي ٽوڪ ڪندي چوندا هئا، هِن جا زور به اسانکي ڏيو، هي چوڪري آهي، ٻُو ٿو ٿيس-

رئيس نور محمّد خان مغيري، جهڳڙي ۾ مارجي ويو. بابا به 1988ع ۾ وفات ڪري ويو. انعام نندو ڀاءُ سنڌ يونيورسٽيءَ هليو ويو، جنهن ڪري بي فڪري جي گهر ڇڏڻ مسئلو نه ٿي پيو.




اسد الله ڪلهوڙي سان لاڙڪاڻي اٿڻ ويهڻ رهيو. هو اصل لالو رائڻڪ ۽ وارهه جي وچ ۾ "ڏب ڪلهوڙا" ڳوٺ جو آهي. اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ايگريڪلچر تان رٽائر ٿيو. ماستري ڇڏي ڏني هئائين. طبيعت جو ٻلو سيني کي سنڀالڻ ۽ نڀائڻ وارو- اهڙا ماڻهو تمام گهٽ ڏٺا آهن. الاهي بخش تونيه، حاجي اڪبر ۽ اسد الله جن دوستيءَ مان ترقي ڪري مٽ مائٽ ٿي ويا آهن.

مظهر علي تونيه دلبر انسان آهي، اسان جو خاص خيال ڪندو آهي، باقي اسد الله ڪلهوڙي ۽ الاهي بخش تنئي کي وينو 'جهير' ڏيندو آهي. هو به اهڙي ڪنس جو ويٺا ڪلنداسين. ۽ دل چوندي آهي هميشه هنن سان گڏ هجان. تڪلف سان اٿڻ ويهڻ. گهرو ذميواريون ۽ اجايا پروٽوڪول ۽ ضابطن ٽڪائي ساٿو ڪري ڇڏيو آهي. وري ٻچپن واري ذميوارين کان آجي ۽ نيچرل زندگي گذارڻ ٿو چاهيان. پر اهو به سمجهان ٿو ته هاڻي اهو ممڪن ڪو نه رهيو آهي.

اسانجي سنگت ۾ علي ڳوهر چنو، علي حسن چنو ۽ ٻيا نوان ڳوٺ پناڻ ۽ اگڙا جا دوست رهيا.

غوث بخش تونيه، الاهي بخش جو وڏو ڀاءُ جيڪو ڪافي عرصو ٿيو فوت ٿي ويو آهي. سندس پيو ڀاءُ عبدالستار تنيو فقير منش ۽ ٽيون ڀاءُ حضور بخش تونيه جيڪو ڊاڪٽر صاحب آهي ۽ سکر ۾ رهي ٿو.

مظهر علي جو وڏو ڀاءُ ميجر ڊاڪٽر اهو آرميءَ مان رٽائر ٿيڻ کانپوءِ سانگهڙ ۾ فوجي فائونڊيشن طرفان اسپتال ۾ نوڪري ڪري ٿو. گهر ٻار سان اتي رهي ٿو.

مسٽر __________ سومرو به ٻهريائين استاد هيو بعد ۾ ميرٽ تي P.T.C.L ۾ آفيسر ٿيو. رٽائر ٿي گمبٽ ۾ رهي ٿو. سڀ غريبن جا ٻار، محنتون ڪري آسائشن واري رٽائرڊ زندگي گذاري رهيا آهن. سڪون ۽ آرام ڪو نه آهي. اڻ تڻ، بي آرامي، بدامنيءَ ۽ ٻچڙن جي روزگار جي مسئلن منجهائي وڌو آهي. ميڊيڪل ۽ ايجوڪيشن ايتري مهانگي ٿي پئي آهي. جو سڀ ڪو پچي ڪو نه ٿو سگهي. حلال مان گذر تنگ ٿي پيو آهي ۽ حرام ڪمائڻ سيني جي وس جي ڳالهه نه آهي- الله ج سيني کي پنهنجي دران گهران ڪارائي، حرام کان ۽ ظالمن کان بچائي آمين.

ظاهري طور مون وٽ عشق ۽ اِنتظار نه رهيو آهي. پر اندر ۾ جيڪي محبتن جا 'ٻج' جن ڇَٽيا آهن اهي جهنگ ٻڻجي چڪا آهن. ان ٻيلي ۾ جنهن جو وجود، انهن جي يادن مان آسائشن وٺي رهيو آهيان. ڪنهن سان گلا نه شڪايت، صرف ڪڏهن ڪڏهن مايوسي وڌي وڃي ٿي ته ڪٿي وڃي پناهه وٺندو آهيان، اڪيلائپ بيوسي ۽ لاچارگيءَ ۾ پنهنجو پاڻ کي سنڀالڻ به هڪ گر آهي، جيڪو سيني کي ڪو نه اچي مونکي ته اصل ڪو نه اچي. اها حقيقت آهي، دانهن نه آهي.

اڪيلائپ، بيوسي، لاچارگيءَ مان مراد آهي خيالن ۽ سوچن ۾ دوستن وغيره جو متفق نه هئڻ آهي. ڳالهه ٽا ڪريون ته قوم، ٻولي ۽ اخلاقيات تباهه ٿي پئي ٿي، چون ته ائين ٿيندو آيو آهي- تون، اسان چا ٽا ڪري سگهون وغيره وغيره- هن دور جو درمان ڪرڻ لاءِ ته ڪو تيار نه آهي پر سمجهڻ ۽ ٻڌڻ لاءِ به ڪنهن وٽ وقت نه رهيو آهي. ماڻهو مري ويندو آهي ته چا اچ ٿي ڪفن وٺي مرڻ گهرجي- اهو زندگيءَ جو ناڪاري پهلو آهي. هاڪاري پهلو اهو آهي ته دنيا جي قومن جيئڻ چئلينجن کي مُنهن ڏيڻو آهي ٽيئن ئي ايندڙ نسلن جي آسائشن لاءِ جاڪوڙڻون پونديون ته ته منجهي پونداسون. ■



محمد دين راڄڙي

## ڏڪار

ٿر جي ڏورانهين ڳوٺن ۾ بُک، بيوسي ۽ بيماري وگهي مرندڙ ٻارن کي ڏسي موٽندي- قومي اڳواڻ ٿر جي خراب حالت تي ڳوڙهن ڀريو تبصرو ڪندي رياست تي پرزور چوٽ چنبيا. چيائين، 'چا سرڪار وٽ ايتريون ايمبولينسس به ناهن، جو ڪٽي تڙپندڙ ٻارڙن کي اسپتال تائين پهچائين؟'

پوئين سيٽ تي ويٺل ڪُل وقتي ڪارڪن، قومي اڳواڻ جي ڏگهي ليند ڪروزر گاڏي جو سراسري جائزو وٺندي دل ۾ حساب لڳايو، "هن ليند ڪروزر بدلي ڪيتريون ايمبولينسس خريد ڪري سگهجن ٿيون؟"

## نان اِشو

هوٽل جي بيئنچ تي به شاعر بحث ۾ رُڌل هئا.

هڪ چيو، "تنهنجو غزل فاعلاتن، فاعلاتن فاعلاجي وزن تي آهي."

پر ۾ ويٺل ٻئي چيو، "هن جو غزل فاعلاتن، فاعلاتن فعولا تي ٻڌل آهي."

بحث تيز ٿيو. ڳالهه وڃي ٽُپا ٽُپي تائين پُهتي. ڏانهن ڪٽي ٻئي ٿاڻي تي پهتا.

ٿاڻيدار چيو، "جي، توهان جو ڪهڙو مسئلو آهي؟"

"سائين." هڪ شاعر وارتا ٻڌائڻ شروع ڪئي.

"مان هن دوست کي چوان پيو ته هن جو غزل فاعلاتن، فاعلاتن فاعلاتي آهي. جڏهن ته سندس خيال آهي ته غزل فاعلاتن، فاعلاتن فعولا جي وزن تي آهي."

"ان خصيص ڳالهه تي اچي پاڻ ۾ اَڙيا آهيو؟"

سپاهي مان ترقي ڪري ايس. ايچ. او ٿيل عملدار ٻنهي ڏانهن عجب مان ڏسندو رهيو.

## A.T.M مشين

آخري تاريخن ۾ کيسو خالي ڏسي A.T.M مشين جي وات ۾ پلاسٽڪ ڪارڊ داخل ڪندي. پرائيويٽ اسڪول جي استاد Code دٻايو.

"موجوده بيلنس 485 رپيا."

هن، 450 لکي، انٽر دٻايو.

مشين جي پيٽ ۾ ڪُرڙاٽ پئجي ويا.

اجهو، پئسا نڪتا.

پر: جهٽ گهڙي کانپوءِ رکو، ڪارڊ مُنهن ڪيو.

پرائيويٽ اسڪول جي استاد کي ٻچان لڳي.

ائين لڳس جڻ ATM مشين ڪرڙاٽ نه ڪيو هو پر، هن تي کلي هئي.

۽ اهو سمورو لقاءُ A.T.M مشين جي نرڙ تي لڳل ڪئمرا ۾ قيد ٿي ويو. ■

# راشد مورائي جو چاليهو ۽ اديب...



منور ڪيهر

29 اپريل 2014ع تي عيسيٰ ميمڻ اڳوڻو سيڪريٽري سنڌي ادبي سنگت شاخ لاڙڪاڻو (اڳوڻو ته ڪيس نه چوان چوته 20 اپريل 2014 تي نئون سيڪريٽري جناب ستار هُليو صاحب بنا مقابلي چونڊجي آيو آهي. پر اجا تائين عملي ڪم ته عيسيٰ پيو ڪري) ميسيج موڪليو، '1 مئي 2014ع تي مورو ۾ راشد مورائيءَ جو چاليهو آهي. جيڪو به دوست هلڻ چاهي ته وين جو ڪرايو ٻئي طرف 500 روپيا في ماڻهو مقرر ڪيو آهي.' رابطي لاءِ پنهنجو ۽ عزيز قاسماڻيءَ جو نمبر موڪليائين.

رابطو ڪيومانس، "جيڪڏهن مون سان گڏ هڪ ٻه دوست هجن ته ان جي جاءِ رکجو."

چيائين، "جيترا به اوهان جا دوست هوندا، اسين وٺي هلنداسين. اوهان جو حڪم اکين تي."

پوءِ 4 مئي 2014ع تائين اڻ ڳڻيا ميسيج يادگيرو ڪرائڻ جا- ايڏو همدرد انسان آهي عيسيٰ ميمڻ.

*

4 مئي جي رات جو تمام گهڻو مينهن وسي پيو.

**مورائيءَ جي مرقد تي اُٺي ابر باران**
**اڄ ايڏو آسمان، ڏس راشد لاءِ رُنو آ.**

الڪي اچي ورتو. ته صبح جو وين هلندي الائي نه؟ صبح جو 4 وڳي 5 منٽن تي عيسيٰ جو ميسيج آيو، "سائين، صبح جو سلام."

سمجهي ويس ته عيسيٰ ننڊ مان اٿاريو آهي. صبح جو 7 وڳي ڳوٺ آگاڻيءَ مان اسڪوٽر تي چڙهي نڪتس. واٽ تي گلن جي باغ ۾ منهنجو پيارو دوست رجب علي آگاڻي ۽ منهنجو ڀائيٽو سرتاج ڪيهر اسڪوٽر جهليون تيار بيٺا هئا. ٽئي ڄڻا لاڙڪاڻي روانا ٿياسين. واٽ تي ٻه ميسيج آيا. ۽ هڪ رنگ ڪال آئي. هيلو ڪئي. عيسيٰ هو.

"سائين، ڪٿي پهتا آهيو؟"

"لاڙڪاڻي جي ويجهو پهتا آهيون."

خير لاڙڪاڻي ۾ مهراڻ هوٽل تي پهتاسين. عيسيٰ ميمڻ ٻين دوستن سميت موجود هو.

چيائين، "اسڪوٽر اتي بيهاريو جتي روشن ٽوٽاڻي چويَ."

روشن اسڪوٽر اندر هوٽل جي ورانڊي ۾ بيهاريا. اٽڪل 8 وڳي ويگن رواني ٿي. عيسيٰ ٻڌايو ته سڀ کان اول ساڍي ڇهين وڳي سڄڻ سنڌي پهتو آهي. لاڙڪاڻي ۾ ئي واٽ تان سڄڻ سنڌي ۽ خاور قبولائي ويگن تي چڙهيا. هاڻي اسان 16 دوست ٿي وياسين.

1. آئون، منور ڪيهر
2. رجب علي آگاڻي
3. سرتاج ڪيهر (منهنجو ڀائيٽو)
4. عيسيٰ ميمڻ
5. عزيز منگي
6. عزيز قاسماڻي
7. سڄڻ سنڌي
8. ناياب سرڪش
9. احمد علي صابر
10. روشن ٽوٽاڻي
11. ڪوڙل قربدار
12. ناطق ڳيريلائي
13. خالد چانڊيو
14. محمود اياز
15. رضا محمّد ٻرڙو
16. خاور قبولائي
17. ۽ عزيز قاسماڻيءَ جا ٻه ننڍا نينگر علي مصطفيٰ ۽ حسن مجتبيٰ.

هاڻي سورنهن نه پر ارڙهن ٿياسين.

*

ويگن لاڙڪاڻي پل ٽپي درياهه جي ٻي پر نيشنل هاءِ وي تي هلڻ شروع ڪيو. ڪوڙل قربدار مونکي ٻڌايو، "اڄ وين ۾ غزل مشاعرو ڪرڻو آهي."

ڪوڙل کي چيم، "نڪور غزل ته منهنجي گهر رهجي ويل ڊائريءَ تي لکيا پيا آهن. باقي هن ننڍيءَ بنديءَ تان غزل پڙهندس. گهٽ ڪونه ڪندس."

لاڙڪاڻي مان خاور قبولائي ويگن ۾ چڙهيو ته اسان جو دوست عزيز قاسماڻي (چانڊيو) ۽ خاور قبولائي اچي عزيز منگيءَ سان چرچن ۾ لڳا جنهن ۾ سندن نشانو ڪوڙل قربدار هو. وڏا وڏا ٻي سُرا ٽهڪ جيڪي بند ئي نه ٿين. ڪوڙل قربدار ويچاري جي مشاعري جي آس پوري ٿي نه سگهي.

*

وين هلندي راڻي پور ۾ هڪ هوٽل اڳيان ڊرائيور روڪي ۽ سڀئي دوست انفرادي طرح سان چانهه ۽ بوتل پيئڻ ۾ مشغول ٿي ويا. هر هڪ ٽيبل جي ڪنهن هڪ دوست ڪائونٽر تي بل ڀريو. هوٽل جي بيرن مان هڪ بيرو جيڪو ڏسڻ ۾ هيروئني پئي لڳو. اسان جي ڪِد لڳو. چيائين، 'باقي توهان ڏانهن 6 چانهن جا پئسا رهيا آهن."

ادي ناياب سرڪش چيو، "ائين انفرادي طور بل نه ڀريو ها. گڏي ڪو هڪ دوست ڏي ها."

بيرو جان ئي نه ڇڏي. نيٺ رجب علي 50 روپيا ڪڍيا. ۽ چيائين، 'ڏئي جان ڇڏايو.'

مان هڪ سؤ جو نوٽ ڪڍي چيومانس، 'هاڻي بس نه.'

چيائين، 'اڃان پنجاهه روپيا.'

رجب علي وارو پنجاهه جو نوٽ به ڏنومانس. تڏهن جان ڇٽي.

*

راڻي پور مان وين هلي واٽ تي دريءَ مان لاڙڪاڻي کان وٺي ڏسندا آياسين ڪٽڪن جو لابارو ٿيل هو. ۽ ڪٽڪ جي وَل جا گڏا ٻنيءَ ۾ پيل هيا. ٽريشر ورلي ڪو نظر آيو. هڪ شهر ۾ ٽريشر جي مرمت ٿي رهي هئي.

عزيز قاسماڻي ۽ قبولاڻيءَ جا ٽهڪ، ٽريشر جي آواز کان به ڳورا هئا.

"چاچا، ڏسين ٿو؟" مون واري ڀائٽي ٻنهي جي حرڪت ڏانهن اشارو ڪيو.

"بابلا، چاچا ڪيان، عزيز قاسماڻيءَ ۽ خاور قبولائي زورآور مڙس آهن. ڪين خوشي ۽ غمي جي موقعي ۾ فرق ئي نظر نه ٿو اچي."

اها حقيقت آهي ته هي ٻه هڪ ڄڻ ته ٽوئر هو. پر ڊسيپلين به ڪا شيءِ ٿيندي آهي. مان اسلام جي هرفرقي ۾ رهيو آهيان. مذهبي ۽ ٻين سياسي پارٽين کي ڏٺو آهي. جيئي سنڌ، رسول بخش پليجي جي عوامي تحريڪ. سماجي تنظيمن ويندي جماعت اسلاميءَ کي به ڏٺو آهي. گهٽ ۾ گهٽ اديبن کي ته ڇڙواڳ نه هجڻ کپي. اديب کي مثالي هجڻ گهرجي. ماڊل هجڻ گهرجي. جنهن شخصيت جي چاليهي تي وڃي رهيا هئاسون ان کي ڪٿي ماڊل بڻائي. اسان کي ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. ڀلا جي ڪو جائز تنقيد به نه ڪندو ته اسان کي اڃي ڪير سڌاريندو؟ سچي واٽ وڏا وڏا ٽهڪ. چرچا ڪچا چرچا.

*

نيٺ موري پهچي وياسين. خير 12 وڳي ڪانڀوءِ پنڊال جي دَر تي ڪيڪارڻ لاءِ بيج لڳل ڪارڪن موجود هئا. راشد مورائي جو فرزند شاهه عبداللطيف وڏي اڪير سان گيٽ تي مليو.

اسڪول جي آڳر تي هڪ پنڊال هو. رجب علي آگاڻي، سرتاج ڪيهر ۽ مان گڏ ويٺاسين. ٿوريءَ گهڙيءَ کان پوءِ رجب علي هڪ پڪي جي سامهون مونکي اڳتي ويهاريو. پنڊال ۾ راشد مورائيءَ کي عقيدت جا گل نڇاور پئي ڪيا.

ادي ناياب سرڪش، عيسيٰ ميمڻ، ناطق ڳيريلائي، خالد چانڊيو ۽ لاڙڪاڻي جي ڪجهه ٻين دوستن کي اسٽيج تي ويهڻ لاءِ سڏيو ويو. پنڊال جي سامهون اسٽيج کان وٺي پاسي واري ٻنهي پاسن کان راشد کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ لاءِ وڏا وڏا بينر لڳل هئا. انتظام تمام سٺو هو. ڪارڪن جن کي بيج لڳل هئا. ماڻهن کي پاڻي پياري رهيا هئا. هڪ ڳالهه مون محسوس ڪئي ته عورت شاعره ۽ اديبائون ڪونه هيون. شايد انهن لاءِ ڪو ڌار پنڊال هو؟ مون کي خبر ڪانه پئي. باقي اناؤنسمينٽ هڪ عورت ڪري رهي هئي. ههڙن ميڙن ۾ اسان کي گهرجي ته عورتن کي شريڪ ڪريون.

جي.اي سنڌ جي عورت ونگ به آهي. پر اياز لطيف پليجو جي قومي عوامي تحريڪ جي سنڌياڻي تحريڪ مونکي عوامي تحريڪ کان وڌيڪ فعال لڳندي آهي. ايم.ڪيو.ايم جو مثال وٺو. اتي ڪيئن الطاف جي هڪ سڏ تي ڪيتريون عورتون ڪٺي ٿي ويندريون آهن. سٺي ڳالهه ڪير به ڪري اها هنڊائڻ ڪرڻ گهرجي. اسٽيج سيمنٽ جي ٺهيل هئي وڏي ويڪري اسٽيج هئي. مٿي راڄ ماڻهن جو براجمان هو. پر خاص مهمان طور ڊاڪٽر ادل سومرو، حاڪم علي شاهه بخاري، تاج جويو، خالق جوڻيجو، مولانا عزيز الله ٻوهيو، ويٺل نظر آيا. سن مان سائين جي.ايم.سيد جي خاندان مان ڪو ماڻهو نظر نه آيو. شايد ڪين مدعو نه ڪيو ويو هو؟ هونئن ته راشد مورائي صاحب جا سائين جي.ايم.سيد سان وڏا رابطا هئا.

لاڙڪاڻي وارن دوستن مان ناطق ڳيريلائي- راشد مورائيءَ جي مان ۾ تقرير ڪئي. ۽ شاعريءَ جا گل نڇاور ڪيا. ادي ناياب سرڪش، پنهنجي تقرير ۾ وڏي عقيدت جو اظهار ڪيو. ۽ ٻڌايو، 'بابا سرڪش، جڏهن گذاري ويو هو ته راشد مورائي بابا جي منهن ڏسڻ لاءِ پهچي ويو هو.' پوءِ ادي ناياب راشد کي هڪ گيت ڳائي گل نڇاور ڪيا.

سائين سچل سنڌي ۽ راشد مورائيءَ جو ڪلام ڳائي سڄو ماحول منڊي ورتو. ۽ سوڳوار بڻائي ڇڏيو. سائين سچل سنڌيءَ جو هڪ مخصوص آواز آهي. جيڪو محفل کي پنهنجي گرفت ۾ آڻي ڇڏيندو آهي.

لاڙڪاڻي جي ٻين ڪجهہ دوستن بہ اسٽيج تي ڳالهايو. لاڙڪاڻي جي وين ۾ ويل دوستن کان سواءِ ٻيا بہ ڪيترائي دوست اتي نظر آيا. جيڪي ڪنهن ريت پهچي ويا هئا.

منهنجي عادت هوندي آهي تہ هڪ هنڌ ويٺو هوندو آهيان. مشهور چواڻي موجب،

”حضرتِ داغ جہاں بیٹھ گئے بیٹھ گئے۔“

سرتاج ڪيهر آيو ۽ چيائين تہ ٻاهر هلون. پنڊال جي پرسان ئي اندر اسڪول ۾ مانيءَ جو بندوبست ٿيل هو. لاڙڪاڻي جا دوست ماني کائي رهيا هئا. ڏاڍي سٺيءَ مانيءَ جو بندوبست ٿيل هو. ڪڪڙ واري برياني ۽ اڇي رنگ جو مٺو. اسان کي ڏاڍي بُک لڳي هئي. سو اسين بہ کائڻ ۾ مشغول ٿي وياسين.

*

پنڊال ۾ موٽي وري هڪ پڪي جي سامهون وڃي ويٺس. ۽ مقررين جا پيش ڪيل عقيدت جا گل ٻڌي، خوشبوءِ محسوس ڪندي، روح جي عبادت ۾ مشغول ٿي ويس. ايتري ۾ سرتاج ڪيهر آيو ۽ چيائين، ”چاچا ويگن تيار آهي. هلو تہ هلئون.“

ان وقت ٽائيم اڍائي کان مٿي ٿيو هوندو.

خير ويگن تي چڙهي ويٺاسين. ’وري ساڳيا لاٽون ساڳيا چگهہ‘ سمورا دوست دل پشوريءَ ۾ لڳي ويا. لئين لڳي پيو جڻ ويگن ساڄاهہ وند اديبن سان نہ پر ڪِن ڇڙن سان ٽمٽار هئي.

نيٺ سائين سچل سنڌيءَ وچ ۾ پئي. غزل جو مشاعرو ڪرايو. جن ۾ سيني دوستن ڀرو ورتو. وري ساڳيو حال. ڊرائيور درازن ۾ سچل جي درگاهہ جي اڳيان ويگن کي بريڪ ڏني. ۽ وڃي سچل جي درگاهہ جي حاضري ڀري سين. مونکي سچل جي درگاهہ ۾ هڪ ڳالهہ نمايان نظر آئي تہ هڪ هجري اندر سچل جي قبر کان علاوه ڏهہ ٻيون بہ قبرون هيون. صفا تربتن سان ڪمرو ڀريل هو. چئني پاسن کان هلڻ لاءِ ننڍي جڳهہ هئي. حاضري ڀري پر وارن دڪانن تان گهر وارن لاءِ ڪجهہ ڦلا، ريوڙيون ۽ نُقل تبرڪ لاءِ ورتاسين.

دڪاندار کان پاڻي گهري بہ گلاسُ پاڻي پيتو. رجب علي هڪ جوس ڏنو. اهو بہ پي ويس. اُبس ۽ گرمي لوڏي ورتو هو.

ويگن ۾ چڙهياسين. گمبٽ واري پاسي کان ڊرائيور نعيم ڪرل جي فارم کان وڏي روڊ تي چڙهيو. ۽ لاڙڪاڻي پل پار ڪري هڪ هوٽل اڳيان لٿاسين. هاڻي گرمي ٿوري گهٽ ٿي چڪي هئي. جهڙالو موسم هو. چانهہ هوٽل تان پيتيسين. سيني پئسا ڦوڙي ڪري عيسيٰ ميمڻ کي ڏنا ۽ ان وڃي هوٽل جي مئنيجر کي ڏنا.

ادي ناياب کي شايد رتي ديري وڃڻو هو. اها لانئي محمود اياز سان گڏ رڪشي ۾ سوار ٿي موڪلائي هلي وئي. باقي دوست ويگن ۾ چڙهي پنهنجي ماڳ ڏانهن روانا ٿياسين.

ٽائيم شام جا 6 پئي ٿيا. سچل سنڌيءَ خاور قبولائي واٽ تي لاڙڪاڻي ۾ لهي ويا. مان، رجب علي ۽ سرتاج ڪيهر هوٽل مهراڻ مان پنهنجيون موٽرسائيڪلون ڪڍي ڳوٺ آگاڻي لاءِ روانا ٿياسين. ۽ اٽڪل ساڍي 7 وڳي ڌاري ڳوٺ آگانيءَ پهچي سُک جو ساهہ کنيوسين. ■

# ساحر راهو جا غزل

هن کي اَڄهو مون آڇيو بارش اُماس ۾
رهندي وٺي سا هُن ڇيو ڏرتي آڪاس ۾
تازي قبر تي هو لکيل، مرحوم عمر پر
پيتو سڄر انسان جو، رت هو گلاس ۾
سُورج مُکي حيران ٿي، ڪلهہ شام هو ڇيو
درياهہ کي چو ريس آ، توساڻ پياس ۾
لهرون نفيس پير کي، پوڄي لهي ويون
يادن جون سانوٽيون وٺيون، موسم اُداس ۾
چنچل ادا ڇو اوچتو، تنهنجي آ ٿي وئي
ڪنهن جي نِگاهہ ڇيڳلي، واسي ٿي واس ۾
پيڇري منجهان نجات تي، حيران هو پکي
ڪنهن کي اُميد ڪونہ هُئي، ظالم جي قياس ۾
مصلوب هر نگاهہ جو، مرڪز آ راحبا
انجيل باوضو اکيون، محفوظ ٿياس ۾
ساحر عجيب عشق هو، ڪچي گهڙي ڏنو
سُهڻي وصال ماڻيو، لهرن لباس ۾

*

خوبصورت گيت ڳائيندا رهيا
سنڌ کي شاعر سجائيندا رهيا
پنهنجي پنهنجِي ٿياس تي مصلوب سڀ
درد کي ڪُندن بنائيندا رهيا
چاندنين جي پوش کي، اوڍي ڏيئا
رات کي سُرمي جان پائيندا رهيا
دلبري ورٿو هُئن تڏهين ڪَوي
ديس جي ڏڙڪن ڪنائيندا رهيا
شهر سُندر خواب جون اوڍيون رليون
۽ ستارا جڳمڳائيندا رهيا
تو نہ مستن جون ڏٺيون مستيون هيون
دار تي پي مُسڪرائيندا رهيا
داغ ماٿي تي سجائي سر ڦريا
عاشقي اوچي اُڏائيندا رهيا
سرفروشن جا ئي سر ساحر سدا
شان مقتل جو وڌائيندا رهيا

*

هُن جي ڇهري تي ايئن اکيون لٿيون
جيئن جاڙيون سمنڊ ۾ نديون لٿيون
چپ جي مٿاس تي هر شام جو
ٿوليون ٿي شهد جون مکيون لٿيون
پير جي ريشم ۽ نرمل ڇُهاءَ تي
دلرُبا جي ديس ۾ سخيون لٿيون
ڪنهن وڇايا وار هئا خوشبوءِ هٽي
گهر ڪڪائين تي هُيون پريون لٿيون
گج ۾ چمڪيا ستارا چنڊ ٿي
يا ٽِڪين جي رُوپ ۾ ڪتيون لٿيون
ڍنڍ ۾ جاڙا ڪنول وهنتا پئي
يا تہ سنڌو ۾ هُيون گوپيون لٿيون
ساهہ ۾ ڪنهبو سُڳنڌ ساحر لٿو
روح منهنجي ۾ عجب مستيون لٿيون

*

شهر چالاڪ ۾ هُو اناڙي هُيو
تو تماشو ڪيو هڪ لچاڙي هُيو
جنهن جي پٿر هُجڻ جي تو فتويٰ ڏني
پنهنجي اندر ۾ شيشي جي ماڙي هُيو
روح تائين پرين سيڪ پهتو پُئي
تنهنجو لهجو ٻريل جڻ اُماڙي هُيو
چنڊ کي جنهن ڇُهڻ جي ڪئي ٿي دعويٰ
ڪيو چڪور وانگي لباڙي هُيو
هُن کي مليا هميشہ لبيل جام هئا
پنهنجي تقدير ۾ هو ڪباڙي هُيو
حادثن جي دُعا هُن جو ورثو هُئي
هو جو ٻارهون عمر پر ڪلاڙي هُيو
رُوپ ٻهروپ کي مان نہ پرکي سگهيس
شهر چاهين جي اي دوست واڙي هُيو
ڪنهن بہ درٻار جو در نہ ٻڌجي سگهيو
جهوپڙي ۾ رهيو چو تہ پاڙي هُيو
زندگي کي سگهيو ڪانہ ترتيب ڏئي
چنڊ ساحر جيان ئي جُڳاڙي هُيو

*

رات دل ڪنهن ياد ۾ ڏُکندي رهي
چاندني ناسور جيئان، چُڀندي رهي
خواب ماڻيو خودڪشيءَ جو مرتبو
سايبان چوري چني رُلندي رهي
هُن رُڳو هُئي ڳنڍ ڪولي درد جي
دل بصر جي تهن جيان کُلندي رهي
آسرا آڪاش کان اوچا هُيا
پر جُهڪي اُميد جي جُهرندي رهي
بيوسين جا لڙڪ مون سان گڏ رُنا
سانت همدم دوست جان ٻُڌندي رهي
پوڙهي وئشا جي اکين ۾ مور جان
هڪ جواني رُج ۾ ٻُڪندي رهي
ڪنهن هٽي تاريخ کي گولي چڏي
رات ساري راڳڻي رُئندي رهي
جا گُناهن جا نہ ساحر گيت ٿي
زندگي سا ذلتون اُٽندي رهي

*

هلندا رهياسين اِن ڪري، ڏاڻ اُماس ۾
آزاد باک هُئي لکل، ميري لباس ۾
تنهنجي ڇپن جون ڪڪريون، وسنديون رهيون مگر
آئي ڪمي نہ رات پر، منهنجي پياس ۾
جيڏو سڪون جبر هو تنهنجي ڏنو پرين
ايڏي تڙپ ۾ تاس آ، تنهنجي قياس ۾
تو سان ملي بہ درد جون، ساڳيون ئي سرڪشون
توسان ملي بہ دل اُها، موسم اُداس ۾
ڪنهن جي سنپار مور جان، رقصان هُئي رات پر
آب حيات ڪنهن پريو، دل جي گلاس ۾
ايڏي ڪنور گفتگو، تنهنجي ڪڏهن نہ هُئي
جاڻان نہ زهر ڪنهن پريو، تنهنجي ميٺاس ۾
ڪومل ڇپن جون دلبريون، سُرمئي اکين جا جام
ساحر ڪٽي هو تو وٺان، موٽيو اساس ۾. ■




# پيار جي رڪ هيرمن ۾...

حبيب الله حضوري ڏيرو

ماڻهو شاعري ڪرڻ لاءِ ڄمندو ناهي پر ڪڏهن پنهنجي روح جو راڳ شاعري جي وسيلي ڳائيندو ضرور آهي ۽ اندر جو احوال شعوري طور ويهي سهڻا الفاظ سٽي ماڻهن کي مستانو ڪري جهومائيندو ۽ گرمائيندو بہ آهي .

نماڻي هجر ۽ فراق سان گڏ مذهبي ڪردارن کي بہ ياد ڪيو آهي. پيار جي بدلي پيار جو نہ ملڻ شاعريءَ جو اهم موضوع آهي.

پيارجنهن کي ڏيان ٿو سڏي
سوئي نفرت عطا ٿـــو ڪري

ڪنهن ڏاهي چيو آهي تہ هي زندگي پيار ڪرڻ لاءِ ٿورڙي آهي ماڻهو هن حياتي ۾ نفرت ڪرڻ لاءِ ٽائيم ڪيئن ٿا ڪڍن ؟نماڻو صديق مهيسر بہ ساڳي ڳالهہ بيان ڪري ٿو.

نـــفـرتـن جـا ڍيـر مـن ۾
ڇـورڪـيـن ٿـو ويـر مـن ۾

✻

هي حـيـاتـي ٿــــورڙي آ.
پيارجي رڪ هـيـر مـن ۾!

عاشق مجبور هوندو آهي. غلامي ڏيندو آهي. نوڪرتي گذاريندو آهي. معشوق جو مال چاريندو آهي. پر هي پهريون عاشق آهي جيڪو ٻالو ٿيڻ جي لاءِ تيار آهي هڪ غزل ۾ چوي ٿو.

اوهان جي غلامي اکين تي رکي مون!
اوهـــان لئہ ’نماڻو‘ تہ ٻالو بہ ٿـــيندو!

استاد بخاري هڪ شعر ۾ چيو آهي تہ اسين پُرامن سنڌي آهيون پر ڏرتي، سرتي لاءِ تڪرار ڪرڻ اسان جو شيوو آهي. ساڳي ڳالهہ نماڻو صديق مهيسر بہ ساڳي روايت قائم ڪري ڇوي ٿو.

تنهنجي خاطر لوڪ سان وڙهندو ويم!
۽ رڳـــو تـڪـرار ۾ ڦـاسي پيـــس !

خواب جي ڳالهہ ٿو ڪري يا حقيقت بيلي ڪري ٿو. ميلاپ جي منظرڪشي دلفريب انداز ۾ ڪئي اٿئين.

نيڻ تنهنجا ٿو چـمـان مـان!
چڻ هوا ۾ ٿـو اُڏان مـان!

✻

سڪ واري ساٿي جي وڇڙڻ سان ٻيو تہ ٺهيو پر گهر جا دروازا. اڱڻ ۽ صحن بہ ٻُسا لڳندا آهن ۽ پياري ماڻهو جي اچڻ سان جذبا بہ جاڳي پوندا آهن ۽ قسمت کُلي پوندي آهي. نماڻو صديق مهيسر بہ اها ڳالهہ ائين بيان ڪندي نظر اچي ٿو.

ٻاڻ سان گڏ سڀ ستارا جاڳيـا!
گهـــر ٻُسي جا در ۽ جارا جاڳيا!

✻

رات ساري گڏ ’نماڻي‘ سان هيا!
ڄامشوري جـــا نظارا جاڳيا!

ڇون ٿا تہ عاشق کي ٻين پٿر پئي هنيان تہ برداشت ڪندو رهيو پر جڏهن محبوبا هن کي گل هنيو تہ رڙ نڪري ويس تہ نماڻو صديق مهيسر جي بہ حالت ساڳي آهي. ’ٻين جون اذيتون تہ سهي سگهان ٿو پر تنهنجي گل جو ڏڪ سهڻ جوڳو ناهيان.‘

نماڻو صديق مهيسر رومانويت جو اظهار هيئن ڪري ٿو.

پيار جي مـون التجا آهـــي ڪئـــي!
پيار جي تـــو ابتدا آهـــي ڪـئي!

هن جي شاعري ۾ اميرن کي بہ هدايت ڪيل آهي تہ اوهان کي اسان تڏهن مجنداسين جڏهن اوهان غريبن جو بہ خيال رکندوَ جيئَن هن شعري ۾ چوي ٿو.

ٻاڻَ ڪائين ست رنگـــا طـعام تون!
پر ٻکين کي پي ڳيو ڏي پو ميـــان!

✻

ڏين غريبن کي ڏڪا ڇڙٻـــون پيو!
قرب تن کي تون جهجهوڏي پو ميان!

✻

ڪوگهري توکان خدا نالـــي اگـــر!
گهر ٻُهاري تون سڄو ڏي پـــو ميان!

✻

ڏات جي جا روشني مون کي ملي!
شاعري توکي ڇڏي ارپـي پرين!

✻

سنڌ ڌرتيءَ تي ڄامشورو اهڙو شهر آهي جنهن کي هر هڪ شاعر پنهنجي ڪوتا جي زينت بڻايو آهي اهڙي طرح نماڻو صديق مهيسر بہ پنهنجي شاعري ۾ ڄامشوري جو ذڪر ايئن ٿو ڪري

ڄامشوري جي هوا جهـــڙي مٺي!
سچ لڳين ٿي تون دعا جهڙي مٺي!

✻

توکي ڏسندي دل پئي جهومي مٺي!
خاڪ ڪربل جي شفا جهڙي مـــٺي!

سنڌ ڌرتيءَ سان محبت جو اظهار هيئن ڪري ٿو.

سنڌ تو تي لکان بيت وايون غزل
پر قلم ڪارلئہ زندگي ٿـــورڙي ■



شير هاليپوٽو

# ٿيا سين هاڻ بيگانا...

خوشين جي ڏينهن تي جانان
رهيا هي نيڻ نيرانا
ڇپن تنهنجن تي هڪ پيرو
ٽڙيو غنچو نہ ٺهڪن جو
هئو ڇڻ دل جي ڌرتي تي
رسالو درد سان پرپور
کهاٽيون بيقراري جون
هيون کي ذهن سان جڪڙيل
نهارون تي بنجر ويئون
نماشامن اکيون آليون
ٻٽيون سڀ درد ديواليون
لڳن ٿا زهر مئخانا
خوشين جي ڏينهن تي جانان
ڏيئو ڪوهو محبت جو
اجهاڻو تنهنجي دل مان ڇڻ
سنيها ڪئين اماٽيان مون
ڇٽيل گلڙن جي پن ڇڻ جا
هئا ڇڻ شام جا سڏڪا
هيو جو روح ۾ موجود
خرد کي مات ڏيئي ويو
اسان جا حال مستانا
خوشين جي ڏينهن تي جانان
مهانگي ٿي وئي محبت
مگر سرڙا ٿيا سَستا
پتو ڪو پيار جو ناهي
ڪٽي ڳوليان ڪٽي ڳوليان
سنجهائون سڀ سياري جون
اُڏامن ڪُڙڪبيتن سان
تنهنجون يادون پچاريون ٿا
روئي راتيون گذاريون ٿا
ٿيا سين هاڻ بيگانا
خوشين جي ڏينهن تي جانان.



حيدر مهراڻي

مام سان جا ڪلي وئي آهي
ساهہ منهنجو ڪدي وئي آهي
عشق مونکي ائين نوازيو آهہ
درد سان دل ملي وئي آهي
اوچتو هو گذر ٿيو هن جو
خوشبو ٻڄي ڳلي وئي آهي
دونهون دونهون ٿيو سڄو ماحول
ڪنهن جي ارتي جلي وئي آهي
ڪجهہ ڪندي ڳالهيون ستارن سان
رات ڪاري لهي وئي آهي
عڪس ڪوئي نديءَ ۾ جرڪي ٿو
نڪ جي ڪيري ڦلي وئي آهي
روز وانگر هوا ڪٽي يادون
شام ٿيندي ڪلي وئي آهي. ■

## شيام ڪمار

### ورلاپ...

آنٽي پارڪ جي ڊورانهين ڪنڊ تي مينهن-ڦڙ جو پڙلاءُ
۽ وڻ تان ڪوئل جي سروم دڪم دڪم ڪُوڪ
بادلن جي ويڳاڻي اوندهہ مان
سندن پڙاڏي جي گونج
پارڪ جو پيچرو ڪوهيڙي ڍانهن سُرندڙو
منهنجا قدم ڄمي وڃن ٿا، ۽
اڪيلي ڪوئل جي ڪُوڪ ٻڌندو رهان ٿو!
مينهن ڦڙن جو وچ ۾ پردو-
وڇوڙي، جدائي جو پردو!
اوچتو ڪنهن ابدي ڇيڙي تان
هڪ ڪري ان ڪُوڪ جو ٻيهر پڙلاءُ!

پنهنجي مختصر زندگي جي ڏکي ٿڪليل وقت ڍانهن
مڙي ڏسان ٿو:
محبتن جو موهيندڙ سنگم، ۽
ويساهہ گهاتين جو ايذائيندڙ اجهل سلسلو!
پرڪشش چاهت پريا چهرا- هاڻ عدم واسي
وڏراهہ جهڙا پيارا يار- سُڪن پنن جيان ڊور ڦڪليل
جڻ ان ڪوهيڙي ۾ سدا لئہ الوپ ٿي ويل، ۽
شايد ان جي ڇيڙي تي، ڪٿي نہ ڪٿي، پساهہ کڻندا هوندا؟
پر، هَٽَ 'وقت' ڪان پالها آهن، انڪري
هڪ ڇيڙي ڪان ٻئي ڇيڙي تائين جستجو بيسود!

ڪوهيڙي جي جڪڙ پڪي پئي ٿئي
اڪيلائپ جي آڪاسي آڪار مان نڪرڻ محال آ- ۽
تيزي سان گهليندو رهي ٿو!

ڪوهيڙي جي ساگر ۾، هِتي ۽ هُتي
جيئن ڪا آتما ڪنهن آتمأ کي سڏيندي هجي
هاءِ! ڪوئل جو اجهل ورلاپ
ڪوئل جو اجهل ورلاپ!

*

### گم ٿيل عنوان...

سکر جي 'ايڪروپولس' تان پسيم:
پتڪڙي ٿيندڙ سنڌوءَ
جي پيٽ ۾ سسندڙ ساڌ ٻيلو!
'نوحي' طوفان جيان، ۽ اُن ۾
چوگرد ڦهليل، پل پل الوپ ٿيندڙ سکر-
جڻ پوائتو مُنديل آستان!
مندر، مسجدون، گرجا گهر ۽ گردوارا
نپٽ ۽ غائب- ۽
پسجن ٿا پوائتا بوتا!
البت مردن ۽ زائفن جا هشام
پر، بهروپ ۾،
جنن ڀوتن ۽ ڏائڻين جي روپ ۾!
رام رحيم عدم جي 'عدم' ۾ جلاوطن!!
پتڪڙي ٿيندڙ سنڌو- ۽
سسندڙ ساڌ ٻيلو؟

## مشتاق بخاري

سونهن جو سمنڊ تون مان ڪنارو پرين
توسان هوندي بہ آهيان اجارو پرين
مرڪ جا، موهہ جا تو ۾ موتي لڪين
خالي خالي رهان ٿو اڌارو پرين
اڪ ڪٽي ڪوبہ مونڌي نهاري نہ ٿو
تنهنجو هر ڪو وني ٿو نظارو پرين
تو سوا زندگي ٻارُ مونکي لڳي
مونکي تنهنجو ڪپي ٿو سهارو پرين
تون تہ 'مشتاق' جي جند آن جانِ آن
ساهہَ کان ڀي گهڻو آهين پيارو پرَين.

*

## بيتاب ناپر

درد ۾ همدردي رکجانءِ
مُور نہ بيدردي رکجانءِ
ايندسُ آئون پتنگن ساڻ
شمع بڻِ تون ٻرندي رکجانءِ
توکان گهرنديون خواب اکيون
تون 'ها' جي ورندي رکجانءِ
ڪيڏو ڀي انياءُ هجي
جذبن جي بلندي رکجانءِ
مؤجن جي وروڪڙن ۾
تون ڪشتي ترندي رکجانءِ
منهنجو ڪير نٿي جڳ ۾
محبت ساهُ سندي رکجانءِ
شاهہؒ جا پيروڪار آهيون
ديش سان دلبندي رکجانءِ.

*

## 'بيوس' بهار سومرو

نہ ياڳ جون اکيون ڪُليون نہ جاڳ جو سفر ڪُٽو
عذاب گهاٽ تي وڃي اسان جو هر پهر ڪُٽو
نہ چيخ ڪنهن ٻُڌي ڪڏهن نہ سار ڪنهن لَڌي
اجاڙ ۾ سڄو ائين عمر سندو سفر ڪُٽو
ڀُري ڀُري ڀُري وَئي ڪا جنڊڙي جُهري وَئي
نہ قيد جا ڪَڙا ٽُٽا نہ قيد جو قهر ڪُٽو
نہ پير ٿاڪ تي پُڳا نہ نيڻ ڪاڪ تي پُڳا
اجا سفر ۾ پير ها بهار دم گذر ڪُٽو.

*

## قادر سيال جُهڏائي

اٽيورين آسن تي
وقت ڪٽيو مون واٽن تي
پرت جو پياسي هڪڙو پکيئڙو
لات لنويو پي لامُن تي
ساريو وينو لڙڪ وهايان
توسان گهاريل شامن تي
رت ۾ لت-پت لاش نهاريو
قهر ڪو گذريو مائن جي
پل پهر جو وعدو تنهنجو
پهتو وڃي چو سالن تي
قادر وقت سو ڪيئن وساريان
روز ستو تي ٻانهن تي.



## صنم نجيب

اکين جي شرارتن ۾،
چپن جي جُنبش ۾،
هٿن جي حرارتن ۾،
عجب هڪ مستي آ،
ڏينهن ڏٺي ڏيکاري جا،
نظارا رات جا،
اهڙي تنهنجي هستي آ،
سهڻا سڄڻ ڳالهہ اها،
سربستي آ،
ڏاڍي تو ۾ مستي آ،
عظمتن جو اعلا نمونو،
حُسن تنهنجو،
چشم فطِرت کي مِلي ٿِي،
تسڪين تنهنجي،
هڪ جهلڪ سان،
تلاش ۾ رهيس ازل کان،
اهڙي سهڻي محبوب جي،
جنهن جِي آغوش ۾،
نرمي هُجي، برگ گل کان گُداز،
جيڪا هُجي، ڪنولِ جي گُل جيان"
جوبن جي نشي ۾ چور،
جنهن جي نزاڪت تي،
ڪري بادِ صبا ناز،
پوءِ عشق محبت کي،
سنواري ڇڏيون،
بچيل زندگِي باقي "صنم"،
ياڪرن ۾ گذاري ڇڏيون،
ڇڏي پچار دنيا داريءَ جِي،
پي پيالا پريم جا پاڻ،
اَندر پنهنجا ٺاري ڇڏيون.

*

## الفت وسيم

پوري ڪاليج ۾ ڇوڪري هڪڙي
سونهن سهڻي وئي وٽي هڪڙي
پيار تنهنجو نہ تار پهتو ڪو
هيڪلائي رڳي پڳي هڪڙي
موت مهمان ٿي هلي آيو
بي وفائي سندءِ ڪٽي هڪڙي
جنهن کي منزل ٿا آخري سمجهون
ان جي آهي مسافري هڪڙي
سا بہ قربان آ پرين توتي
جا ملي آهي زندگي هڪڙي. ■

